

Flash Fiction

# رات ريل ۽ رڻ پٽ

## زيب سنڌي

افساني کي ڪوڙ ۽ تاريخ کي سچ
سمجهي پڙهيو ويندو آهي پر تاريخ ۾
ڪوڙ ۽ افساني ۾ سچ لکيو ويندو آهي!




Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# رات، ريل ۽ رڙ پَٽُ

# رات ۾ ريل ۽ رڻ پٽُ

(فليش ڪهاڻيون/افسانا)

## زيب سنڌي

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو، سنڌ

2023ع

ڪتاب جا سمورا حق واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ
ڇاپو پهريون    فيبروري 2023ع    تعداد 500

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

قيمت: ٻه سؤ سٺ رپيا
(Price, Rs: -260-00)

**خريداري لاءِ رابطو:**
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)
Email: sindhiab@yahoo.com
www. Sindhiadabiboard.org www.sindhiadabiboard.net

هيءُ ڪتاب سنڌ جي قومي اداري سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شوري ۾ مئنيجر خضر خان وگهيو ڇپيو ۽ سيد سڪندر علي شاهه، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# انتساب

محبت جي رشتن کي موت بہ ماري ناهي سگهندو
امڙ ۽ ڀيڻ عائشه جي نالي

# ڇپائيندڙ پاران

فليش فڪشن ڪي دنيا جي ٻين ٻولين جيان سنڌي ادب ۾ به تيزيءَ سان مقبوليت حاصل ٿي رهي آهي. فليش ڪهاڻيءَ جو پيرو کڻجي ته اها سعادت حسن منٽو کان ٿيندي فرانز ڪافڪا، ليوٽالسٽاءِ ۽ ايسپ جي آکاڻين تائين وڃي پهچندي. آڳاٽي دؤر جو ڇپيل ڪتاب ”ايسپ جون آکاڻيون“ هن صنف تي دنيا جو پهريون ڪتاب ليکي سگهجي ٿو، جيڪو سال 1854ع ۾ ديوان ننديرام ميراڻي سيوهاڻيءَ کان سنڌ جي ٽڏهوڪي اسسٽنٽ ڪمشنر مسٽر ايلس سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرائي شايع ڪرايو هو.

هيءُ ڪتاب ”رات، ريل ۽ رڻ پٽ“ سنڌي ادب جي معروف ڪهاڻيڪار زيب سنڌي صاحب جي فليش فڪشن جو مجموعو آهي، جنهن ۾ انتهائي ڇرڪائيندڙ ۽ معنيٰ سان ڀرپور قصن کي مختصر لفظن ۾ بيان ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ شامل مختصر ۽ دلچسپ ڪهاڻين ۾ سماجي حقيقت نگاري وسيلي بيان ڪيل اسان جي سماج اندر ٿيندڙ واقعن جا عڪس به چٽا نظر اچن ٿا، ته ساڳئي وقت فينٽسي، سائنس فڪشن ۽ علامتي انداز واريون ڪهاڻيون به موجود آهن. موضوعن جي حوالي سان هي افسانوي ادب تي گهڻ رخو ڪتاب آهي.

زيب سنڌي صاحب جي تحرير جي دلڪشي ۽ اسلوب ڏاڍو دلپذير آهي ۽ لکڻ جو اِهو انداز پڙهندڙن کي اتساهيندڙ ادب جو هڪ اهم حصو آهي. زيب سنڌي جي هِن قلمي پورهيي کي ميجتا ڏيندي،

سنڌي ادبي بورڊ طرفان هيءُ ڪتاب ”رات، ريل ۽ رڻ پٽ“ جناب چيئرمين صاحب طرفانِ شروع ڪيل 150 ڪان 200 صفحن واري اسڪيم تحت ڇپائي پڌرو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

سنڌي ادبي بورڊ جي اِها شروع کان ئي ڪوشش رهي آهي ته، سنڌي ادب جي ناميارن ليکڪن جا معياري ڪتاب اوليت جي بنياد تي شايع ڪري منظرعام تي آڻجن. موجوده وقت ۾ بورڊ جي مانواري چيئرمين عزتمآب مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جن جي خاص دلچسپيءَ تحت اداري طرفان نوان ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن. سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڪتاب ”رات، ريل ۽ رڻ پٽ“ جو هيءُ پهريون ڇاپو بورڊ جي مانواري چيئرمين جناب مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جن جي سرڪردگيءَ ۾ بورڊ طرفان شايع ڪري سرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان.

توقع آهي ته، سنڌي ادبي بورڊ جي هيءَ ڪاوش اوهان پڙهندڙن وٽ مڃتا ماڻيندي.

| | |
|---|---|
| 28- رجب المرجب 1444هه | سيد سڪندر علي شاهه |
| 20- فيبروري 2023ع | سيڪريٽري |

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| 1. | يارهون بگهڙ | 13 |
| 2. | مجسمو | 15 |
| 3. | پراسرار رستو | 15 |
| 4. | اجنبي شهر جي عورت | 20 |
| 5. | پيو ڪهاڻيڪار | 23 |
| 6. | فڪشنسٽ | 25 |
| 7. | ڪمرو نمبر ستون | 27 |
| 8. | ذهين فيبروري | 29 |
| 9. | ٽيهن سالن کان پوءِ | 31 |
| 10. | سرحد پار جي عورت | 33 |
| 11. | رات، ريل ۽ رڻ پٽ | 35 |
| 12. | ٻسڪوري 2047 | 37 |
| 13. | سپريم پاور | 39 |
| 14. | مصنوعي ذهانت واري عورت | 40 |
| 15. | آخري جنگ | 42 |
| 16. | سمنڊ، سندري ۽ بادل | 44 |
| 17. | چنڊ، چڪور ۽ سندري | 46 |
| 18. | محبت جو نظم | 47 |
| 19. | سپنو ۽ ساپيان | 48 |
| 20. | هٿ تي موجود شهر | 49 |
| 21. | پاڙيسري | 51 |
| 22. | بادشاهه جي بانسري | 52 |
| 23. | بندرا نيرُو | 54 |

.24 پينڊورا جي پيٽي ........ 56
.25 پولٽن جو بادشاهه ........ 58
.26 انصاف جو دڪان ........ 59
.27 صدين تائين ورجائجندڙ آکاڻي ........ 61
.28 قيدي شهر ........ 63
.29 هڪ ملڪ جو منظر نامو ........ 64
.30 ٽوپي ڊرامو ........ 66
.31 آئينو ڏوهاري آهي ........ 67
.32 رت پياڪ ........ 68
.33 باغي ........ 70
.34 احتجاج ........ 72
.35 متحرڪ ماڻهو ........ 73
.36 دوربين ........ 74
.37 سمنڊ ڪناري رڙندڙ ماءُ ........ 75
.38 وتايو فقير ان ٽربل ........ 76
.39 انسان جي آتم ڪٿا ........ 78
.40 ديوارون ........ 80
.41 افسانو ........ 81
.42 گامون روڊ ........ 82
.43 بدمعاش ........ 84
.44 گامون گردي ........ 85
.45 پنج سال ........ 86
.46 مارڪيٽ ويليو ........ 88
.47 گامون ۽ مان ........ 89
.48 اندر جو ٻار ........ 91
.49 ٽيون دوست ........ 92
.50 وتايو گامون ۽ ٽيون شخص ........ 94
.51 ٻيا ماڻهو ........ 96
.52 شڪاري ........ 97

| | | |
|---|---|---|
| .53 | شرم | 98 |
| .54 | انتظار حسين جون اکيون | 100 |
| .55 | دشمنن جي شهر ۾ | 102 |
| .56 | ڪتا | 103 |
| .57 | امرتا جي ماءُ | 104 |
| .58 | ٽارچر سيل | 105 |
| .59 | جيئري مري ويل ماڻهو | 106 |
| .60 | ڪفن موٽائي ڏيو | 108 |
| .61 | ڪفن جا ٽڪرا | 110 |
| .62 | روح جي اڏام | 112 |
| .63 | پيو وائرس | 115 |
| .64 | ڪوڊ وارڊ جو بند دروازو | 118 |
| .65 | نظر نہ ايندڙ هاٿي | 120 |
| .66 | سوين قاتل | 121 |
| .67 | سماجي دشمن | 122 |
| .68 | ماسڪ مٿان نظر ايندڙ اکيون | 123 |
| .69 | نافرمان جهمورو | 125 |
| .70 | بيٽ، بيلٽ پيپر ۽ جهمورو | 128 |
| .71 | جهمورو ۽ سرڪاري بي حسي | 130 |
| .72 | زيان | 132 |
| .73 | احتجاج | 133 |
| .74 | ٻهروپيا | 134 |
| .75 | مجبوري | 136 |
| .76 | پاروتي زندگي | 138 |
| .77 | آخري نوٽ | 140 |
| .78 | حياتي هوتن ريءَ | 142 |
| .79 | لڙڪ ميڙيندڙ پيڙ | 144 |
| .80 | ساڳيو رستو | 145 |
| .81 | آخري ڏينهن | 147 |

.82 تماشو ........ 148
.83 نسخو ........ 150
.84 درد جو صحرا ........ 151
.85 ڪاسائي ........ 153
.86 ڪرب ........ 154
.87 نوڪرياڻي ........ 156
.88 عورت ڪتا ........ 157
.89 ڪنهڙي پر بيٺل عورت ........ 158
.90 معصوم فريادي ........ 160
.91 ناراض منصف ........ 162
.92 ٽارگيٽ ڪلر ........ 164
.93 ٽائيم بم ........ 165
.94 خودڪش بمبار ........ 167
.95 دهشت گردي ........ 168
.96 شاهه زمان جو ڊرائنگ روم ........ 169
.97 بوتل، بوٽ ۽ ڪتاب ........ 171
.98 لفظن جا جادوگر ۽ هڪ ڇوڪري ........ 172
.99 دانشور ........ 174
.100 مسافر ........ 175
.101 ڪهاڻيڪار ۽ محقق ........ 177
.102 انسانيت زنده آهي ........ 178
.103 بادشاهي فيصلو ........ 179
.104 عاشق سدائين انتظار ڪندا آهن! ........ 181
.105 مائڪرو فڪشن ........ 183

# يارهون بگهڙ

نوجوان عورت لڳاتار ڊوڙي رهي هئي. سج لهي رهيو هو ۽ ڪيترائي بگهڙ عورت جو پيڇو ڪري رهيا هئا. عورت بيهڻ کان سواءِ پوئتي ڪنڌ ورائي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي پر تمام تيز ڊوڙڻ واري حالت سبب هوءَ پوري طرح ڪنڌ ڦيرائي نه سگهي.

عورت ڊوڙندي رهي.

بگهڙ سندس پيڇو ڪندا رهيا.

اوچتو عورت کي ٿاٻو آيو ته هن سيني ڀَر وجي زمين تي ڦهڪو ڪيو. هيٺ ڪِرڻ سان ئي هن وڪريل وارن کي مُنهن تان پري ڪري، هڪدم ڪنڌ ورائي پوئتي ڏٺو.

ڪيترائي بگهڙ ڊوڙندا عورت ڏانهن وڌي رهيا هئا.

عورت تڪڙ ۾ اٿي ۽ بنا ساهيءَ جي وري ڊوڙڻ شروع ڪيائين. عورت کي پڪ هئي ته سندس تيز ڊوڙ سبب بگهڙ هن تائين نه پهچي سگهندا ۽ سج لهڻ کان اڳ ۾ هوءَ ڪنهن محفوظ هنڌ تي پهچي ويندي.

عورت ڊوڙندي رهي.

بگهڙ سندس پيڇو ڪندا رهيا.

لڳاتار ڊوڙندڙ عورت کي اوچتو احساس ٿيو ته بگهڙن جي ڊوڙڻ جا آواز هن جي ويجهو ٿيندا پيا وڃن. نه چاهيندي به هڪ لمحي لاءِ پيهي هن پوئتي نهاريو ته سندس لڱ ڪاندارجي ويا!

خونخوار بگهڙن جون زبانون سندن وات جي پاسي وارن وڏن ڏندن وچ مان ٻاهر لُڏي رهيون هيون ۽ اهي تيزيءَ سان اڳتي وڌندا پئي آيا.

عورت پنهنجي جسم جي پوري طاقت گڏ ڪئي ۽ وري ڊوڙڻ شروع ڪيائين. هن سامهون نظر ايندڙ وڻن جي جُهڳٽي تائين پهچڻ تي چاهيو جيئن ڪنهن وڻ مٿان چڙهي پنهنجي جان بچائي سگهي پر جيئن پوءِ تيئن بگهڙن جي ڊوڙڻ جا آواز سندس ويجهو ٿيندا پئي ويا. وڻن جي جُهڳٽي جي ويجهو پهچي عورت جي ڊوڙڻ جي رفتار گهٽجي وئي. هن کي پڪ ٿي وئي ته هاڻي هوءَ پاڻ کي بگهڙن جي حملي کان نه بچائي سگهندي.

سچ لهي ويو۽ بگهڙ عورت جي ويجهو پهچندا ويا.

عورت آخري ڀيرو تيز ڊوڙڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ وڻن جي جُهڳٽي ۾ پهچي وئي. وڻن جي جُهڳٽي ۾ هن هيڏانهن ھوڏانهن ڊوڙي، چڙهڻ لائق ڪنهن محفوظ وڻ جي ڳولا ڪئي ته اڌ اونداهيءَ ۾ بگهڙ سندس چوڌاري ڦري آيا.

عورت ويجهو موجود هڪ وڻ تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ته هڪ بگهڙ جا تکا ڏند سندس هڪ پير ۾ چُڀي ويا. هن چڪ ڏئي پنهنجو پير بگهڙ جي ڏندن مان ڇڏايو ۽ وڻ تي چڙهي وئي.

سيئي بگهڙَ وڻ جي چوڌاري گهيرو ڪري ويهي رهيا.

وڻ تي چڙهي ويل عورت هڪ مٿاهين ڏار تي ويهي، هٿ جو زور ڏئي پنهنجي زخمي پير منجهان ٽمندڙ رت کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پوءِ هيٺ نهاري بگهڙن جي ڳڻپ ڪئي. چمڪندڙ اکين سان عورت ڏانهن گُهوريندڙ اهي ڏهه بگهڙن هئا. سخت تڪليف، ٿڪاوٽ ۽ خوف سبب عورت اکيون بند ڪري ڇڏيون. ڪيتري دير کان پوءِ چنڊ جي روشنيءَ ۾ عورت اکيون کوليو، وڻ کي گهيرو ڪري ويٺل بگهڙن ڏانهن ڏٺو.

ڏهن ئي بگهڙن جون چمڪندڙ اکيون عورت ۾ کُتل هيون ۽ چنڊ جي روشنيءَ ۾ بگهڙن جا ڏند چٽا نظر اچي رهيا هئا .

عورت کي هيٺ نهاريندي ڏسي هڪ بگهڙ اٿي بيهي، مٿي مُنهن ڪري اوناڙ ڪئي. جواب ۾ مٿان کان ڪنهن بگهڙ اوناڙ ڪئي ته عوت ڇرڪي مٿي نهاريو. وڻ تي ويٺل عورت چنڊ جي روشنيءَ ۾ ڏٺو ته ساڳئي وڻ تي سندس مٿان واري ڏار تي يارهون بگهڙ موجود هو.

# مجسمو

سنگتراش هڪ مجسمو گهڙي مڪمل ڪيو تہ سندس چهري تي مرڪ تري آئي. هو اڃا مجسمي ڏانهن ڏسي رهيو هو تہ اسٽوڊيو جو در کلڻ جو آواز ٿيو.

سنگتراش ڪنڌ ورائي دروازي ڏانهن ڏٺو.

دروازي ۾ اوور ڪوٽ پهريل هڪ شخص بيٺو هو جنهن جي هٿ ۾ ننڍڙو بريف ڪيس هو. انهيءَ شخص اسٽوڊيو ۾ موجود مجسمن ڏانهن ڏسي مرڪي چيو "مون پنهنجي ملڪ ۾ توهان جي ناهيل مجسمن جون فقط تصويرون ڏٺيون هيون. هتي اچي مون کي اندازو ٿيو آهي تہ توهان جي تراشيل مجسمن جو واقعي جواب ناهي!"

"مهرباني." سنگتراش پنهنجا هٿ صاف ڪندي ورائيو.

"مان پنهنجي ملڪ کان فقط توهان سان ملڻ لاءِ آيو آهيان." اوور ڪوٽ پاتل اوپري شخص اڳتي وڌي هڪ ڪرسيءَ تي ويهندي چيو "۽ مان ايئرپورٽ تان سڌو هتي آيو آهيان."

سنگتراش اوپري شخص جي سامهون ويهندي ورائيو "مان توهان جي ڪهڙي خدمت ڪري سگهان ٿو؟"

اوپري شخص هڪ نظر اسٽوڊيو ۾ موجود مجسمن ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ سنگتراش ڏانهن ڏسندي چيو "مان چاهيان ٿو تہ توهان منهنجو مجسمو ناهيو."

سنگتراش انڪار سان ڪنڌ لوڏي ورائيو "نہ مان فرمائش تي مجسما ناهيندو آهيان ۽ نہ ئي پنهنجا ناهيل مجسما وڪرو ڪندو آهيان."

اوپري شخص مرڪي چيو "مان توهان کي ايترو معاوضو ڏيندس، جيڪو توهان پنهنجي زبان سان گهرندا."

سنگتراش ناگواريءَ سان مُنهن ورائي ٻئي طرف ڪري ڇڏيو.

اوپري شخص، ٻئي طرف مُنهن ڪري ويٺل سنگتراش ڏانهن ڏسندي چيو، "هڪ ملين ڊالر."

سنگتراش ڪنڌ ورائي اوپري شخص ڏانهن ڏٺو پر ڪوبہ جواب نہ ڏنو.

اوپري شخص بنا دير جي چيو "ٻہ ملين ڊالر."

سنگتراش جي چهري تي حيرت جو تاثر ابريو. هو چاهيندي بہ ڪجهہ ڳالهائي نہ سگهيو.

اوپري شخص مرڪي چيو "ڏهہ ملين ڊالر."

سنگتراش ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر انتهائي حيرت ۽ بي يقينيءَ سبب سندس وات مان ڪو لفظ نہ نڪتو تہ هن هاڪار سان ڪنڌ لوڏيو.

اوپري شخص پنهنجي پرسان رکيل بريف ڪيس کولي ليپ ٽاپ ڪڍي آن ڪيو ۽ سنگتراش ڏانهن ڏسندي چيو، "توهان پنهنجو بئنڪ اڪائونٽ نمبر ٻڌايو."

سنگتراش بي يقينيءَ سان پنهنجو بئنڪ اڪائونٽ نمبر ٻڌايو.

اوپري شخص جون نظرون ۽ آڱريون ٿوري دير ليپ ٽاپ تي موجود رهيون ۽ پوءِ هن ڪنڌ کڻي سنگتراش ڏانهن ڏسندي چيو "مون ڏهہ ملين ڊالر توهان جي اڪائونٽ ۾ ٽرانسفر ڪري ڇڏيا آهن."

ان مهل ئي سنگتراش پنهنجي موبائيل فون تي ميسيج بيپ ٻڌي فون کڻي ميسيج ڏٺو تہ سندس بي يقيني يقين ۾ بدلجي وئي. ڏهہ ملين ڊالر سندس اڪائونٽ ۾ پهچي چڪا هئا.

سنگتراش ڪيترن ڏينهن تائين اوپري شخص کي سامهون ويهاري سندس مجسمو ٺاهيندو رهيو.

مجسمو ٺهي تيار ٿيو ته اوپرو شخص ڪرسيءَ تان اٿي پوئتي وڃي ويٺو.

سنگتراش مجسمي کي صاف ڪري، پنهنجا هٿ اگهي پوئتي نهاريو ته اوپرو شخص اسٽوڊيو جي دروازي طرف وڃي رهيو هو. سنگتراش حيرت سان چيو "پنهنجو مجسمو ته کڻي وڃو."

اوپري شخص ڪوبه جواب نه ڏنو. هن مرڪي سنگتراش ڏانهن ڏٺو ۽ دروازو کولڻ کان سواءِ بند دروازي منجهان ئي ٻاهر نڪري ويو.

سنگتراش سخت حيرت، پريشانيءَ ۽ خوف منجهان اوپري شخص جي مجسمي ڏانهن ڏٺو ته مجسمي چيو "پريشان نه ٿيو مان توهان جي اسٽوڊيو ۾ ئي موجود آهيان!"

# پراسرار رستو

هائي وي تي پنهنجي ڳوٺ ڏانهن ويندڙ رستي جي موڙ تي جنهن مهل مان بس منجهان لٿس ته سج لهي چڪو هو.

سج لهڻ کان پوءِ ڳوٺ ڏانهن ويندڙ رستي تي اڪثر پراسرار واقعا پيش ايندا هئا. جنهن ڪري ڳوٺ جا ماڻهو رات جي وقت انهيءَ رستي تان گذرڻ بند ڪري ڇڏيندا هئا.

منهنجي سدائين ڪوشش هوندي هئي ته شهر کان وقت تي واپس پهچي، سج لٿي کان اڳ ۾ انهيءَ رستي تان گذري وڃان پر ان ڏينهن رستي تي بس ۾ ڪا خرابي ٿي پئي. جنهن ڪري مون کي واپس پهچڻ ۾ دير ٿي وئي ۽ سج لهي ويو.

اونده ٿي رهي هئي. مون هائي وي تان وٽن جي وچ منجهان ڳوٺ ڏانهن ويندڙ پراسرار رستي ڏانهن ڏٺو ته منهنجي جسم ۾ خوف جي لهر ڊوڙي وئي.

مان سخت مجبوريءَ سبب جڏهن به رات جي وقت انهيءَ رستي تان گذريو هئس ته مختلف هنڌن تي اوچتو پوائتي شڪل وارو هڪ شخص منهنجو رستو روڪي بيهي رهندو هو. سندس جي اکين ۾ باهه ٻرندي رهندي هئي. هو اوچتو رستي تي ظاهر ٿيندو هو ۽ مون کي خوف ۾ مبتلا ڪري پراسرار نموني گم ٿي ويندو هو. ڪجهه فاصلي کان پوءِ وري اوچتو منهنجي سامهون ظاهر ٿيندو هو ته منهنجا لڱ ڪانڊارجي ويندا هئا ۽ مان وڌيڪ خوف ۾ مبتلا ٿي ويندو هئس. سخت خوف سبب مان هن سان ڪڏهن به ڪجهه ڳالهائي نه سگهيو هئس. مون کي پڪ هئي ته اهو انسان نه هو.

خوف سبب مان ڪيتري دير تائين هائي وي تي ئي بيٺو رهيس. ڳوٺ ڏانهن وڃڻ لاءِ ٻيو ڪو رستو به نه هو تنهن ڪري انهيءَ رستي تان ئي وڃڻ منهنجي

مجبوري هئي. مون ڏٺو ساهه کڻي ٽڪرڙو ٽڪرڙو وڻن جي وچ منجهان ويندڙ رستي تي هلڻ شروع ڪيو.

مان ٽن ڪلوميٽرن واري رستي تي هڪ ڪلوميٽر اڳتي ويو هوندس ته اوچتو پراسرار رڙ ٻڌي، ڇرڪي بيهي رهيس. رڙ جي آواز واري طرف نهاريم ته رستي کان پرتي اهو ئي پوائتي شڪل وارو شخص بيٺو هو ۽ سندس اکين ۾ باهه ٻري رهي هئي.

مون کي پاڻ ڏانهن نهاريندي ڏسي هو وڏيڪ پرتي هليو ويو. مون کي سخت حيرت لڳي ته جنهن کان مون کي خوف ٿيندو هو اهو مون کان ڊڄي رهيو هو. هن کي خوف ۾ مبتلا ڏسي منهنجو خوف گهٽجي ويو. مون ٻهريون پيرو هن ڏانهن ڏسندي ڳالهايو. "مون کي سدائين توکان خوف ٿيندو هو پر اڄ تون مون کان ڇو پيو ڊڄين!؟"

چيائين. "انسانن ۾ ڪورونا جي وبا ڦهلجڻ کان پوءِ اسان کي انسانن کان خوف ٿيڻ لڳو آهي." اهو چئي هو وڏيڪ پرتي هليو ويو.

# اجنبي شهر جي عورت

دنيا جي بيحد خوبصورت سمنڊ ڪناري تي ايڏا حَسين چهرا نظر اچي رهيا هئا، جو ڪنهن هڪ چهري تي نظر ئي نٽي بيٺي! مان هڪ خالي بينچ تي ويٺو انهن بيشمار سهڻن چهرن ڏانهن نهاري رهيو هئس ته اوچتو منهنجي نظر هڪ انتهائي خوبصورت عورت جي چهري تي بيهي رهي. دنيا جي سياحت ۾ ايڏي سهڻي عورت مون ڪڏهن به ڪٿي به نه ڏٺي هئي!

مان لڳاتار انهيءَ بيحد حَسين عورت ڏانهن ڏسي رهيو هئس ته انهيءَ عورت جي نظر مون تي پئجي وئي ۽ هوءَ مون ڏانهن ڏسندي مرڪي پئي. انهيءَ ڪان پهرين جو مان سندس مرڪ جي جواب ۾ ڪو ردعمل ظاهر ڪيان، انهيءَ عورت مون ڏانهن اچڻ شروع ڪيو ته منهنجي دل جي ڌڙڪڻ وڌي وئي.

خوبصورت عورت ويجهو اچي منهنجي پرسان بينچ تي ويهي، پنهنجي موبائل فون ڪيڍي مون سان گڏ هڪ سيلفي ٺاهِي ورتي.

مون هن ڏانهن ڏسندي حيرت سان پڇيو "توهان کي مون ۾ ڪهڙي خوبي نظر آئي جو توهان مون سان گڏ سيلفي ڪيڍي ورتي، محترما!؟"

خوبصورت عورت پنهنجو نرم ۽ نازڪ هٿ منهنجي هٿ مٿان رکندي وراڻيو "ڪجهه ماڻهن کي پنهنجين خوبين جي خبر ناهي هوندي پر اهي خوبيون ڪڏهن ڪنهن ٻئي انسان کي نظر اچي ويندڙيون آهن....!"

مون ڪو جواب ڏيڻ بجاءِ پنهنجي هٿ مٿان پيل سندس نازڪ، نفيس ۽ سهڻي هٿ ڏانهن ڏٺو.

عورت منهنجي هٿ کي زور ڏيندي مرڪي چيو "هڪ سيلفيءَ جي بدلي ۾ توهان مون سان گڏ جيتريون تصويرون چاهيو ڪيڍي سگهو ٿا."

مون پنهنجي موبائل فون ڪيڏي هن سان گڏ ڪجهه سيلفيون ناهيون ۽ پوءِ پرسان گذرندڙ هڪ شخص کي پنهنجي موبائيل فون ڏئي تصويرون ڪڍڻ لاءِ چيم. انهيءَ شخص خوبصورت عورت سان گڏ منهنجيون ڪيتريون ئي تصويرون ڪڍيون ۽ موبائيل فون مون کي واپس ڏني. مون پنهنجي موبائيل فون وٺي بيحد حَسين عورت سان گڏ نڪتل تصويرون ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي ته عورت مون کي روڪيندي چيو "تصويرون ته تون پوءِ به ڏسي سگهين ٿو. تو وٽ جيترو وقت آهي، اهو مون سان گڏ گذاري وٺ."

مون پنهنجي موبائل فون کيسي ۾ رکي مرڪي هن ڏانهن ڏٺو.

عورت پڇيو "مسافر آهين؟"

ورائيم "ها، چئن ڏينهن کان توهان جي ملڪ ۾ گهمي رهيو آهيان."

پڇيائين، "ڪٿي رهيل آهين؟"

بينچ جي پاسي ۾ پيل پنهنجي سفري بيگ ڏانهن اشارو ڪندي چيم. "منهنجو ڪو به ٺڪاڻو ناهي!"

حَسين عورت مرڪي ورائيو "ته پوءِ اڄ رات تنهنجو ٺڪاڻو منهنجي گهر ۾ آهي."

مون هاڪار سان ڪنڌ لوڏيو ۽ سهڻي عورت جي گلابي چهري ڏانهن ڏسندي پنهنجي اندر ۾ گلاب ٽڙندي محسوس ڪيا.

عورت اٿي ته مان پنهنجو سفري بيگ کڻي ساڻس گڏ هلڻ لڳس. ڪجهه فاصلي تي موجود سندس ڪار ۾ ويٺاسين ته عورت چيو "منهنجو گهر شهر کان ڪجهه پرتي آهي."

ورائيم "مان ته سياح آهيان، نڪتو ئي سفر خاطر آهيان."

ڪار ڊرائيو ڪندي هوءَ مرڪي پئي.

سج لهڻ کان پوءِ اسان شهر کان پرتي انهيءَ فارم هائوس ۾ پهتاسين، جتي هوءَ اڪيلي رهندي هئي.

عورت مون کي هڪ اونداهه ڪمري ۾ ويهاري چيو "مان جنريٽر هلائي اچان ٿي."

عورت ڪمري کان ٻاهر نڪري وئي ته مون پنهنجي موبائل فون ڪڍي، جيئن انهيءَ بيحد حَسين عورت سان گڏ نڪتل پنهنجيون تصويرون ڏسان. مون جيئن ئي فون فوٽو گيلري ۾ تصويرون ڏٺيون ته ڇرڪي پيس ۽ منهنجا لڳ ڪانڊارجي ويا. سمورين تصويرن ۾ سهڻي عورت بجاءِ مون سان گڏ هڪ انساني ڍانچو موجود هو!...

مون هڪدم پنهنجي موبائيل فون جي ٽارچ ٻاري ته جيئن انهيءَ ڪمري منجهان نڪري وڃان پر ٽارچ جي روشني ٽيڙ کان پوءِ مون ڏٺو ته انهيءَ ڪمري ۾ هاڻي ڪوبہ دروازو نہ هو ۽ نہ ئي ڪا دري هئي، جنهن منجهان ٻاهر نڪري سگهجي، فقط چار ديوارن ئي هيون! ۽ پوءِ.. هڪ ديوار منجهان اها عورت مون کي اندر ايندي نظر آئي...!

# ڀيو ڪهاڻيڪار

اولهہ جي هڪ ملڪ ۾ موڪلون گذارڻ ويس تہ هڪ ٻئي ملڪ جي سياح ليکڪ سان ملاقات ٿي وئي. تعارف ٿيو تہ ٻنهي کي خوشي ٿي ۽ اسان گڏ گهمڻ جو فيصلو ڪيو. سير سفر ۾ هڪ ليکڪ کي ٻئي ليکڪ جو ساٿ ملي تہ ٻيو ڇا گهرجي!

هو بہ ڪهاڻيڪار هو. تنهن ڪري اسان ٻئي گهمندي ڦرندي ۽ مختلف ملڪن جي سياحن سان ملاقاتن ۾ پنهنجي ڪهاڻين جا نوان ڪردار ڳولي لهندا هئاسين. جنهن جي بہ ذهن ۾ ڪهاڻيءَ جو ڪو نئون خيال ايندو هو تہ هڪ ٻئي سان صلاح بہ ڪري وٺندا هئاسين.

هڪ رات رنگن ۽ روشنين جي ماحول ۾ زندگيءَ جا ڪجهہ بيحد حَسين لمحا گذاري اسان ٻئي هوٽل طرف وڃي رهيا هئاسين تہ هن چيو "لڳاتار پنڌ ڪري مان ٿڪجي پيو آهيان."

مون ڪجهہ فاصلي تي موجود بس اسٽاپ جي بينچ ڏانهن اشارو ڪيو تہ هن هاڪار سان ڪنڌ لوڏيو.

اسان ٻئي بينچ تي وڃي ويهي رهياسين.

بس جو انتظار ڪندي، هن پنهنجو نوٽ بڪ کوليو ۽ ڪجهہ لکڻ شروع ڪيائين.

ڪائنس پڇيم، "ڇا پيو لکين؟"

هن مون ڏانهن ڪنڌ ورائي ڏسڻ کان سواءِ وراڻيو "سفرنامي جا نوٽيس پيو لکان."



Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

بس اچڻ ۾ دير ڪئي ته مون به پنهنجو نوٽ بڪ کوليو ۽ لکڻ شروع ڪيم.

هن مون کي لکندي ڏسي پڇيو "تون ڇا پيو لکين؟"

ورائيم "مان پراسرار ڪهاڻي پيو لکان."

چيائين، "سڻي پراسرار ڪهاڻي اڄ رات کان پوءِ لکي سگهبي آهي. اڃان اڄ رات ناهي ٿي."

هن ڏانهن ڏسڻ کان سواءِ بيزاريءَ سان ورائيم، "پراسرار ڪهاڻيون لکڻ جو مون کي وڏيڪ تجربو آهي. توکي ڪهڙي خبر....!"

منهنجي ڳالهه ٻڌي هن ٿهڪ ڏنو ۽ گم ٿي ويو!...

# فڪشنسٽ

قديم تاريخي ماڳ جا آثار ڏسڻ ڪان پوءِ جڏهن سج لهڻ وارو هو تہ مان رات گذارڻ لاءِ تاريخي ماڳ ڪان ڪجهہ فاصلي تي موجود ننڍڙي شهر پهتس. انهيءَ ننڍڙي شهر ۾ پهچي خبر پئي تہ اتي ڪوبہ هوٽل يا مسافرخانو موجود ناهي. جڏهن ننڍڙي شهر جا رستا ويران ٿيڻ لڳا تہ مون پڙهيل لکيل نظر ايندڙ هڪ ماڻهوءَ کي روڪي پنهنجي پريشاني بيان ڪئي.

منهنجي ڳالهہ ٻڌي سئي شخصيت واري انهيءَ ماڻهوءَ چيو "بهتر آهي تہ توهان ريلوي اسٽيشن تي هليا وڃو. رات جو دير سان ٻنهي پاسن ڏانهن ويندڙ گاڏيون هن شهر جي اسٽيشن تي بيهنديون آهن."

مون انهيءَ شخص کان ريلوي اسٽيشن جو رستو پڇيو.

هن وراڻيو "ريلوي اسٽيشن شهر کان ڪجهہ پري آهي پر هن مهل توهان کي ريلوي اسٽيشن ڏانهن وڃڻ لاءِ ڪا بہ سواري نہ ملندي."

مان وڌيڪ پريشان ٿي ويس.

مون کي پريشان ڏسي انهيءَ شخص مُرڪي چيو "ڪلاڪ کن جو پنڌ آهي ۽ خطري جهڙي بہ ڪا ڳالهہ ناهي. هليا وڃو."

مون ڏکو ساهہ کڻي هن کان رستو پڇيو ۽ سندس مهرباني مڃي، ريلوي اسٽيشن واري رستي ڏانهن هليو ويس.

چانڊوڪي رات هئي. تنهن ڪري هر طرف چٽي نظر پئجي رهي هئي. ڪلاڪ بدران مون ڏيڍ ڪلاڪ پنڌ ڪيو پر ڪنهن ريلوي اسٽيشن جا آثار نظر نہ آيا. واپس موٽڻ لاءِ سوچيم پر پوءِ رات گذارڻ جو ڪو وسيلو نہ هو تنهن ڪري وري بہ اڳتي وڌيس. اڍائي ڪلاڪن جي لڳاتار پنڌ کان پوءِ ڏاڍي ٿڪل حالت ۾ ريلوي اسٽيشن تي پهتس.

پليٽ فارم تي ٻه ليمپ پوسٽ هئا جن جي روشني هونئن ته اڻ پوري هجي ها پر چانڊوڪي رات هجڻ ڪري سڀ ڪجهه صاف نظر اچي رهيو هو. پليٽ فارم بلڪل خالي ۽ ويران هو. مون سڄي ريلوي اسٽيشن گهمي ڏٺي پر عملي جو ڪوبه ماڻهو مون کي نظر نه آيو. مان پليٽ فارم تي موجود هڪ بينچ تي ويهي رهيس ۽ پنهنجو سفري بيگ پرسان رکي ڇڏيم. مون سگريٽ دکائي پليٽ فارم تي هڪ طرف ڏٺو ته ڪجهه فاصلي تان هڪ شخص کي پاڻ ڏانهن ايندي ڏٺم. هي اهو ئي شخص هو جنهن ننڍڙي شهر ۾ مون کي ريلوي اسٽيشن جو رستو ٻڌايو هو. اهو شخص منهنجي ويجهو پهتو ته مون اٿي بيهي هن ڏانهن هٿ وڌائيندي چيو "جيڪڏهن توهان کي به هتي اچڻو هو ته گڏجي اچون ها."

انهيءَ شخص بينچ تي ويهندي چيو "مون کي ڪلاڪ ڏيڍ جو ڪم هو ان ڪري توهان کي نه چيو هئم."

مون هن جي پرسان ويهي پڇيو "هتي اچڻ لاءِ توهان وٽ ڪا سواري هئي ڇا؟"

هن انڪار سان ڪنڌ لوڏي ورائيو "نه مان به پنڌ آيو آهيان. ڪلاڪ اڳ ۾ شهر کان نڪتو هئس."

مون حيرت سان چيو "پر مون کي ته هتي پهچڻ ۾ اڍائي ڪلاڪ لڳي ويا!"

هن مُرڪي ورائيو "ڪڏهن ڪڏهن اهو رستو ڊگهو ٿي ويندو آهي!"

مون ڪوبه جواب نه ڏنو. مون کي هن جي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي ته ڪڏهن ڪڏهن اهو رستو ڊگهو ڇو ٿي ويندو آهي! هن جي ڳالهه ۾ ڪجهه پراسراريت محسوس ٿي رهي هئي.

هو خاموش ويٺو رهيو.

هن جي خاموشي مون کي وڌيڪ پراسرار لڳي. تنهن ڪري سندس خاموشي ختم ڪرڻ لاءِ پڇيم. "توهان ڇا ڪندا آهيو؟"

چيائين. "مان ليکڪ آهيان."

پڇيومانس. "ڇا لکندا آهيو؟"

چيائين. "پراسرار ڪهاڻيون لکندو آهيان."

اهو چئي هو غائب ٿي ويو!

# ڪمرو نمبر ستون

آفيس ۾ ست ڪمرا هئا. ڪمري نمبر هڪ ۾ ويهندڙ شخص آفيس ايندي حادثي ۾ مري ويو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڪمري نمبر ٻه ۾ ڪم ڪندڙ شخص آفيس کان گهر پهتو ۽ اوچتو فوت ويو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڪمري نمبر ٽئين ۾ ويهندڙ ملازم صبح جو آفيس ايندي روڊ ايڪسيڊنٽ ۾ مري ويو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڪمري نمبر چوٿين ۾ ويهي ذميواريون نڀائيندڙ شخص دل جي دوري سبب پنهنجي ڪرسيءَ تي ويٺي ويٺي ئي اجل جو شڪار ٿي ويو.

اهڙي صورتحال سبب ڪمري نمبر پنجين ۾ ويهندڙ وڏو صاحب خوف جو شڪار ٿي ويو. هو ڪمرو نمبر ستون خالي ڪرائي انهيءَ ۾ وڃي ويٺو. سوچيائين، 'جيڪڏهن ڪمري نمبر پنجين ۾ ويٺل شخص مري ويو ته هو ڪمري نمبر ڇهين ۾ ويٺل ماڻهوءَ جي مرڻ کان اڳ ۾ ئي اها آفيس ڇڏي هليو ويندو.'

ڪمرو تبديل ڪرڻ کان پوءِ ٻئي ڏينهن تي صبح سان هڪ قدآور شخص اندر آيو ته صاحب انهيءَ کان ڪم پڇڻ بجاءِ گهنٽي وڄائي. پٽيوالو اندر آيو ته صاحب سخت ڪاوڙ منجهان پٽيوالي ڏانهن ڏسندي چيو "هي شخص بنا اجازت جي اندر ڪيئن آيو آهي!؟"

پوڙهي پٽيوالي پنهنجِي ٿلهن شيشن وارِي عينڪ لاهي صاف ڪندي ادب سان ورائيو "سر، مون ته ڪنهن کي توهان جي ڪمري ۾ ايندي ناهي ڏٺو."

صاحب، پوڙهي پٽيوالي تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو "هاڻي تون انڌو ٿي ويو آهين. تنهنجي نوڪري ختم ڪرڻي پوندي گيٽ آئوٽ!"

پوڙهي پٽيوالي جون اکيون آليون ٿي ويون. هن پنهنجِي ٿلهن شيشن واري عينڪ کي ڏک سان ڏٺو ۽ ڪمري مان ٻاهر نڪري ويو.

صاحب سخت ڪاوڙ منجهان سامهون بيٺل شخص ڏانهن ڏسندي پڇيو "تون ڪنهن جي اجازت سان اندر آيو آهين!؟"

قدآور شخص سنجيدگيءَ سان وراڻيو "مون کي ڪنهن وٽ وڃڻ لاءِ اجازت جي ضرورت ناهي هوندي."

صاحب وڏيڪ ڪاوڙ سان چيو "ڪير آهين تون!؟"

قدآور شخص وراڻيو "مان اهو ئي آهيان، جيڪو هن آفيس جي چئن ماڻهن کي پاڻ وٽي ويو هو."

صاحب انتهائي حيرت ۽ ڪاوڙ سان رڙ ڪئي، "ڇا...!؟"

قدآور شخص وراڻيو "ڪمرو نمبر تبديل ٿيڻ سان دنيا مان وڃڻ جو وقت تبديل ناهي ٿيندو."

# ڏهين فيبروري

رنگين راتين ۽ حَسين منظرن واري اولهه جي انهيءَ سائنسي ترقيءَ ۾ اڳيري ۽ بيحد خوبصورت ملڪ ۾ مون ڪيترائي ڏينهن رولاڪيون ڪيون. رنگن ۽ روشنين جي ماحول ۾ ڪيئي راتيون گذارڻ کان پوءِ مون انهيءَ ملڪ جي ڏوراهين پنڌ تي موجود سفاري پارڪ ڏسڻ جو فيصلو ڪيو. جتان مون کي پنهنجي اڳئين منزل طرف وَڃڻو هو.

هڪ رات جي ڊگهي سفر کان پوءِ مان سفاري پارڪ پهتس. سڄو ڏينهن جانورن جو مشاهدو ڪرڻ کان پوءِ سفاري پارڪ مان ٿي مون شام جي وقت پنهنجي سمارٽ فون وسيلي آن لائين ٽڪيٽ بڪ ڪرائي ۽ سج لهڻ واري وقت سفاري پارڪ جي ويجهو نيم ويران ننڍڙي ريلوي اسٽيشن تي پهتس. انهيءَ اسٽيشن تان مون کي ريل رستي ٻيءَ واري ٻئي ملڪ روانو ٿيڻو هو.

مان مقرر وقت کان ٿي ڪلاڪ اڳ ۾ ريلوي اسٽيشن پهتس. جتي ٻه ٻيا سياح به ساڳئي ٽرين جي انتظار ۾ موجود هئا.

لڳاتار رولاڪين ۽ اوجاڳن سبب مون ڏاڍي ٿڪاوٽ پئي محسوس ڪئي. منهنجي نئين منزل ڏانهن ويندڙ ٽرين جي اچڻ ۾ اجا ٿي ڪلاڪ هئا. تنهن ڪري مون پنهنجي سمارٽ فون ۾ الارم تي ٽائيم سيٽ ڪيو ۽ ريلوي اسٽيشن تي موجود هڪ سليپنگ ڪيپسول ۾ وڃي سمهي پيس.

مان الارم جي آواز کان سواءِ ئي جاڳيس. اجا رات هئي پر محسوس ڪيم ته مون گهٽي ننڊ ڪئي هئي. مون سليپنگ ڪيپسول کان ٻاهر نڪري پليٽ فارم جي ٻنهي پاسي نهاريو پر اهي ٻئي سياح مسافر نظر نه آيا. جيڪي ساڳئي ريل ۾ روانا ٿيڻا هئا. شايد مون کي گهاٽي ننڊ اچي وئي هئي ۽ ٽرين اچي، هلي به وئي هئي!

انهيءَ ملڪ ۾ ريلوي جي مڪمل آٽوميٽڪ ڪمپيوٽرائيزڊ سسٽم سبب، ريلوي اسٽيشن تي عملي جو ڪو ماڻهو بہ موجود نہ هو ۽ هاڻي مان انهيءَ پليٽ فارم تي اڪيلو انسان موجود هئس.

مان پنهنجو سفري بيگ گهليندو هڪ بينچ تي وڃي ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيس. ڪجهہ دير ڪان پوءِ ڪو مشيني آواز ٻڌڻ سبب ڪنڌ کڻي نهاريم تہ انساني جسم جهڙو هڪ روبوٽ مون ڏانهن اچي رهيو هو. روبوٽ منهنجي پرسان اچي چيو "سر، مهرباني ڪري پنهنجي سڃاڻپ ڪرايو."

مون پنهنجي ملڪ جي حڪومت پاران جاري ڪيل پنهنجو سڃاڻپ ڪارڊ ۽ پاسپورٽ کيسي منجهان ڪڍي روبوٽ ڏانهن وڌايا پر روبوٽ اهي ڏسڻ بدران، پنهنجي هٿ جي ترِي منهنجي ٻانهن جي ڪرائيءَ تي رکي ڇڏي، روبوٽ جي هٿ منجهان ڪجهہ روشنيون نڪتيون ۽ پوءِ روبوٽ منهنجي ٻانهن تان پنهنجو هٿ کڻي چيو "حيرت آهي تہ توهان وٽ پنهنجي سڃاڻپ جا ڊاڪيومينٽس موجود ناهن."

مون پنهنجي ملڪ جي حڪومت پاران جاري ڪيل پنهنجو سڃاڻپ ڪارڊ ۽ پاسپورٽ روبوٽ جي هٿ ۾ ڏيندي چيو "هي آهن منهنجي سڃاڻپ جا ڊاڪيومينٽس!"

روبوٽ منهنجو سڃاڻپ ڪارڊ ۽ پاسپورٽ ڏسي چيو "سر، ڪاغذ جو دور گذري چڪو آهي. هاڻي انساني جسم اندر لڳل چِپ (Chip) ۾ هر ماڻهوءَ جا سڀ ڊيٽا موجود هوندا آهن."

مون سخت ڪاوڙ منجهان وراڻيو "مون اڄ شام جي وقت ئي هن ريلوي اسٽيشن تان سفر ڪرڻ لاءِ آن لائين بڪنگ ڪرائي هئي!" اهو چئي مون پنهنجي سمارٽ فون ڪڍي ۽ آن لائين بڪنگ جو عڪس روبوٽ کي ڏيکاريو.

روبوٽ منهنجي سمارٽ ڏانهن ڏسي وراڻيو "سر، توهان جي انهيءَ قديم فون ۾ آن لائين بڪنگ جي تاريخ تہ بلڪل ٺيڪ، ڏهين فيبروري آهي پر اها هڪ صدي اڳ جي تاريخ آهي."

مون روبوٽ جي ڳالهہ کي رد ڪرڻ لاءِ پنهنجي فون ۾ موجود ڪئلينڊر کوليو تہ منهنجي آن لائين ٽڪيٽ ۽ ڪئلينڊر جي تاريخ ۾ واقعي هڪ صديءَ جو فرق موجود هو!

## ٽيهن سالن کان پوءِ

مان ٽيهه سال پرڏيهه ۾ گذاري واپس آيس. مون زندگيءَ جو باقي وقت پنهنجي نندپڻ جي شهر ۾ گذارڻ پئي چاهيو تنهن ڪري ڪو گهر خريد ڪرڻ ٿي چاهيم.

مون هڪ اسٽيٽ ايجنسي واري سان رابطو ڪيو ۽ هن مون کي شهر جي مختلف علائقن ۾ گهر ڏيکارڻ شروع ڪيا.

مان روز صبح جو اسٽيٽ ايجنسي تي ويندو هئس ۽ اسٽيٽ ايجنسيءَ جو مالڪ مون کي ڪيترائي گهر روز ڏيکاريندو هو پر مون کي ڪوبه گهر پسند نٿي آيو.

روز جيان هڪ ڏينهن مان اسٽيٽ ايجنسيءَ تي پهتس ته اسٽيٽ ايجنسيءَ جي مالڪ معذرت ڪندي چيو "هاڻي مون وٽ وڪري لاءِ ڪوبه اهڙو گهر ناهي، جيڪو توهان کي ڏيکاري سگهان!"

چيم، "جيڪڏهن اها ڳالهه ڪالهه ٻڌايو ها ته اڄ مان توهان وٽ اچي پنهنجو وقت ضايع نه ڪيان ها!"

مان واپس وڃڻ وارو هئس ته هن چيو "باقي هڪ گهر آهي پر اهو ڪير به خريد ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. توهان خريد ڪرڻ چاهيو ته تمام گهٽ قيمت تي ملي ويندو."

چيم، "ڳالهه قيمت جي ناهي. جيڪڏهن مون کي پسند اچي ويو ته مان ڪنهن به قيمت تي خريد ڪندس."

اسٽيٽ ايجنسيءَ وارو مون کي اهو گهر ڏيکارڻ هليو.

هن گهر جي دروازي تي تالي ۾ چاٻي وجهندي چيو "هن گهر ۾ ست ڪمرا آهن ۽..."

انهيءَ کان ٻهرين جو هو ڪجهه وڌيڪ ٻڌائي مون هڪدم چيو "۽ انهن ستن ئي ڪمرن ۾ هڪ شخص جي ساڳئي تصوير ٽنگيل آهي."

هن مون ڏانهن ڏسڻ کان سواءِ چيو "شايد هي گهر توهان جو اڳ ۾ ئي ڏٺل آهي!"

مون ڪوبه جواب نه ڏنو.

ڪاريڊور ۾ پهچي مون هڪ ڪمري جي در ڏانهن اشارو ڪري چيو "اڳ ۾ انهيءَ ڪمري جو دروازو کوليو."

هن انهيءَ ڪمري جو دروازو کوليو ۽ اسان ٻئي انهيءَ ڪمري ۾ داخل ٿياسين.

ڪمري اندر ميز تي هڪ اخبار پيل هئي جنهن جي مٿان ڪافيءَ جو مگ رکيل هو. مگ منجهان تازي ڪافيءَ جي ٻاڦ نڪري رهي هئي.

مون اڳتي وڌي ڪافيءَ جو مگ کنيو ته مگ منجهان ٻاڦ نڪرندي ڏسي، هن جي چهري تي خوف ۽ پريشانيءَ جو تاثر ظاهر ٿيو. ڳيت ڏيندي چيائين، "اهڙين ڳالهين جي ڪري ئي هي گهر ڪير به خريد ڪرڻ لاءِ تيار ناهي!"

مون ڪافيءَ جو ڍڪ پري، مگ ميز تي رکندي ورائيو "مان هي گهر خريد ڪرڻ ٿو چاهيان."

هن سخت حيرت منجهان مون ڏانهن ڏٺو. چيائين، "هي جاءِ مالڪ وڪڻي ويو ته ٽيهن سالن ۾ ڪنهن به خريد نه ڪئي ۽ توهان ٽن منٽن ۾ خريد ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا!"

ديوار تي ٽنگيل تصوير ڏانهن اشارو ڪري مُرڪي چيم، "هن گهرَ جي هر ڪمري جي ديوار تي اها ساڳئي تصوير لڳل آهي. توهان اها تصوير اڳ به ڏٺي هوندي پر اڄ انهيءَ تصوير کي وري ڏسو..."

هن ديوار تي ٽنگيل تصوير ڏانهن ڏٺو ۽ هڪدم مون ڏانهن ڏسي، حيرت سان چيو "هي ته هوبهو توهان جهڙي شخص جي تصوير آهي!"

مون اخبار کڻي ڏٺي، جنهن تي ٽيهه سال اڳ جي تاريخ لکيل هئي ۽ ميز تي پيل مگ منجهان ڪافيءَ جي ٻاڦ نڪري رهي هئي!

# سرحد پار جي عورت

بيحد سهڻي عورت هائي وي جي پاسي تي بيٺي هئي.

هڪ ڪار اچي عورت جي پرسان بيٺي. ڪار ۾ ويٺل نوجوان عورت ڏانهن ڏسندي پڇيو "ڇا توهان کي لفٽ جي ضرورت آهي؟"

عورت هاڪار سان ڪنڌ لوڏيو ته نوجوان ڪار جو دروازو انلاڪ ڪيو. عورت مرڪندي فرنٽ سيٽ تي ويهي رهي.

نوجوان ڪار ڊرائيو ڪندي پڇيو "توهان کي ڪٿي وڃڻو آهي؟"

عورت سوال جو جواب ڏيڻ بجاءِ نوجوان کان سوال پڇيو "ڇا توهان مون کي منهنجي منزل تي پهچائي ڇڏيندا؟"

نوجوان ميوزڪ سسٽم آن ڪندي چيو "توهان جهڙي خوبصورت عورت گڏ هجي ته بنا ڪنهن منزل جي به سفر ڪري سگهجي ٿو."

عورت وڏو ساهه کڻي سڪون سان وراڻيو "انهيءَ جو مطلب ته منهنجي منزل تائين توهان مون سان گڏ هوندا."

نوجوان بيحد سهڻي عورت جي چهري ڏانهن ڏسي ڳالهايو "ها. ڪٿي وڃڻو آهي توهان کي؟"

عورت سامهون رستي ڏانهن ڏسندي چيو "مون کي سرحد پار ڪري ٻئي ملڪ وڃڻو آهي."

نوجوان ڪار جي ايڪسيليٽر تان پير جو دٻاءُ گهٽ ڪندي وراڻيو "نه سرحدي علائقي جون حالتون ٺيڪ آهن ۽ نه ئي هن وقت مون وٽ پاسپورٽ موجود آهي!"

خوبصورت عورت جلترنگ جهڙو ٽهڪ ڏئي چيو "گهٻرايو نه. توهان مون کي سرحد کان ٿورو اورتي لاهي ڇڏجو. مان پاڻيهي اڳتي هلي وينديس."

نوجوان هاڪار سان ڪنڌ لوڏيو ۽ ڪار جي اسپيڊ وڌائي ڇڏي. ڪجھ دير کان پوءِ ڪار ٻئي ملڪ جي سرحد کان ٿورو اورتي پهتي تہ عورت پاڻ ئي نوجوان کي ڪار بيهارڻ لاءِ چيو.

نوجوان ڪار روڪِي تہ خوبصورت عورت شڪر گذار نظرن سان نوجوان ڏانهن ڏسندي، پنهنجا هٿ نوجوان جي هٿن مٿان رکي ڇڏيا. نوجوان جي چپن تي جوانيءَ جي مُرڪ ڦهلجي وئي ۽ هن پنهنجيون آڱريون عورت جي آڱرين ۾ ڦاسائي ڇڏيون. عورت پنهنجو چهرو نوجوان جي چهري جي ويجهو ڪيو تہ نوجوان کي عورت جي ساهن منجهان رت جي بوءِ محسوس ٿي. نوجوان پنهنجا هٿ عورت جي هٿن مان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي پر هو عورت جِي جڪڙ منجهان پاڻ کي آزاد ڪرائي نہ سگهيو.

عورت ڪار مان لٿي تہ سندس وات منجهان رت ڳڙي رهيو هو. هن جي رت هاڻن چپن تي مرڪ ڦهلجي وئي ۽ هوءَ اڳتي وڌي، سرحد پار ڪري ٻئي طرف هلي وئي.

# رات، ريل ۽ رڻ پٽ

انتهائي تيز رفتار ريل ۾ رات جو مان ننڊ پيو هئس تہ اوچتو تمام وڏو ڌماڪو ٿيو. ڌماڪو ٿيڻ شرط مون سخت تڪليف محسوس ڪئي ۽ پوءِ مون کي ڪا بہ خبر نہ پئي.

هوش آيو تہ مان ريل جي اونڌي ٿيل ڪمپارٽمينٽ ۾ لاشن جي وچ ۾ پيل هئس. مان ڏاڍي مشڪل سان اٿيس ۽ ڪمپارٽمينٽ کان ٻاهر نڪري ويس. ٻاهر نڪتس تہ حادثي جي شڪار ٿيل ريل منجهان ڪيترن زخمي ماڻهن جا مدد لاءِ آواز اچي رهيا هئا. مان پاڻ زخمي بہ هئس ۽ منهنجي جسم منجهان رت بہ وهي رهيو هو. مون ۾ ايتري طاقت ئي نہ بچي هئي جو ڪنهن ٻئي جي مدد ڪري سگهان.

مون بنا سوچڻ جي اونداهيءَ ۾ هڪ طرف هلڻ شروع ڪيو تہ جيئن جلد کان جلد ڪنهن اهڙي هنڌ پهچي سگهان، جيئن گهڻو رت وهڻ سبب مري نہ وڃان!

ڪجھ پنڌ کان پوءِ مون کي اونداهيءَ ۾ هڪ طرف روشنين ۾ موجود وڏو محل نظر آيو. ويجهو پهتس تہ رڻ پٽ ۾ اهو هڪ ننڍڙو گهر هو!

مون گهر جي در وٽ لڳل ڪال بيل جو بٽڻ دٻائڻ لاءِ اڃان سوچيو مس تہ گهر جو دروازو کلي ويو ۽ وڏن اڇن وارن وارو هڪ تمام پوڙهو شخص ٻاهر نڪري آيو.

هن مون کي منهنجي نالي سان مخاطب ٿيندي چيو "مان تنهنجو ئي انتظار ڪري رهيو هئس!"

حيرت سان چيم، "تون منهنجو انتظار ڇو ڪري رهيو هئين ۽ توکي منهنجي نالي جي خبر ڪيئن پئي!؟"

هن ڪوبہ جواب نہ ڏنو.

هن کي خاموش ڏسي چيم، "ريل جو حادثو ٿيو آهي ۽ مان زخمي حالت ۾ مدد خاطر هتي پهتو آهيان!"

هن هاڪار سان ڪنڌ لوڏي ورائيو "ها، مون کي سڀ خبر آهي!"

مون سخت تڪليف ۾ هيٺائيءَ سان چيو "مون کي مدد ۽ آرام جي سخت ضرورت آهي. هاڻي مان وڌيڪ بيهي نٿو سگهان!"

هن پنهنجي کيسي منجهان ريموٽ ڪنٽرول ڪڍي بٽڻ دٻايو تہ گهر جي چوڌاري لڳل سموريون لائيٽس روشن ٿي ويون. هو مون کي سهارو ڏئي گهر جي پوئين پاسي وٺي ويو جتي ڪيتريون ئي قبرون موجود هيون.

هن مون کي هڪ قبر جي پرسان وڃي بيهاريو جنهن تي منهنجي نالي جو ڪتبو لڳل هو!

سخت حيرانيءَ سان چيم، "مان تہ اجان هاڻي ئي ريل جي حادثي ۾ زخمي ٿيڻ کان پوءِ هتي پهتو آهيان ۽ هن قبر تي منهنجي مرڻ کان اڳ ۾ئي منهنجي ئي نالي جو ڪتبو لڳل آهي!"

وڏن اچن واري پوڙهي شخص ورائيو "ريل جو اهو حادثو اڄ نہ ستر سال اڳ ٿيو هو...!" اهو چئي هو پاڻ پرسان واري قبر وٽ وڃي گم ٿي ويو!

# ڊسڪوري 2047

ڌرتيءَ تان موڪليل خلائي مشن ڊسڪوري 2047 ڪيترن سالن کان پوءِ ڪائنات ۾ موجود انهيءَ سَياري جي ويجهو پهتو جتي زندگي موجود هئي.

سَياري جي ويجهو پهچڻ شرط ڊسڪوري 2047 منجهان ڌرتيءَ تي موجود ليبارٽريءَ ڏانهن تصويرون موڪلڻ جو سلسلو شروع ٿيو تہ سڄي دنيا ۾ موجود ماڻهن انسانَ جي خلائي ڪاميابيءَ جو جشن ملهائڻ شروع ڪيو. اجان ڌرتيءَ ڏانهن تصويرون موڪلڻ جو سلسلو جاري هوءِ خلائي مشن سَياري جي سطح تي لٿو ئي نہ هو تہ مختلف قسمن جون ڪيتريون ئي اڏامندڙ مشينون خلا ۾ ظاهر ٿيون. انهن اڏامندڙ مشينن ڊسڪوري 2047 کي سَياري جي سطح تي پنهنجي مرضيءَ جي هنڌ تي لهڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو.

سَياري جي سطح تي لهڻ شرط ڊسڪوري 2047 جو ڪنٽرول مشن ۾ موجود خلا بازن جي هٿن مان نڪري ويو. ڌرتيءَ تان آيل ٽنهي خلابازن اجان صورتحال کي سمجهيو ئي نہ هو تہ ڊسڪوري 2047 جا دروازا پنهنجو پاڻ ئي کُلي ويا ۽ خلائي مخلوق جا ڪيترائي فرد اندر داخل ٿي ويا.

ڊسڪوري 2047 ۾ داخل ٿيل خلائي مخلوق جي اڳواڻ ڌرتيءَ کان آيل خلاباز انسانن ڏانهن ڏسندي چيو "اسان جي سَياري جي مدار ۾ داخل ٿيڻ شرط ئي توهان جي مشن جو ڪنٽرول اسان جي هٿن ۾ اچي ويو هو. توهان پاران ڌرتيءَ ڏانهن موڪليل تصويرون بہ اسان جي مرضيءَ سان ئي ويون آهن."

ڌرتيءَ تان آيل هڪ خلاباز انتهائي حيرت سان چيو "توهان تہ اسان جي ٻولي بہ ڄاڻو ٿا!"

خلائي مخلوق جي اڳواڻ ورائيو "توهان انسانن جي ٻولي مون ڪجھ انسانن کان ئي سکي آهي."

خلاباز وڏيڪ حيرت ۽ پريشانيءَ منجهان پڇيو "ڇا مطلب... ڇا توهان اسان جي ڌرتيءَ تي وڃي چڪا آهيو!؟"

خلائي مخلوق جي اڳواڻ ورائيو "ها, اسان ڌرتيءَ تي ويندا رهيا آهيون ۽ ڌرتيءَ تان انسانن کي کڻي به ايندا آهيون."

ڌرتيءَ تان آيل ٽئي خلاباز انسانَ حيرت ۽ پريشانيءَ سبب ڪجھ به ڳالهائي نه سگهيا .

خلائي مخلوق جي اڳواڻ چيو "اسان جي بايولاجيڪل ليبارٽريز ۾ تجربن خاطر ڪيترا انسان اڳ ۾ ئي قيد ڪيل آهن. هاڻي اسان توهان ٽنهي کي به انهن ۾ شامل ڪري ڇڏينداسين."

# سپريم پاور

ٽين عالمي جنگ دوران، ايٽمي سائنسدان ڪان سپر ايٽم بم ايجاد ڪرڻ جي ڪوشش ۾ غلطي ٿي وئي. سپر ايٽم بم جا تابڪاري اثر بنا دير جي ڌرتيءَ جي سڄي گولي تي ڦهلجي ويا، جنهن ڪري سڄي دنيا ۾ هڪ ئي وقت تباهي مچي وئي.

دنيا جي سموري انساني آبادي ختم ٿي وئي.

سائنسدان، سپر ايٽم بم جي تابڪاري اثرن ڪان بچاءَ خاطر پنهنجي ايجاد ڪيل لباس (Atomic protect wearing) ۾ هجڻ سبب، ڌرتيءَ جي گولي تي بچي ويل آخري انسان هو.

سائنسدان گهڻي عرصي تائين دنيا ۾ اڪيلو رهيو.

ڪيترن سالن جي اڪيلائيءَ سائنسدان کي زندگيءَ ڪان بيزار ڪري ڇڏيو ته هن خودڪشيءَ جو فيصلو ڪيو.

سائنسدان خودڪشي ڪرڻ لاءِ روالور ڏانهن هٿ وڌايو ته روالور تائين هٿ پهچڻ ڪان اڳ ئي، هڪ طرف ڪان آيل گولي سندس لونڊڙيءَ ۾ اچي لڳي!

# مصنوعي ذهانت واري عورت

سائنسدان سان سندس بيحد حَسين ۽ ذهين محبوبا بيوفائي ڪئي ته کيس سخت صدمو پهتو. هن پنهنجي بيوفا محبوبا کي قتل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

سائنسدان جي اڳوڻي محبوبا اڪثر پنهنجي نئين بواءِ فرينڊ سان گڏ ڊنر ڪرڻ کان پوءِ رات جي وقت هڪ نيم ويران رستي تي پسار ڪندي هئي.

هڪ رات سائنسدان روالور کڻي اڳواٽ انهيءَ رستي تي هڪ وڻ جي پويان وڃي لڪي ويهي رهيو. ڪجهه دير کان پوءِ سائنسدان کي ليمپ پوسٽ جي هلڪي روشنيءَ ۾ پري کان اڳوڻي محبوبا ۽ سندس بواءِ فرينڊ ايندي نظر آيا ته هن روالور ڪڍي پنهنجي هٿ ۾ مظبوطيءَ سان جهليو. هن چاهيو ٿي ته اهي ٻئي سندس پرسان گذري اڳتي هليا وڃن ته جيئن هو ٻنهي تي پٺيان گولي هلائي. هن نٿي چاهيو ته سندس حملي کان پوءِ جيڪڏهن اتفاقي طور تي ٻنهي منجهان ڪو هڪ بچي وڃي ته هو قتل جي الزام ۾ گرفتار ٿي وڃي.

سائنسدان جي اڳوڻي محبوبا ۽ سندس بواءِ فرينڊ هٿُ هَٿ ۾ ڏئي وڻ جي پرسان گذري اڳتي وڌي ويا. وڻ جي پويان لڪل سائنسدان پنهنجي اڳوڻي محبوبا ۽ سندس بواءِ فرينڊ کي قتل ڪرڻ خاطر پٺيان گولي هلائڻ لاءِ روالور سڌو ڪيو پر هو گولي هلائي نه سگهيو. کيس احساس ٿيو ته ڪنهن به انسان کي مارڻ سندس وس جي ڳالهه ناهي!

سائنسدان کي ڪنهن به انسان کي قتل ڪرڻ مشڪل لڳو ته هن پنهنجي اڳوڻي محبوبا جي همشڪل مصنوعي ذهانت واري باربي ڊول ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو جيئن هو انهيءَ باربي ڊول کي ماري پنهنجي اندر ۾ موجود انتقام جي باهه کي وِسائي سگهي.

سائنسدان ڪيترين ئي راتين جي اوجاڳن کان پوءِ پنهنجي بيوفا محبوبا جي همشڪل مصنوعي ذهانت واري باربي ڊول ناهي ورتي. هن ڪجهه راتيون انهيءَ باربي ڊول سان گڏ گذاريون. مصنوعي ذهانت واري اها باربي ڊول سائنسدان جي هر حڪم جي تعميل ڪندي هئي!...

هڪ رات سائنسدان پنهنجي بيوفا محبوبا جي همشڪل باربي ڊول کي مارڻ جو فيصلو ڪيو ۽ هن پاڻ سان گڏ ستل باربي ڊول کي الماڙيءَ منجهان روالور ڪڍي اچڻ لاءِ چيو.

مصنوعي ذهانت واري باربي ڊول بستري تان اٿي الماڙيءَ ۾ پيل روالور ڪڍيو ۽ سائنسدان کي گولي هڻي ڇڏي

# آخري جنگ

بايولاجيڪل هٿيارن جي عالمي جنگ ۾ دنيا جا سڀ ماڻهو مري ويا. سائنسي ترقيءَ ۾ سڀ کان اڳيري ملڪ جي هڪ شهر ۾ فقط ٻه انسان زنده بچيا ۽ اهي ٻئي مرد هئا.

ڪيترن ڏينهن جي اڪيلائيءَ کان پوءِ ٻنهي مردن جي اوچتو ملاقات ٿي ته هنن گڏ رهڻ جو فيصلو ڪيو.

ٻئي مرد فڪرمند رهندا هئا ته سندن مرڻ کان پوءِ ڌرتيءَ تان انسان جو وجود ختم ٿي ويندو جو دنيا ۾ ڪا به عورت موجود ناهي، جيڪا انساني نسل کي اڳتي وڌائي سگهي!

هڪ ڏينهن ٻئي مرد انسانن کان خالي شهر جي هڪ رستي تان وڃي رهيا هئا ته کين هڪ اڪيلي عورت نظر آئي.

اڪيلي عورت نوجوان ۽ انتهائي حَسين هئي.

ٻئي مرد عورت جي پرسان پهتا.

هڪ مرد عورت کي چيو ”توکي ڏسي بيحد خوشي ٿي آهي.“

عورت وراڻيو ”مون کي به توهان ٻنهي کي ڏسي بيحد خوشي ٿي آهي.“

ٻئي مرد عورت کان پڇيو، ”ڇا تون اسان ٻنهي مان ڪنهن هڪ سان گڏ رهڻ چاهيندينءَ؟“

عورت مرڪي وراڻيو ”جيڪڏهن توهان چاهيو ته مان توهان ٻنهي سان گڏ رهي سگهان ٿي.“

عورت جي ڳالهه ٻنهي مردن کي نه وڻي.

ٻئي مرد وڙهي پيا ۽ هڪ مرد ٻئي مرد کي قتل ڪري ڇڏيو.

عورت انتهائي حيرت ۽ ذڪ واري انداز سان قاتل مرد ڪان پڇيو "تو پنهنجي دوست کي ڇو ماري ڇڏيو!؟"

مرد وراڻيو "مون کي تو ۾ شراڪت قبول نہ هئي. مان چاهيان ٿو تہ تون فقط منهنجي ٻارن جي ماءُ بڻجين ۽ دنيا مان انساني وجود کي ختم ٿيڻ کان بچائي سگهين."

عورت وراڻيو "مان تنهنجي ضرورت تہ پوري ڪري سگهان ٿي، پر ٻار نٿي ڄڻي سگهان."

مرد پريشانيءَ منجهان پڇيو "پر ڇو... تون ٻار ڇو نٿي ڄڻي سگهين!؟"

عورت وراڻيو "ان ڪري تہ مان حقيقي عورت ناهيان. مان مصنوعي ذهانت واري روبوٽڪ ڍول آهيان."

# سمنڊ، سندري ۽ بادل

سمنڊ، بادل سان ڳالهائي رهيو هو تہ سندري سمنڊ ڪناري تي آئي. سمنڊ، سندريءَ تي موهت ٿي پيو ۽ هن بادل سان گفتگو اڌ ۾ ڇڏي، سجو ڌيان سندريءَ ڏانهن ڏنو. بادل کي سمنڊ جي بي رخي نہ وڻي ۽ هو سمنڊ کان ناراض ٿي ويو.

سمنڊ جي لهرن اڳتي وڌي سندريءَ جي پيرن کي چميو تہ سندري پنهنجي پيرن ۾ لهرن کي ڏسي مُرڪي پئي. سمنڊ کي سندريءَ جي مُرڪ ويتر موهي وڌو. سمنڊ بي اختيار ٿي پنهنجي لهرن سان سندريءَ کي ڀاڪر ۾ ڀري ورتو. سمنڊ جي ڀاڪر ۾ اچي سندريءَ ٿهڪ ڏنا تہ سمنڊ مست ٿي ويو. سمنڊ جي مستي محسوس ڪري سندري ڊڄي وئي ۽ هن خشڪيءَ طرف ڊوڙڻ شروع ڪيو. سمنڊ جي لهرن سندريءَ جو پيڇو ڪيو پر سندري سمنڊ ڪناري پيل پٿرن مٿان چڙهي وئي. سمنڊ، پٿرن مٿان بيٺل سندريءَ کي ڇنڊا هڻي سڏيندو رهيو پر سندري هيٺ نہ لٿي. ڪجهہ دير کان پوءِ سندري اتان هلي وئي تہ سمنڊ اداس ٿي پيو.

ان ڏينهن کان وٺي سمنڊ بيچين رهڻ لڳو. هو روز صبح کان وٺي سندريءَ جو انتظار ڪندو هو. ڏينهن گذرڻ سان گڏ سمنڊ جي بيچيني وڌڻ لڳندي هئي ۽ شام کان پوءِ هو ديوار سان ٽڪرائجڻ لڳندو هو.

سمنڊ ڪيترائي ڏينهن سندريءَ جو انتظار ڪيو پر سندري وري سمنڊ ڪناري نہ آئي. سمنڊ سجو ڏينهن سندريءَ جو انتظار ڪرڻ کان پوءِ رات جو چنڊ کي منٿون ڪندو هو تہ هو سُندريءَ تائين سندس نياپو پهچائي ۽ سندريءَ کي سندس بيچينيءَ بابت ٻڌائي پر چنڊ، سمنڊ کي نظر انداز ڪري پنهنجو سفر جاري رکندو هو. جيئن جيئن چنڊ مٿي چڙهندو هو. تيئن سمنڊ جي بيچيني وڌڻ لڳندي هئي.

ڪيترن ڏينهن کان پوءِ بادل آيو تہ سمنڊَ، بادل ڏانهن ڏسي ڪيس منٿ ڪئي تہ هو سندريءَ کي ڳولي ۽ ڪيس ٻڌائي تہ سمنڊَ هن لاءِ بيچين آهي ۽ ڪيس سڏي ٿو.

بادل، سندريءَ خاطر ڪيس نظر انداز ڪرڻ سبب سمنڊ کان ناراض هو پر بادل کي سمنڊ جي بيچينيءَ سبب، سمنڊ تي رحم اچي ويو ۽ هو سندريءَ جي ڳولا ۾ هليو ويو.

بادل ڪيترن ئي ڏينهن تائين شهرن، ڳوٺن، وستين، واهڻن، پهاڙن ۽ صحرائن مٿان هلندو ۽ سندريءَ جي ڳولا ڪندو رهيو پر هن کي ڪٿي بہ سندري نظر نہ آئي. گهڻي وقت جي ڳولا کان پوءِ، هڪ ڏينهن بادل اوچائيءَ تان سندريءَ کي ڏسي ورتو. سندريءَ کي سمنڊ جو نياپو ڏيڻ لاءِ بادل هيٺ لهي آيو. سندريءَ کي پرسان اچي ڏسڻ کان پوءِ، بادل پاڻ سندريءَ تي موهجي پيو ۽ هن سندريءَ کي سمنڊ جو نياپو نہ ڏنو.

هزارين صديون گذري ويون آهن پر سمنڊ اڄ تائين سندريءَ لاءِ بيچين آهي!

# چنڊ، چڪور ۽ سُندري

چڪورَ سُندريءَ کي گذارش ڪئي، ”مهرباني ڪري تون چنڊ کي چئو تہ هڪ هنڌ بيهي، جيئن مان سِڌو چنڊ تائين پهچي سگهان.“

سُندريءَ مرڪي وراڻيو ”منهنجي چوڻ سان چنڊ پنهنجي مدار تي ڦِرڻ ڇڏي تہ نہ ڏيندو!“

چڪور چيو ”تنهنجي چوڻ سان تہ موسمون تبديل ٿي سگهن ٿيون، ستارا آسمان تان لهي ڌرتيءَ تي وڇائجي سگهن ٿا، گلَ ۽ پوپٽَ پنهنجا رنگ تبديل ڪري سگهن ٿا، پهاڙَ پنهنجي جاءِ تان سُري سگهن ٿا، آبشار انڊلٺ جهڙا رنگ اختيار ڪري سگهن ٿا!“

سُندريءَ حيرت سان پڇيو ”اهو سڀ ڪجهہ ڪيئن ممڪن آهي!“

چڪور وراڻيو ”جيڪڏهن اهو سڀ ڪجهہ ممڪن نہ هجي ها تہ مان چنڊ کي هڪ هنڌ بيهارڻ لاءِ توکي نہ چوان ها!“

سندري سوچ ۾ پئجي وئي.

چڪورَ چيو، ”تون پنهنجي سامهون موجود آبشار کي چئي ڏس.“

سُندريءَ سامهون ڏسي رڙ ڪئي، ”آبشار... انڊلٺ جهڙو ٿي ڏيکار....!“

واديءَ مان اجان سُندريءَ جي آواز جو پڙاڏو ختم ئي نہ ٿيو تہ آبشار جو پاڻي انڊلٺ جي ستن رنگن ۾ بدلجي ويو!

سندري حيران ٿي وئي.

چڪور پنهنجي گذارش کي ورجايو ”سندري، مهرباني ڪري تون چنڊ کي چئو تہ هڪ هنڌ بيهي، جيئن مان سِڌو چنڊ تائين پهچي سگهان.“

سُندريءَ مُرڪي وراڻيو ”ها، مان رات جو چنڊ کي چونديس تہ هڪ هنڌ بيهي رهي.“

رات جو چنڊ ڪڙيو تہ سُندريءَ چنڊ ڏانهن ڏسي رڙ ڪئي، ”او چنڊ...! هڪ هنڌ بيهي رهہ... جيئن تنهنجو عاشق... چڪور سڌو تو تائين پهچي سگهي!“

چنڊ هيٺ لهي سندريءَ جي ڇهري جي سامهون پهچي چيو ”منهنجا عاشق تہ بيشمار آهن پر... مان فقط توتي عاشق آهيان.“

# محبت جو نظم

مون ڪيترا سال اڳ، پهريون ڀيرو هن کي سمنڊ جي ڪناري تي ڏٺو هو. هن کي ڏسڻ کان پوءِ منهنجي دل هن سان گڏ هلي وئي هئي.

مان هن کي ٻيهر ڏسڻ لاءِ روز سمنڊ جي ڪناري تي ويندو هئس، هن جو انتظار ڪندو هئس پر هوءَ ڪيترن سالن تائين وري ڪڏهن به مون کي نظر نه آئي ۽ نه ئي هن سان گڏ ويل منهنجي دل واپس آئي!

ڪيترن سالن جي انتظار کان پوءِ هوءَ مون کي ٻيهر سمنڊ جي ڪناري تي نظر آئي ته مون هن جي ڀرسان وڃي پڇيو "مون کي سڃاڻين ٿي؟"

انڪار سان ڪنڌ لوڏي چيائين، "مان فقط سمنڊ کي سڃاڻندي آهيان!"

چيم، "ڪيترا سال اڳ منهنجي دل توسان گڏ هلي وئي هئي!"

هن بي نيازيءَ سان وراڻيو "مون سان گڏ ته هوائون ۽ بادلَ هلندا آهن. مون کي تنهنجي دل جي خبر ناهي!"

چيم، "توکي پهريون ڀيرو ڏسڻ کان پوءِ ٻيهر ڏسڻ لاءِ مون ڪيترائي سال روز تنهنجو انتظار ڪيو آهي!"

هن حيرت سان مُرڪي مون ڏانهن ڏٺو.

ڏکهو ساهه کڻي چيم، "ڪيترا سال اڳ جڏهن مون پهريون ڀيرو توکي ڏٺو هو ۽ منهنجي دل توسان گڏ هلي وئي هئي، تڏهن مون تنهنجي لاءِ محبت جو نظم لکيو هو. ايترا سال گذرڻ کان پوءِ هاڻي ته انهيءَ ڪاغذ جا اکر به ڌنڌلا ٿي ويا آهن!"

منهنجي ڳالهه ٻڌي هن مُرڪي مون ڏانهن ڏٺو ته سمنڊ جي هڪ لهر اوچتو ويجهو اچي ڇنڊا هنيا!

سمنڊ جهڙي هلڪي نيري رنگ جي لباس ۾ هن جي ڀنل جسم ڏانهن ڏسندي چيم، "انهيءَ کان اڳ جو اکر ميسارجي وڃن، مان اهو محبت جو نظم توکي ڏيڻ چاهيان ٿو. انهيءَ لاءِ مون کي تنهنجي دل جي ايڊريس گهرجي."

هن جلترنگ جهڙو ٽهڪ ڏئي چيو "محبت جو نظم مون کي سمنڊ جي ايڊريس تي موڪلي ڇڏجانءِ!"

اهو چئي هوءَ سمنڊ ڏانهن هلي وئي!

# سپنوءِ ساپيان

بيحد خوشيءَ منجهان مون ڏانهن ڏسندي چيائين، ”مان خواب پئي ڏسان يا واقعي توهان منهنجي سامهون موجود آهيو!“

مون کو بہ جواب نہ ڏنو فقط مُرڪي پيس.

هوءَ ڪجهہ دير منهنجي مُنهن ۾ چِتائي ڏسندي رهي. مُرڪندي رهي ۽ پوءِ ڪو خيال سندس ذهن ۾ آيو تہ چيائين، ”پارڪ ۾ ڇُهندي هٿي ڏسان، جيئن پڪ ٿئي تہ توهان حقيقت ۾ منهنجي سامهون آهيو!“

مون پنهنجو هٿ هن ڏانهن وڌائي مُرڪي وراڻيو ”ڇُهندي پارڪ ۾ نہ مون کي پاڻ، جيئن مون کي بہ خبر پوي تہ تون سچ ۾ منهنجي سامهون آهين!“

هن ڪنڌ هيٺ ڪري هڪدم منهنجي هٿ تي ڇُهندي پائي خوشيءَ منجهان چيو ”توهان تہ حقيقت ۾ مون سان گڏ آهيو. مان خواب نہ پئي ڏسان!“

مون ڏکيو ساهہ کڻي وراڻيو. ”مان هڪ خواب ئي آهيان!“

هن منهنجي هٿ تان اکيون مٿي کڻي، منهنجي چهري ڏانهن ڏٺو پر مون کي نہ ڏسي سگهي، جو سندس سپنو پورو ٿي چڪو هو!

# هٿ تي موجود شهر

هوءَ ٽيبل جي ٻئي پاسي منهنجي سامهون ويٺي هئي.

مون ڪجهه دير هن ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ پنهنجو هٿ کولي ڏسڻ لڳس. مون ڌاڍي غور سان لڳاتار پنهنجي هٿ کي پئي ڏٺو.

پڇيائين، "پنهنجي هٿ کي مسلسل ڇو پيو ڏسين! ڇا آهي تنهنجي هٿ تي؟"

ڪنڌ مٿي ڪرڻ کان سواءِ وراڻيم، "منهنجي هٿ تي هڪ شهر آهي، جنهن ۾ ريکائن جي صورت ۾ بيشمار ڏنگيون ڦڏيون ۽ آڏيون ابتيون گهٽيون آهن!"

پڇيائين، "ڇا پيو ڪرين تون هٿ جي لڪيرن وارين انهن گهٽين ۾؟"

پنهنجي هٿ ريکائن ۾ وڌيڪ غور سان ڏسندي وراڻيم، "مان انهن گهٽين ۾ توکي پيو ڳوليان!"

پڇيائين، "ڪڏهن کان پيو مون کي انهن گهٽين ۾ ڳولين؟"

هن ڏانهن ڏسڻ کان سواءِ چيم، "تڏهن کان، جڏهن مون توکي پهريون ڀيرو ڏٺو هو...!"

حيرت سان چيائين، "اڃان تائين نہ ڳولي سگهيو آهين!"

پنهنجي هٿ تان نظر هٽائڻ کان سواءِ وراڻيم، "مان انهن آڏين ابتين گهٽين ۾ رلجي پيو آهيان!"

منهنجي هٿ کي پنهنجي هٿ ۾ جهلي پاڻ ڏانهن سوري چيائين، "تنهنجي هٿ تي فقط ڏنگين ڦڏين گهٽين جهڙيون ريکائون ناهن. آڱرين تي ڪيترين ئي سڌيون لڪيرون بہ تہ آهن!"

مون پنهنجين آڱرين کي ڏسندي چيو ”منهنجي آڱرين تي موجود سڌيون لڪيرون اهڙن رستن جيان آهن، جيڪي منهنجي هٿ تي موجود شهر کان ٻاهر ويندا آهن!“

هن پنهنجيون آڱريون منهنجي کُليل هٿ جي آڱرين مٿان رکندي چيو ”مون ڏانهن ڏس!“

مان پنهنجي هٿ ريکائن ۾ ڀٽڪندو رهيس، هن کي ڳوليندو رهيس.

چيائين، ”تنهنجي هٿ تي موجود شهر جو سمنڊ تہ منهنجين اکين ۾ آهي. منهنجي اکين ڏانهن تہ ڏس نہ...!“

مون هن جي سمنڊ جهڙين نيرين اکين ڏانهن نہ ڏٺو.

هن ڏکوئيندڙ ساهہ کنيو تہ مون کي سندس ساهہ جو آواز طوفان جهڙو محسوس ٿيو.

مان هن کي پنهنجي هٿ جي لڪيرن ۾ ڳوليندو رهيس. ڪجهہ دير کان پوءِ مون ڪنڌ مٿي ڪري ڏٺو تہ هوءَ وڃي چڪي هئي!

مون پنهنجيون اکيون آليون ٿينديون محسوس ڪيون. ڪنڌ هيٺ ڪيم تہ منهنجي هٿ تي موجود شهر مٿان بارش ٿيڻ لڳي!

# پاڙيسري

شهرُ، جهنگ، پهاڙُ ۽ سمنڊ پاڙيسري هئا.

شهر کي پنهنجي ترقيءَ تي فخر هو.

شهر پنهنجي پاڙيسرين کي چيو "توهان ٽئي منهنجي نظر ۾ غير اهم آهيو."

جهنگ شهر کي چيو "اها تنهنجي غلط فهمي آهي. تنهنجيون ڪيتريون ئي ضرورتون مان پوريون ڪندو آهيان ۽ تنهنجي ماحولياتي سونهن منهنجي ڪري ئي برقرار آهي!"

شهر کي جهنگ جي ڳالهه نه وڻي.

پهاڙ شهر کي چيو "اها تنهنجي غلط فهمي آهي. تنهنجا ڪيترائي شهر واسي توکان بيزار ٿي، روز منهنجي تفريحي ماڳن تي اچي سُک جون ڪجهه گهڙيون گذاريندا آهن!"

شهر کي پهاڙ جي ڳالهه نه وڻي.

سمنڊ شهر کي چيو "اها تنهنجي غلط فهمي آهي. منهنجيون هوائون توکي گرميءَ جي شدت کان بچائينديون آهن!"

شهر کي سمنڊ جي ڳالهه نه وڻي.

شهر ٽنهي پاڙيسرين کي ڪاوڙ مان چيو "ترسو ڪجهه وقت اندر مان توهان کي ضرور سبق سيکاريندس!"

شهر جهنگ ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو ۽ جهنگ کي ڳڙڪائي ويو. شهر پهاڙ مٿان چڙهي ويو ته پهاڙ تي موجود تفريح گاهه ۽ جهنگلي جيوت ختم ٿي ويو. انهيءَ کان پوءِ شهر، سمنڊ جي حدن تي قبضو ڪري بيشمار گهڻ ماڙ عمارتون ٺاهي ڇڏيون ته سمنڊ شهر کان ناراض ٿي، پنهنجي اصل حدن کان گهٽ پوئتي هليو ويو!

هاڻي شهر اهڙو جهنگ بڻجي ويو آهي، جنهن ۾ هر طرف ڪنڪريٽ جا بيشمار پهاڙ آهن. هوائون شهر کان رُسي ويون آهن ۽ شهر جي ماڻهن لاءِ ساهه کڻڻ مشڪل ٿي ويو آهي!

# بادشاهہ جي بانسري

بادشاهہ بانسري وڄائي رهيو هو.

درٻاريءَ اچي بادشاهہ کي ٻڌايو "ماڻهن وٽ کائڻ لاءِ ڪجهہ ناهي، بک مري رهيا آهن!"

بادشاهہ بانسري وڄائيندو رهيو.

درٻاريءَ اچي بادشاهہ کي ٻڌايو "بيروزگاري وڌي وئي آهي. ماڻهو خودڪشيون ڪري رهيا آهن!"

بادشاهہ بانسري وڄائيندو رهيو.

درٻاريءَ اچي بادشاهہ کي ٻڌايو "معصوم ٻارڙن جي اغوا ٿيڻ ۽ انهن سان ڏاڍائي ڪرڻ جا واقعا وڌي ويا آهن. اهڙن ڪيترن معصوم ٻارڙن جا لاش بہ ملي رهيا آهن!"

بادشاهہ بانسري وڄائيندو رهيو.

درٻاريءَ اچي بادشاهہ کي ٻڌايو "غيرت جي نالي ۾ عورتن جي قتل جا واقعا وڌي ويا آهن. انهن ۾ ڪيتريون بي قصور عورتون بہ شامل آهن!"

بادشاهہ بانسري وڄائيندو رهيو.

درٻاريءَ اچي بادشاهہ کي ٻڌايو "انصاف مهانگو ٿي ويو آهي. عدالتن بدران اوطاقن تي فيصلا ٿي رهيا آهن ۽ ڏوهارين بدران بي ڏوهي ماڻهن کي سزائون ڏنيون پيون وڃن!"

بادشاهہ بانسري وڄائيندو رهيو.

درٻاريءَ اچي بادشاهہ کي ٻڌايو "بدامني وڌي وئي آهي. ماڻهو شاهراهن، گهٽين ۽ گهرن ۾ بہ محفوظ ناهن!"

بادشاهہ بانسري وڄائيندو رهيو.

درٻاريءَ اڇي بادشاهہ کي ٻڌايو "وبا جو راڪاس اسان جي ملڪ ۾ زندگيون ڳڙڪائيندو ٿو وتي ۽ مسڪين ماڻهو واهر جي آسري تي ڇيپاتجي ۽ لتاڙجي رهيا آهن!"

بادشاهہ بانسري وڄائيندو رهيو.

درٻاريءَ اڇي بادشاهہ کي ٻڌايو "ماڻهو ڇيچلائي رهيا آهن. رڙيون ڪري رهيا آهن!"

بادشاهہ بانسري وڄائيندو رهيو.

درٻاريءَ اڇي بادشاهہ کي ٻڌايو "هاڻي رعايا ڏاڍو بيزار ٿي پئي آهي ۽ ڪنهن بہ وقت ڪا باهہ ڀڙڪي سگهي ٿي!"

بادشاهہ بانسري وڄائيندو رهيو.

تبديليءَ جي اها بي سُري بانسري اڄ تائين وڄندي رهي ٿي!

# بندرا نيرُو

ڪيترن ئي بيگناھہ پورهيتن کي قتل ڪيو ويو. قتل ٿيل پورهيتن جا وارث پنهنجن پيارن جا لاش رستي تي رکي ويهي رهيا.

نيرو بانسري وڄائيندو رهيو.

ٻي سمجهہ معصوم نياڻين کي اغوا ڪري انهن سان ڏاڍائي ڪرڻ کان پوءِ، ڪين قتل ڪري سندن لاش اڇلائڻ جا واقعا وڌي ويا.

نيرو بانسري وڄائيندو رهيو.

ڪيترين ئي بي گناھہ عورتن تي بدڪاريءَ جا الزام مڙهي ڪين ماريو ڪُتو ۽ ڳيا ڳيا ڪيو پئي ويو.

نيرو بانسري وڄائيندو رهيو.

رستي ويندڙ انسانن کي سلطنت جي سپاهين بنا ڪنهن ڏوهہ جي نشانو بڻائي مارڻ شروع ڪيو. سندن وارث ريهاڙ ڪري ماتم ڪندا رهيا.

نيرو بانسري وڄائيندو رهيو.

سلطنت جي سرڪاري زمينن تي قبضا ٿيندا رهيا. قبضو ڪندڙن هٿان گهٽيون، شاهراهون، رانديون جا ميدان ۽ قبرستان بہ محفوظ نہ رهيا.

نيرو بانسري وڄائيندو رهيو.

نوجوانن کي ڪنهي گم ڪيو پئي ويو. ڪنهن بہ اداري ڪنهنجي ويل ماڻهن جي ذميواري قبول نہ پئي ڪئي. خبر نٿي پئي تہ ڪنهي گم ڪيل ماڻهن کي زمين ڳهي وئي يا آسمان کائي ويو.

نيرو بانسري وڄائيندو رهيو.

پڙهيل لکيل بيروزگار نوجوان زندگيءَ کان مايوس ٿي خودڪشيون ڪندا رهيا.

نيرو بانسري وڄائيندو رهيو.

ڳرا ٽيڪس مڙهي رعايا جي چيلهه ڀڃي ڪئي وئي. سلطنت ۾ هر طرف بک، بدحالي، مصيبتون، پريشانيون، بيماريون ۽ وبائون پکڙجي ويون.

نيرو بانسري وڄائيندو رهيو.

عدالتن بدران طاقتور سردارن جرڳا ڪري ماڻهن تي ڏنڊ مڙهڻ ۽ سزائون ڏيڻ شروع ڪيون ۽ اهي سردار ڌوهارين جي پٺڀرائي به ڪندا رهيا .

نيرو بانسري وڄائيندو رهيو.

خلق جو جيئڻ جنجال ٿي ويو ته سلطنت ۾ هر طرف کان رڙين، ريهن، واڪن ۽ پاراتن جا آواز گونجڻ لڳا.

نيروءَ پنهنجي چپن تان بانسري ٿوري پاسيري ڪري، سخت ڪاوڙ منجهان رڙ ڪئي، "مان اهي سڀ آواز نٿو ٻڌڻ چاهيان!"

نيروءَ جي چوڌاري ڪيترائي ننڍڙا بندرا نيرو موجود هئا. انهن سڀني ننڍڙن بندرن نيرُن، نيروءَ کان وڌيڪ وڏي آواز سان بانسريون وڄائڻ شروع ڪري ڇڏيون!

# پينڊورا جي پيٽي

ڪنهن زماني ۾ هڪڙو هو رانديگر، جيڪو اتفاقي طور تي بادشاهه بڻجي ويو هو. رانديگر بادشاهي تخت تي ويٺو ته هن پهريون فرمان اهو جاري ڪيو ته پينڊورا جي پيٽي سندس خدمت ۾ حاضر ڪئي وڃي.

شاهي سپاهي پينڊورا جي گهر پهتا.

بادشاهي قاصد پينڊورا کي شاهي فرمان بابت ٻڌايو ته پينڊورا پريشان ٿي وئي. چيائين، "منهنجي پيٽيءَ ۾ ڏک، بيماريون، وبائون ۽ مصيبتون بند پيل آهن!"

قاصد وراڻيو "اسان جو ڪم بادشاهه سلامت جي حڪم جي تعميل ڪرڻ آهي."

شاهي سپاهين پينڊورا جي پيٽي کنئي ته پينڊورا پاڻ به پيٽيءَ سان گڏ بادشاهي دربار ۾ پهتي.

بادشاهه پينڊورا جي پيٽي کولڻ جو حڪم ڏنو ته پينڊورا پريشانيءَ منجهان رڙ ڪئي، "منهنجي پيٽيءَ ۾ ڏک، بيماريون، وبائون ۽ مصيبتون بند پيل آهن. انهن کي ٻاهر نه ڪڍو."

بادشاهه پينڊورا ڏانهن چتائي ڏسندي چيو "توبه ته اها پيٽي کولي هئي!"

پينڊورا ڊگهو ساهه کڻي وراڻيو "هزارين سال اڳ مون ته اها پيٽي کولي غلطي ڪئي هئي. توهان انهيءَ کي ٻيهر نه کوليو."

بادشاهه پينڊورا تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي پيٽي کولڻ جو حڪم ڏنو.

بادشاهہ جي حڪم تي پينڊورا جي پيتي کولي وئي تہ هر طرف ڏک، بيماريون، وبائون ۽ مصيبتون ڦهلجي ويون.

پينڊورا جون اکيون آليون ٿي ويون. ڏک سان بادشاهہ ڏانهن ڏسندي پڇيائين، "توهان ٻيهر منهنجي پيتي کولي ماڻهن کي ڏکن، بيمارين، وبائن ۽ مصيبتن ۾ ڇو مبتلا ڪري ڇڏيو؟"

بادشاهہ مرڪي وراڻيو "ان ڪري تہ مون کي پنهنجي بادشاهت برقرار رکڻي آهي!"

* پينڊورا يوناني ڏندڪٿائي ڪردار آهي. يوناني ميٿالاجي مطابق دنيا هر قسم جي مصيبتن کان آجي هئي پر جڏهن پينڊورا پنهنجي پيتي کولي تہ سندس پيتيءَ مان وبائون، بيماريون، پريشانيون ۽ هر قسم جون مصيبتون دنيا ۾ پکڙجي ويون.

# پولڙن جو بادشاھ

ڪنهن زماني جي ڳالھ آهي تہ هڪ ملڪ ۾ پولڙن جي آبادي انسانن کان وڌيڪ ٿي وئي.

هڪ ڏينهن شهر ۾ اوچتو بيشمار پولڙا گهڙي آيا.

ڪيترن پولڙن جي هٿن ۾ لٺيون هيون، ڪيترن جي هٿن ۾ پٿر هئا ۽ ڪجھ پولڙن جي هٿن ۾ بندوقون بہ هيون.

پولڙن شهر ۾ داخل ٿيڻ سان ئي انسانن تي حملا ڪرڻ شروع ڪيا.

لٺ بردار پولڙا انسانن جا هڏ گُڏَ پڃڻ لڳا.

پٿر کڻي آيل پولڙن ماڻهن جا مٿا ڦاڙي ڇڏيا.

ببدوق بردار پولڙا بانهون لوڏيندا ۽ گوليون هلائيندا رهيا.

شهر ۾ انسانن جا لاش ڪِرڻ لڳا ۽ رستا رت سان ريٽا ٿي ويا.

سڄي شهر تي خوف ڇانيل هو ۽ انسانَ پاڻ بچائڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙي رهيا هئا.

شهر جي وڏي چوواٽي تي افراتفريءَ جي وچ ۾ هڪ ماڻهو مائيڪ هٿ ۾ جهلي تقرير ڪري رهيو هو "مان دنيا جي سيني بادشاهن جي اڳواڻي ڪري تحريڪ هلائيندس ۽ سڄي دنيا ۾ تبديلي آڻي ڏيکاريندس....."

هڪ شخص انسانن جي ڀاڄ ۾ پنهنجو پرسان ڊوڙندڙ ڏاهي کان حيرت سان پڇيو "هي چريو ڪهڙيون ڳالهيون پيو ڪري؟!"

ڏاهي ڊوڙندي ۽ سهڪندي ورائيو "جيئن پولڙي کي بندوق هٿ اچي وڃي تہ ڪنهن کي بہ هٽي سگهي ٿو تيئن اناڙيءَ کي مائيڪ ملي وڃي تہ ڪجھ بہ چئي سگهي ٿو....!"

# انصاف جو دڪان

پُراڻي زماني جي ڳالهه آهي تہ هڪ سلطنت ۾ شهر جي هڪ دڪان تي وڪري جو ظاهري طور تي ڪوبہ وَکر موجود نہ هو پر هڪ تارازي رکيل هئي.

انهيءَ دڪان تي تارازيءَ جي پويان اچي مٿي وارو هڪ شخص ويٺل هو.

هڪ واپاري دڪان تي آيو. واپاريءَ تارازيءَ جي هڪ پُڙَ ڪي چانديءَ جي سِڪن سان پري ڇڏيو.

تارازيءَ جي پويان ويٺل اڇي مٿي واري شخص، چانديءَ جي قيمت مطابق تارازيءَ جي ٻئي پُڙَ ۾ انصاف وجهي، تورَ ڪري واپاريءَ کي ڏئي ڇڏيو.

واپاري، دولت سان انصاف خريد ڪري بي فڪر ٿي هليو ويو.

هڪ دولتمند ماڻهو دڪان تي آيو. دولتمند ماڻهوءَ تارازيءَ جي هڪ پُڙَ کي سونَ جي سِڪن سان پري ڇڏيو.

تارازيءَ جي پويان ويٺل اڇي مٿي واري شخص، سونَ جي قيمت مطابق تارازيءَ جي ٻئي پُڙَ ۾ انصاف وجهي، تورَ ڪري دولتمند ماڻهوءَ کي ڏئي ڇڏيو.

دولتمند شخصُ، دولت سان انصاف خريد ڪري بي فڪر ٿي هليو ويو.

هڪ امير دڪان تي آيو. امير تارازيءَ جي هڪ پُڙَ ۾ ايترا هيرا جواهر وڌا جو اُهي تارازيءَ جي پُڙَ کان ٻہ ٻاهر نڪري آيا.

تارازيءَ جي پويان ويٺل اڇي مٿي واري شخص، هيرن جواهرن جي قيمت مطابق تارازيءَ جي ٻئي پُڙَ ۾ انصاف وجهي، تورَ ڪري امير کي ڏئي ڇڏيو.

امير، دولت سان انصاف خريد ڪري بي فڪر ٿي هليو ويو.

هڪ غريب ماڻهو دڪان تي آيو ۽ انصاف جي اميد سان تارازيءَ ڏانهن ڏسڻ لڳو.

تارازيءَ جي پويان ويٺل اچي مٿي واري شخص، غريب ماڻهوءَ کي تارازيءَ ۾ ڪجهه وجهڻ جو اشارو ڏنو.

غريب ماڻهوءَ چيو "منهنجو پيٽ ۽ کيسو ٻئي خالي آهن. انصاف جي تارازيءَ ۾ وجهڻ لاءِ مون وٽ ڪجهه به ناهي!"

تارازيءَ جي پويان ويٺل اچي مٿي واري شخص ورائيو "دڪان بند ٿيڻ جو وقت ٿي ويو آهي!"

تارازيءَ جي پويان ويٺل اچي مٿي واري شخص، غريب ماڻهوءَ کي دڪان مان ٻاهر ڪڍي انصاف جي دڪان جو در بند ڪري ڇڏيو!

# صدين تائين ورجائجندڙ آکاڻي

پراڻي زماني جي آکاڻي آهي تہ هڪڙي ملڪ تي هڪ ظالم ۽ جابر بادشاهہ حڪومت ڪندو هو. رياست ۾ انسانَ جانورن جهڙي زندگي گذارڻ تي مجبور هئا پر بادشاهہ سلامت کي رعايا جي ڪا پرواهہ ئي نہ هئي. هو پنهنجي بادشاهت کي برقرار رکڻ لاءِ رعايا تي روز پنهنجي مرضيءَ جا فيصلا مڙهيندو هو ۽ ڪنهن بہ قسم جي ڏاڍ ۽ جبر ڪرڻ کان نہ ڪيٻائيندو هو.

ملڪ جي رعايا بادشاهہ جي جبر ۽ ظلم سبب بيزار ٿي پئي. اهڙين حالتن سبب رياست جي ڏاهن ماڻهن بادشاهہ جي خلاف ڳالهائڻ شروع ڪيو تہ بادشاهي محل مان شاهي فرمان جاري ٿيو "ملڪ جو ڪوبہ ماڻهو ڪنهن بہ ڏاهي جي ڳالهہ نہ ٻڌي"

رياست جي ڪيترن ئي ماڻهن انهيءَ شاهي فرمان کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ملڪ جي جيترن ماڻهن شاهي فرمان کي مڃڻ کان انڪار ڪيو بادشاهہ انهن سڀني ماڻهن جي ڪنن ۾ شيهو وجهرائي، انهن سڀني کي ٻڌڻ جي صلاحيت کان محروم ڪري ڇڏيو!

بادشاهہ جي اهڙي ڏاڍ خلاف ڏاهن آواز بلند ڪيو تہ بادشاهي محل مان ٻيو فرمان جاري ڪيو ويو "ملڪ جا ڏاها بادشاهہ سلامت جي خلاف ڳالهائڻ بجاءِ زبان بند رکن ۽ موت ۾ بادشاهي محل ۾ حاضر ٿي ۽ نا بفو حاصل ڪن. زبان بند رکڻ وارن ڏاهن کي شاناٽنو شاهي وظيفو ڏنو ويندو جڏهن تہ بادشاهہ سلامت جي ثنا خواني ڪندڙ ڏاهن کي وڏيڪ مالا مال ڪيو ويندو."

اهڙو شاهي فرمان ٻڌي، ڏيهہ اڪثر ڏاها بادشاهي محل ۾ وڃي حاضر ٿيا ۽ انهن سڀني بادشاهہ سلامت کي بار بار فرشي سلام ڪيا. انهن ڏاهن پنهنجي

ڏاهپ وڪڻي، مال متاع ورتو. انهن جو ظيفو بہ مقرر ڪيو ويو تہ ڪين بادشاهي تمغا بہ عطا ڪيا ويا .

ڏيهہ جي ڪجهہ ڏاهن مراعتن جي بدلي ۾ پنهنجي ذهن ۽ ضمير جو سودو ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

انڪاري ڏاهن کي سزا ڏيڻ لاءِ بادشاهہ حڪم جاري ڪيو "انڪار ڪندڙ سيني ڏاهن جون زبانون وڍيون وڃن."

بادشاهي حڪم مطابق ڪيترن ئي ڏاهن جون زبانون وڍيون ويون پر ڪجهہ ڏاها لِڪي ويا. اهي لِڪي ويل ڏاها، لڪل نموني رعايا ۾ شعور بيدار ڪندا رهيا ۽ پوءِ هڪ ڏينهن اهڙو بہ آيو جو جابر بادشاهہ خلاف رياست جي رعايا اٿي کڙي ٿي ۽ بادشاهہ کي پنهنجي ئي ملڪ ۾ لِڪڻَ جي جاءِ نٿي ملي!

انهيءَ آکاڻيءَ جي ليکڪ، اها آکاڻي لکڻ کان پوءِ هيٺان لکيو هو تہ، "منهنجي هي آکاڻي صدين تائين ورجائبي رهندي ۽ هڪ ڏينهن اهڙو بہ ايندو جڏهن دنيا مان جبر جو خاتمو ٿي ويندو!"

# قيدي شهر

شهر جي چوڌاري ديوار ڏياري، سڄي شهر کي قيدخانو بڻايو ويو ۽ عوام کي خاموش رهڻ جو حڪم ڏنو ويو.

ڳالهائڻ تي بندش پئي ته هن احتجاج ڪيو.

کيس چيو ويو "جيڪڏهن زبان کوليندين ته تنهنجي زبان وڍي ڇڏيندا سين."

هن پنهنجي زبان بند ڪري ڇڏي.

ٻڌڻ تي بندش وڌي وئي ته هن احتجاج ڪيو.

کيس چيو ويو "جيڪڏهن ٻڌڻ بند نه ڪندين ته تنهنجي ڪنن ۾ شيهو وجهي ڇڏيندا سين."

هن پنهنجي ڪنن ۾ ڪپهه وجهي ڇڏي

ڏسڻ تي پابندي لڳي ته هن احتجاج ڪيو.

کيس چيو ويو "جيڪڏهن ڏسڻ بند نه ڪندين ته تنهنجيون اکيون ڪڍي ڇڏيندا سين."

هن پنهنجيون اکيون بند ڪري ڇڏيون.

سوچڻ تي بندش جو فرمان جاري ٿيو ته هن حڪم جي انحرافي ڪندي رڙ ڪئي "سوچَ تي پهرو ڪنهن ڪو لڳائي سگهجي!"

کيس چيو ويو "جيڪڏهن سوچڻ بند نه ڪندين ته توکي ماري ڇڏيندا سين."

هن ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو.

هاڻي هو شهر جي چوڌاري ڏنل ديوار کي ڊاهڻ ۽ آزاديءَ جا خواب ڏسي رهيو آهي!

# هڪ مُلڪ جو منظر نامو

ڪنهن زماني جي ڳالهہ آهي تہ هڪ ملڪ جي سرحدن اندر بہ هڪ سرحد هئي.

ملڪ جي اندرئين سرحد جي هڪ طرف طاقتور ماڻهو رهندا هئا, جن وٽ زندگيءَ جون سڀ آسائشون موجود هيون. اهي سگهارا ماڻهو ملڪ جي اندرئين سرحد جي ٻئي پاسي رهندڙ هيڻن ماڻهن تي پنهنجي مرضيءَ جا حڪم مڙهيندا هئا. حڪم نہ مڃيندڙن لاءِ سخت ترين سزائون مقرر ٿيل هيون.

ملڪ جي اندرئين سرحد جي ٻئي پاسي رهندڙ ڪمزور ماڻهن کي زندگيءَ جا بنيادي انساني حق بہ حاصل نہ هئا. اهي ذلتن جا ماريل ماڻهو ساهہ بہ ڊڄي ڊڄي کڻندا هئا تہ متان ساهہ کڻڻ جي ڏوهہ ۾ ڪين سزا نہ ڏني وڃي.

هڪ قدآور باغي شخصَ, سگهارن ماڻهن خلاف بغاوت جو عَلم بلند ڪيو تہ سگهارن ماڻهن کيس ڦاهي ڏئي ڇڏي ۽ بنديخانن کي بغاوت جي علمبردار جي حامين سان ڀري ڇڏيو.

هڪ هٿين خالي بهادر نياڻيءَ سگهارن ماڻهن کي للڪاريو تہ کيس تير سان نشانو بڻائي قتل ڪيو ويو.

هڪ ٿُلهي ماڻهوءَ پاڙ کي سگهارن ماڻهن خلاف باغي ظاهر ڪيو تہ مصيبتن جا ماريل ماڻهو آهستي آهستي سندس چوڌاري مِڙندا ويا.

سگهارن ماڻهن ٿلهي ماڻهوءَ ڏانهن اک ڪڻي ڏٺو تہ ٿلهو ماڻهو اک بچائي, پنهنجي ديس جي سرحد پار ڪري ٻئي ملڪ ڏانهن هليو ويو.

ڪمزور ماڻهن پاڻ کي بيوس سمجهڻ بدران هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ شروع ڪيو تہ طاقتور ماڻهن پاران، پنهنجن ڪجهہ ماڻهن جو ويس مٽائي ڪين ڪمزور ماڻهن ڏانهن موڪليو ويو.

ويس مٽائي آيل اهي ماڻهو پاڻ کي هيڻن جا مسيحا چئي هجوم جي اڳيان اچي بيٺا.

ڪمزور ماڻهن، مصيبتن کان نجات ڏيارڻ جي دعويدارن ڏانهن غور سان ڏٺو تہ اهي قدآور بدران ڪوتاهہ قد نظر آيا.

هيڻن جي هجوم سگهارن ماڻهن طرفان موڪليل ٻهروبين تي اعتبار نہ ڪيو تہ سگهارن کي سخت ڪاوڙ لڳي.

طاقتور ماڻهن هيڻن جي هجوم کي منتشر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر مصيبتن جي ماريل ماڻهن جو هجوم منتشر ٿيڻ بدران مظبوط ٿيندو ويو ۽ پنهنجي ٿي اندران ڪنهن قدآور ماڻهوءَ جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو.

# ٽوپي ڊرامو

عام ماڻھو شھر ۾ گندگيءَ جي شڪايت ڪٺي شھر جي قاضيءَ وٽ پھتو.

قاضيءَ عام ماڻھوءَ کي لکت ۾ درخواست داخل ڪرائڻ لاءِ چيو.

عام ماڻھوءَ لکت ۾ درخواست ڏني.

قاضيءَ شھر جي نگران ڏانھن پڇاڻو ڪرڻ لاءِ خط لکيو. انھيءَ کان پوءِ ھن پنھنجي ٽوپي لاھي شھر جي نگران واري ٽوپي پاتي ۽ شھر جي نگران جي ڪرسيءَ تي وڃي ويٺو.

شھر جي نگران جي حيثيت سان ھن صفائي ڪندڙ ٽولي جي سرواڻ ڏانھن پڇاڻي جو خط لکيو. انھيءَ کان پوءِ ھن صفائي ڪندڙ ٽولي جي سرواڻ واري ٽوپي پاتي ۽ صفائي ڪندڙ ٽولي جي سرواڻ جي ڪرسيءَ تي وڃي ويٺو.

صفائي ڪندڙ ٽولي جي سرواڻ جي حيثيت سان ھن شھر جي قاضيءَ ڏانھن خط لکيو جنھن ۾ ھن ڄاڻايو تہ شھر ۾ گندگيءَ جو ذميوار عام ماڻھو آھي. انھيءَ کان پوءِ ھن شھر جي قاضيءَ واري ٽوپي پاتي ۽ واپس قاضيءَ جي ڪرسيءَ تي وڃي ويٺو.

شھر جي قاضيءَ عام ماڻھوءَ کي طلب ڪيو.

عام ماڻھو قاضيءَ جي سامھون اچي حاضر ٿيو.

قاضيءَ پنھنجي سامھون ڪٽھڙي ۾ بيٺل عام ماڻھوءَ ڏانھن ڏسندي فيصلو ٻڌايو "عام ماڻھو گندگي ڦھلائڻ جو ذميوار آھي، تنھن ڪري شھر کي صاف رکڻ خاطر عام ماڻھوءَ کي سزا طور بنديخاني ۾ داخل ڪيو وڃي."

# آئينو ڏوهاري آهي

مڪروهه مهاندن وارن ماڻهن انهيءَ شخص کي قتل ڪري ڇڏيو جيڪو ڪين پنهنجي آئيني ۾ سندن اصلي شڪليون ڏيکاريندو هو.

مڪروهه مهاندن وارا سندس آئيني ۾ پنهنجيون شيطاني شڪليون ڏسي ڪاوڙجي پوندا هئا. مڪروهه چهرن وارا اهي ماڻهو آئينو ڏيکاريندڙ شخص کي موتمار ڌمڪيون ڏيندا هئا ته هو انهن کي آئيني ۾ سندن اصل شڪل نه ڏيکاري پر آئينو ڏيکاريندڙ شخص سندن ڳالهه مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

هو روز صبح جو آئينو کڻي گهران نڪرندو هو. هن کي جتي به جيڪو به مڪروهه مهاندن وارو ماڻهو نظر ايندو هو ته هو سندس اڳيان وڃي آئينو جهلي بيهي رهندو هو.

هو آئينو ڏيکارڻ کان نه مڙيو ته مڪروهه مهاندن وارن ماڻهن گڏجي هن کي ماري ڇڏيو ۽ سندس لاش جي چوڌاري رقص ڪرڻ لڳا. اڃا موت جو رقص جاري هو ته شيطاني شڪل واري هڪ شخص رڙ ڪري چيو "اسان آئينو ڏيکاريندڙ کي ته ماري ڇڏيو پر آئينو ته اڃا به موجود آهي!"

موت جو رقص ڪندڙ مڪروهه چهرن وارا سڀ وحشي بيهي رهيا. سيني وحشين ڪاوڙ منجهان قتل ڪيل شخص جي لاش ڏانهن ڏٺو جنهن جي هٿ ۾ اڃا به آئينو موجود هو.

هڪ وحشي اڳتي وڌيو ۽ هن قتل ٿي ويل شخص جي هٿ منجهان آئينو کڻڻ جي ڪوشش ڪئي پر هو مري ويل شخص جي هٿ مان آئينو ڦري نه سگهيو. اهو ڏسي ڪجهه ٻيا قاتل اڳتي وڌيا ۽ انهن گڏجي مري ويل ماڻهوءَ جي هٿ منجهان آئينو ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪين ناڪامي ٿي. انهيءَ کان پوءِ سيني قاتلن گڏجي ڪوشش ڪئي پر پوري طاقت جي باوجود به هو قتل ٿي ويل شخص جي هٿ منجهان آئينو ڪسي نه سگهيا.

ڪيترا ئي سال گذري ويا آهن پر مڪروهه چهرن وارا اهي وحشي، سندن شيطاني چهرا ڏيکاريندڙ آئيني کي اڄ تائين نه ٽوڙي سگهيا آهن!

# رَتُ پياڪ

چيائين، "انسانن کي ڇڏي تو اڄڪلھ جِنَنِ ۽ جانورن تي ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون آهن!"

وراڻيم، "ان ڪري تہ اڄڪلھ ڪجھ ماڻهو جِنَنِ ۽ خطرناڪ جانورن کان وڌيڪ خونخوار ٿي ويا آهن!"

طنز سان مرڪي چيائين، "ليکڪ لاءِ مشاهدو بيحد ضروري آهي. تنهن ڪري ڪجھ وقت توکي جهنگ ۾ وڃي جانورن سان ۽ جِنَنِ جي واديءَ ۾ وڃي جِنَنِ سان گڏ رهڻ گهرجي!"

وراڻيم، "مان پوري تحقيق ۽ مشاهدي کان پوءِ ئي ڪجھ لکندو آهيان."

توڪ سان مرڪي پڇيائين، "ڪڏهن جِنُ ڏٺو اٿئي؟"

وراڻيم، "ها، مون بيشمار جِنَ ۽ جانور ڏٺا آهن. هر طرف اهڙا جِنَ ۽ جانور موجود آهن، جيڪي انسانن کي آزاريندا رهن ٿا!"

هو ڪجھ دير غور سان مون ڏانهن ڏسندو رهيو ۽ پوءِ پڇيائين، "ڪٿي ڪٿي ڏٺا اٿئي؟"

وراڻيم، "مان جتي ڪٿي انسان دشمن جِنَنِ ۽ جانورن کي ڏسي سگهندو آهيان."

هن جي چهري تي سنجيدگي طاري ٿي وئي. چيائين، "مون ٻُڌو آهي تہ پراسرار ڪهاڻيون لکندڙ ليکڪ پراسرار صلاحيتن جا مالڪ هوندا آهن!"

مون ڪو بہ جواب نہ ڏنو فقط مُرڪي پيس.

هن پنهنجي ڪرسيءَ تي ٿورو اڳتي سُري پڇيو "ڇا تون مون کي بہ ڪجھ ڏيکاري سگهين ٿو؟"

مون هاڪار سان ڪنڌ لوڏيو.

هو پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿيو ۽ منهنجي ڪرسيءَ جي پرسان اچي ويٺو. پڇيائين، ”انهيءَ لاءِ ڪتي هلڻو پوندو؟“

چيم، ”انسانن کي آزارينديڙ اها مخلوق مان توکي هتي ئي ڏيکاري سگهان ٿو.“

هن ٿوري تجسس مان پڇيو ”هتي ڪيئن!؟“

مون هن کي آئيني جي سامهون وڃي ويهاريو.

چيم، ”آئيني ۾ غور سان ڏس!“

هن هڪ نظر آئيني ۾ ڏسي مرڪندي چيو، ”پنهنجي شڪل ته مان روز آئيني ۾ ڏسندو آهيان!“

اهو چئي هو واپس وڃي، عام انسانن جي زندگين تي اثر انداز ٿيندڙ تمام وڏي عهدي واري پنهنجي ڪرسيءَ تي ويٺو ته چيم، ”جنهن ڏينهن آئيني توکي پنهنجي اصلي صورت ڏيکاري، ان ڏينهن توکي خبر پئجي ويندي ته تون انسان ناهين!“

هن مرڪي وراڻيو ”مون کي خبر آهي ته مان ڇا آهيان!“

ايترو چوڻ کان پوءِ، سندس وجود رت پياڪ جانور ۾ تبديل ٿي ويو. سندس وات منجهان انساني رت ڳڙي رهيو هو پر مُرڪ تڏهن به سندس چپن تي موجود هئي.

# باغي

مون کي ڳالهائڻ کان روڪيو ويو. مون سبب پڇيو تہ مون کي ڪنيي گاڏي جي پوئين سيٽ تي ويهاريو ويو ۽ بہ ماڻهو منهنجي ڀنهي پاسن کان ويهي رهيا. گاڏي هلي تہ انهن منهنجين اکين تي پٽي ٻڌي ڇڏي ۽ مون کي خاموش رهڻ لاءِ چيو.

مون پريشانيءَ منجهان پڇيو "توهان مون کي ڇو ڪنيو آهي؟"

منهنجي ساڄي پاسي ويٺل شخص ورائيو "اسان کي اختيار حاصل آهي تہ اسان ڪنهن بہ ڳالهائيندڙ ماڻهوءَ کي، ڪنهن بہ وقت، ڪٿان بہ کڻي سگهون ٿا."

چيم، "مان بي زبان جانور ناهيان. مان انسان آهيان، تنهن ڪري ڳالهايان ٿو. منهنجو قصور ڪهڙو آهي؟"

منهنجي کاٻي پاسي ويٺل شخص جواب ڏنو "پنهنجو قصور پڇڻ وارو ماڻهو ٿي اسان جي نظر ۾ قصوروار هوندو آهي، تنهن ڪري خاموش رهڻ ٿي تنهنجي حق ۾ بهتر آهي."

مون رڙ ڪري چيو "خاموشيءَ جو ٻيو نالو موت آهي. مان جيئڻ ٿو چاهيان، ڳالهائڻ ٿو چاهيان."

انهيءَ کان پهرين جو مان ڪجهہ وڌيڪ ڳالهايان، انهن ماڻهن منهنجي وات تي بہ پٽي ٻڌي ڇڏي.

ڊگهي سفر ۽ ڊگهي خاموشيءَ کان پوءِ گاڏي هڪ هنڌ بيٺي، جتي مڪمل خاموشي هئي. هنن مون کي هيٺ لاٿو تہ مون کي يقين ٿي ويو تہ هو مون کي ڪنهن ويران علائقي ۾ کڻي آيا آهن پر جڏهن انهن منهنجين اکين تان پٽي لاٿي

تہ مان اهو ڏسي حيران ٿي ويس تہ مان اهڙي هنڌ موجود هئس، جتي مڪمل خاموشي هئي. هر طرف بيشمار ماڻهو تہ هيا پر ڪنهن بہ ڪجهہ نہ ٿي ڳالهايو.

گاڏيءَ ۾ اڳيان ويٺل شخص، هر طرف موجود ماڻهن ڏانهن اشارو ڪري چيو، "هي سڀ ماڻهو ان ڪري جيئرا آهن، جو اهي نٿا ڳالهائين. اڄ کان پوءِ تون بہ نہ ڳالهائجانءِ، نہ تہ اسان توکي ماري ڇڏينداسين."

مون پنهنجي چپن تان پٽي لاهي رڙ ڪئي، "مان ڳالهائيندس. مون کي ماري ڏسو مان مرڻ کان پوءِ بہ ڳالهائيندس."

# احتجاج

اوچتو رت جي بوءِ محسوس ٿي تہ مون گهر کان ٻاهر نڪري ڏٺو. منهنجي گهر تي رت جا ڇنڊا لڳل هئا ۽ گهر جو رستو بہ رت سان ريٽو ٿيل هو.

مان پاڙي جي ٻين گهٽين ڏانهن ويس. پاڙي جون سڀ گهٽيون رت هاڻيون هيون.

مان شهر ۾ نڪري پيس. شهر جا سڀ رستا رت ۾ ٻُڏل هئا.

مان انسانيت جي قتل جِي ايف آئي آر ڪٽرائڻ لاءِ پوليس اسٽيشن تي پهتس پر منهنجي فرياد داخل ڪرڻ کان انڪار ڪيو ويو.

مان شهر جي پوليس چيف وٽ ويس ۽ کيس چيم، "شهر ۾ انسانيت جو قتل ٿيو آهي، پر منهنجي ايف آئي آر نٿي داخل ڪئي وڃي!"

پوليس چيف پڇيو، "تو وٽ ڪهڙو ثبوت آهي تہ انسانيت جو قتل ٿيو آهي؟"

چيم، "منهنجي شهر جا سڀ رستا رت سان ڳاڙها ٿيل آهن!"

پوليس چيف وراڻيو "هن شهر جا رستا تہ گهڻي وقت کان ڳاڙها آهن. اها ڪا نئين ڳالهہ ناهي!"

پوليس چيف کان مايوس ٿي مون احتجاج ڪيو ۽ شهر جي اهم شاهراهہ تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيس.

وقت جو حڪمران مون وٽ پهتو ۽ ڌرڻو ختم ڪرڻ لاءِ چيائين.

وراڻيم، "شهر ۾ انسانيت جو قتل ٿيو آهي، پر پوليس چيف منهنجي ڳالهہ ٻُڌڻ لاءِ تيار ناهي. جيسين انسانيت جي قاتلن کي گرفتار نہ ڪيو ويندو تيسين منهنجو احتجاج جاري رهندو."

حڪمران پڇيو "ڪنهن جي خلاف ڪارروائي ڪيون؟"

چيم، "انهن سيني رت پياڪ جانورن جي خلاف، جن کي هن شهر ۾ داخل ٿيڻ کان نہ روڪيو ويو ۽ هاڻي انهن منهنجي شهر جي رستن جو رنگ ڳاڙهو ڪري ڇڏيو آهي!"

# متحرڪ ماڻھو

اڇي رنگ جا ڪپڙا پھريندڙ متحرڪ ماڻھو روز صبح جو گھر کان نڪرندو هو. رات جو گھر واپس پھچندو هو ته اڌ رات تائين ڪتاب ۽ اخبارون پڙهندو هو. بستري تي سمھڻ کان پوءِ ننڊ اچڻ تائين لڳاتار ڪجھ سوچيندو رهندو هو.

هڪ ڏينھن صبح جو هو گھر کان ٻاهر نڪتو ته هڪ ئي رنگ جا ڪپڙا پھريل ڪجھ ماڻھو هن کي کڻي کڻي ويا.

هو ڪيترن ڏينھن تائين گم رهيو ۽ پوءِ هڪ رات هن کي کڻي ويندڙ ماڻھن سندس اکين تي پٽي ٻڌي، کيس شھر جي ويران رستي تي ڇڏي ڏنو. هو واپس پنھنجي گھر موٽي آيو.

متحرڪ ماڻھو غير متحرڪ نه ٿيو.

هڪ ڏينھن هو پنھنجي شھر جي رستي تان وڃي رهيو هو ته ٻي رنگ جا ڪپڙا پھريل ڪجھ ماڻھو هن کي کڻي کڻي ويا.

هو ڪيترن ڏينھن تائين گم رهيو ۽ پوءِ هڪ رات هن کي کڻي ويندڙ ماڻھن سندس اکين تي پٽي ٻڌي، کيس زخمي حالت ۾ ٻئي شھر جي ويران رستي تي ڇڏي ڏنو. هو زخمي حالت ۾ ٻئي شھر کان واپس پنھنجي شھر موٽي آيو.

هن ڪيترن ئي ڏينھن تائين پنھنجي تشدد ٿيل جسم جو علاج ڪرايو ۽ وري متحرڪ ٿي ويو.

هڪ رات هو گھر ۾ ستل هو ته ٽئين رنگ جا ڪپڙا پھريل ڪجھ ماڻھو زبردستيءَ هن جي گھر ۾ داخل ٿيا ۽ کيس کڻي کڻي ويا.

هو ڪيترن ڏينھن تائين گم رهيو ۽ پوءِ هڪ رات هن کي کڻي ويندڙ ماڻھن، کيس سندس شھر کان ٻاهر هائي وي جي پرسان قتل ڪري ڇڏيو.

متحرڪ ماڻھوءَ جو جسم غير متحرڪ ٿيو ۽ هن کي اڇي رنگ جي ڪپڙن بدران ڳاڙهي رنگ جا ڪپڙا پھريل هئا.

# دوربين

مان هڪ وڏي جبل جي چوٽيءَ تي بيٺو هئس ۽ مون وٽ تمام گھڻو پرتي ڏسڻ واري دوربين موجود هئي.

مون دوربين وسيلي پهاڙ جي پرپاسي ۾ موجود انساني آبادين ڏانهن ڏٺو. وڏي پهاڙ جي چئني پاسي بنيادي ضرورتن کي بنا انساني آبادي موجود هئي!

مون پرتي ميداني علائقي ڏانهن نهاريو جتي هر طرف هيڻن حالن وارا انسان موجود هئا. عورتون پاڻيءَ جي ڳولا ۾ پريشان هيون ۽ انهن جا متيءَ هاڻا ٻار انگ اگھاڙا هئا!

مون صحرا طرف نظر ڦيرائي، جتي شڪاري مورن ۽ هرڻن کي ماري رهيا هئا. صحرائي ڳوٺن ۾ معصوم ٻارڙا غذائي کوٽ ۽ بيمارين سبب تڙپي تڙپي مري رهيا هئا!

مون چئني ڏسائن ۾ پنهنجي ديس جي شهرن ڏانهن ڏٺو. سڀني شهرن ۾ بدامني ۽ گندگي ڦهليل هئي. گندگيءَ ۽ ڏپ سبب ماڻهو مختلف بيمارين ۾ مبتلا هئا !

مون پنهنجي پرڳڻي جي گاديءَ واري شهر طرف نهاريو .شهر جي زمين تي قبضا گيرن گھڻ ماڙ عمارتون ٺاهي، روشنين جي شهر کي ڪنڪريٽ جو جهنگ بڻائي ڇڏيو هو جنهن ڪري هوائون شهر کان رُسي ويون هيون ۽ شهر واسي ساهه کڻڻ ۾ تڪليف محسوس ڪري رهيا هئا!

مون پرڳڻي جي گاديءَ واري شهر کان اڳتي سمنڊ طرف نهاريو. سمنڊ جي گدلي تيل ڪناري کان پرتي، ٻيٽن تي ڌارين لاءِ نوان شهر ٺاهڻ لاءِ قبضا ٿي رهيا هئا ۽ ڌرتيءَ ڌڻين کي ٻيٽن جي ويجهو اچڻ کان بہ روڪيو پئي ويو!

مون پرڳڻي جي گاديءَ واري شهر ۾ موجود حڪمران جي محل ڏانهن ڏٺو. پرڳڻي جي حڪمران ۽ سندس واڳ ڌڻيءَ سميت ڪجھ وزير فقط ڳالهيون ڪري رهيا هئا ۽ ٻيا سڀئي وزير، مشير ۽ درٻاري ننڊ پيا هئا!

# سمنڊ ڪناري روئندڙ ماءُ

سمنڊ جي ڪناري تي اُها بيحد حَسين ۽ نوراني چهري واري ٻڍڙي عورت هڪ پٿر مٿان ويٺي روئي رهي هئي.

هن کي ڏسي مون کي پنهنجي امڙ ياد اچي وئي. مان نوراني چهري واري ٻڍڙي عورت جي پرسان وڃي، سندس پيرن ۾ ويهي رهيس.

هن هڪ نظر مون ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ وري سمنڊ ڏانهن ڏسندي روئندي رهي.

مون امڙ جهڙي عورت ڏانهن همدرديءَ ۽ محبت سان ڏسندي پڇيو "ڇو پئي روئين امان!؟"

هن ڪوبہ جواب نہ ڏنو. سمنڊ ڏانهن پري ڪٿي ڏسندي رهي ۽ سندس اکين منجهان لڳاتار لڙڪ وهندا رهيا.

مون هن جو هٿ جهلي ڏک ۽ پيار سان وري پڇيو "امڙ، ڇو ٿي روئين تون؟"

امڙ جهڙي عورت ٿڌو ساهہ کڻي هڪ نظر مون ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ سمنڊ ڏانهن ڏسندي چيائين، "مان پنهنجي ٻچڙن لاءِ پيئي روئان!"

منهنجي دل کي ڌڪ لڳو اندر منجهان سُور جي سَٽَ اٿي. سوچيم، 'جنهن ماءُ جا ٻچڙا سمنڊ ۾ گم ٿي وڃن، انهيءَ جو درد ڇا هوندو...' امڙ جهڙي پياري عورت جو درد مون پنهنجي اندر ۾ اوتجندي محسوس ڪيو. ڪجهہ دير خاموش رهيس ۽ پوءِ پڪ ڪرڻ خاطر پڇيم، "تنهنجا ٻار سمنڊ ۾ ٻڏي ويا آهن ڇا؟"

هن انڪار سان ڪنڌ لوڏيو. آسائتين اکين سان مون ڏانهن ڏسندي چيو "نہ منهنجا ٻچڙا سمنڊ ۾ موجود آهن پر انهن کي بچائڻ جي ضرورت آهي."

هن جي ڳالهہ مون کي سمجهہ ۾ نہ آئي. حيرت سان پڇيم، "ڇا مطلب امان!؟"

سُڏڪا ڀريندي جواب ڏنائين، "سمنڊ ۾ موجود سڀئي منهنجا ٻچا آهن!"

مون حيرت سان پڇيو "تون ڪير آهين امان؟"

منهنجي امڙ جهڙي عورت ڏکويل نظرن سان سمنڊ ڏانهن ڏسندي وراڻيو "مان سنڌ آهيان!"

# وتايو فقير ان ٽربل

وتائي فقير چيو "ٻڌو اٿم تہ ادبي ميلي ۾ تو مون کي فليش فڪشن رائيٽر ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي!"

وراڻيم، "ها فقير، مون چيو هو تہ وتايو فقير سنڌ جو سڀ کان وڏو فليش فڪشن رائيٽر آهي."

وتايو فقير ڪاوڙجي پيو.

چيم، "ناراض ٿيڻ بدران توکي منهنجي مهرباني مڃڻ کپي فقير."

وتائي حيرت سان پڇيو "ڪهڙي ڳالهہ جي مهرباني مڃيان!؟"

چيم، "انهيءَ ڳالهہ جي تہ مون توکي سڀ کان وڏو فليش فڪشن رائيٽر چيو."

وتائي سخت ڪاوڙ منجهان پڇيو "تو ايئن چو ڪيو!؟"

چيم، "اڄڪلهہ جي ليکڪن کي پنهنجي نڪ کان اڳتي ڪجهہ بہ نظر ناهي ايندو. مون بہ پنهنجي نڪ کان اڳتي نهارڻ جي ڪوشش ڪئي تہ مون کي بيو ڪوبہ ڪهاڻيڪار نظر نہ آيو..."

وتائي منهنجي ڳالهہ ڳڻيندي پڇيو "تہ پوءِ تو منهنجو نالو چو ورتو؟"

وراڻيم، "جڏهن مون کي پنهنجي نڪ کان اڳتي بيو فليش فڪشن رائيٽر نظر نہ آيو تہ پوءِ وري مون تصور جي اک سان ڏٺو تہ منهنجي نظر توتي پئجي وئي!"

وتائي فقير جي نرڙ تي گهنج پئجي ويا. فڪرمنديءَ سان چيائين، ”۽ تو بنا سوچڻ سمجهڻ جي چئي ڇڏيو تہ وتايو فقير سنڌ جو سڀ کان وڏو فليش فڪشن رائيٽر آهي!“

چيم، ”ها فقير، حقيقت بہ اها ئي آهي.“

وتايو وڏيڪ ڪاوڙجي پيو. چيائين، ”مون کي ڪهاڻيڪار چئي غلط ڪيو تو...!“

وراڻيم، ”مون غلط ڳالهہ ناهي ڪئي!“

وتائي وراڻيو ”اڄڪلهہ ڪهاڻيڪار سڏرائڻ خطري کان خالي ناهي!“

مون ڪو جواب نہ ڏنو. سوچ ۾ پئجي ويس.

وتائي فقير سخت فڪرمنديءَ سان چيو ”تو وارو يار جهونو جوڳي پنهنجي هڪ ڪهاڻيءَ جي ڪري مصيبت ۾ مبتلا ٿي ويو آهي. منهنجيون تہ الله سان ڪيل سڀ ڳالهيون منهنجي ڳچيءَ ۾ پئجي وينديون!“

# انسان جي آتم ڪٿا

ڌرتيءَ تي هر طرف جنگيون، وبائون، بيماريون، آفتون ۽ مصيبتون پکڙجي ويون. چئني ڏسائن ۾ ڪٿي بہ سڪون واري ماڳ جو ڏَسُ نہ پئي مليو. اهڙي ڪنهن ماڳ جو ڏَسُ پَتو نہ ملڻ سبب، مون بنا ڪنهن منزل جي سفر جو سانباهو ڪيو.

مان سرسبز وادين منجهان گذريس تہ ڪٿي اهي هاري ۽ مالهي بہ نظر نہ آيا، جيڪي ڌرتيءَ جي ڪينواس تي رنگ پريندا هئا!

صحرا منجهان لنگهيس تہ ڪٿي اهي لاڏائو بہ نظر نہ آيا، جيڪي سدائين سفر ۾ هوندا هئا ۽ سندن پيرا پويان ايندڙن کي رُڃ ۾ اُڃ مرڻ کان بچائي، واٽ ڏيکاريندا هئا!

پهاڙن جا پنڌ ڪيم تہ ڪٿي اهي ڌراڙ بہ نظر نہ آيا، جيڪي پنهنجين رڍن کي چارڻ لاءِ ايندي ويندي نظر ايندا هئا ۽ پهاڙن تي چڙهندڙ ٿڪل مسافرن کي کير پيرايندا هئا!

سامونڊي پَٽيءَ تي ڊگهو پنڌ ڪيم تہ ڪٿي پرڏيهين جا پاٽيءَ وارا جهاز ۽ مُهاڻن جا اهي ٻيڙا بہ نظر نہ آيا، جن جي لنگرانداز ٿيڻ سان سمنڊ ڪناري زندگي رقص ڪندي هئي!

سرسبز وادين، صحرائن، پهاڙن ۽ سامونڊي ڪنارن تي هر طرف ويراني نظر آئي تہ مان ٿڪجي، شام ڏارا ساهي پٽڻ لاءِ سمنڊ ڪناري هڪ ناريل جي وڻ هيٺان ليٽي پيس. سمنڊ کي پٺي ڏئي اکيون بند ڪيم تہ اک لڳي وئي.

تيز ڇولين جي آواز تي جاڳيس تہ منهنجو مُنهن سمنڊ طرف هو. سج لهي رهيو هو ۽ هڪ خالي ٻيڙي منهنجي سامهون خشڪيءَ تي بيٺل هئي! ٻيڙيءَ کي

قدرت جو تحفو سمجهي مان پنهنجي جاءِ تان اٿيس ۽ ٻيڙيءَ ۾ وڃي ليٽي پيس. سج لٿو تہ وري تيز لهرن جو آواز ٿيو ۽ اهي لهرون ٻيڙيءَ کي کهلي سمنڊ ۾ ڪٽي ويون!

خشڪيءَ تي تہ مون کي جنگين، وبائن، بيمارين، آفتن ۽ مصيبتن کان بچڻ لاءِ ڪٿي بہ ڪا پناهگاهہ نظر نہ آئي هئي، تنهن ڪري مون پاڻ کي سمنڊ جي حوالي ڪري ڇڏيو.

رات ٿي تہ سمنڊ مٿان ستارا جهرمر ڪري رهيا هئا. دور ڪٿي آسمانُ سمنڊ مٿان نِوڙي آيو هو. سمنڊ ۾ ٻيڙي لوڏا کائي رهي هئي ۽ ڏکهي فاصلي تي ستارا سمنڊ ۾ ٽپيون هڻي رهيا هئا. ٻيڙيءَ جي هندوري ۾، منهنجي اکين ۾ ننڊ لهي آئي!

صبح جو اک کُلي تہ ٻيڙي هڪ ننڍڙي ٻيٽ جي ڪناري تي بيٺي هئي. انهيءَ ٻيٽ تي ڪجهہ ڏکها وڻ هئا ۽ وڻن جي وچ ۾ هڪ جهوپڙي هئي.

مون جهوپڙيءَ جي ويجهو وڃي سڏ ڪيو "وئي آهي...؟"

اندران آواز آيو "ها، ڪوئي آهي ۽ اُهو تنهنجي لاءِ اوپرو ناهي. اندر هليو اچ."

مان اندر داخل ٿيس تہ هڪ شخص پنيرو ويٺل هو. مُنهن ورائي مون ڏانهن ڏسڻ کان سواءِ چيائين، "جتان آيو آهين، اوڏانهن واپس هليو وڃ."

وراڻيم، "پر مان تہ جنگين، وبائن، بيمارين، آفتن ۽ مصيبتن کان بچڻ لاءِ ڪنهن پناهگاهہ جي ڳولا ۾ آهيان!"

هن پنيرو ويٺي ئي جواب ڏنو "جنهن ڏينهن تو پاڻ سان دشمني ختم ڪري ڇڏي، ان ڏينهن توتان سڀ جنگيون، وبائون، بيماريون، آفتون ۽ مصيبتون دور ٿي وينديون، نہ تہ هڪ ڏينهن تون پاڻ ختم ٿي ويندين!" ايترو چئي هن مون ڏانهن مُنهن ڦيرايو ۽ مان اهو ڏسي حيران ٿي ويس تہ هن جي جاءِ تي بہ مان ئي موجود هئس!

# ديوارون

وقت جو حڪمران عوام پاران تنقيد ڪرڻ تي ڪاوڙجي پيو.

حڪمران، نہ فقط سچ چوڻ پر سچ ٻڌڻ تي بہ پابندي لڳائي ڇڏي

سچ تي پابندي لڳي تہ گامون تپي باھ تي ويو.

چيائين، ”مان اظھار جي آزاديءَ لاءِ تحريڪ ھلائيندس!“

مان ڏجي ويس.

چيومانس، ”آھستي ڳالھاءِ ديوان کي بہ ڪَنَ ھوندا آھن!“

ڏاڍيان چيائين، ”مان سيني ماڻھن کي ٻڌائيندس تہ اظھار جي آزادي انھن جو بنيادي انساني حق آھي!“

اھو چئي ھواتي ھليو ويو.

ھن اظھار جي آزاديءَ لاءِ تحريڪ ھلائڻ جي ڪوشش ڪئي پر سندس تحريڪ ناڪام ٿي وئي.

ھو واپس موٽي آيو.

پڇيومانس، ”تنھنجي تحريڪ ناڪام ڇو وئي؟“

گامونءَ ڏُک سان چيو ”اڳي ديوارن کي ڪَنَ ھوندا ھئا، ھاڻي ماڻھن ڪَنن ۾ ديوارون ٺھرائي ڇڏيون آھن!“

# افسانو

گامونءَ افسانہ لکڻ شروع ڪيا تہ چيومانس، ”توکي افسانہ نگار ٿيڻ بجاءِ تاريخ نويس ٿيڻ گُهرجي ها.“

چيائين، ”تاريخ ڪوڙ سان پري پئي آهي. مان اهڙو ڪم نہ ڪري سگهندس.“

چيم، ”افسانن ۾ جو ڪوڙ لکندو آهين!“

گامونءَ مُرڪي چيو ”افساني کي ڪوڙ ۽ تاريخ کي سچ سمجهي پڙهيو ويندو آهي. اها ئي ڳالهہ آهي تہ تاريخ ۾ ڪوڙ ۽ افساني ۾ سچ لکيو ويندو آهي!“

# گامون روڄ

گامونءَ مختلف سياسي پارٽين، سماجي جماعتن ۽ ادبي تنظيمن جي جلسن ۾ شريڪ ٿيڻ شروع ڪيو. هو سياسي، سماجي ۽ ادبي اڳواڻن جون تقريرون ڏاڍي غور سان ٻڌڻ لڳو. ڪيترن ئي جلسن ۾ شريڪ ٿيڻ کان پوءِ هن جلسن ۾ اچڻ ڇڏي ڏنو.

ڪنهن ٻڌايو تہ گامون بيمار ٿي پيو آهي.

مان گامونءَ جي طبيعت پڇڻ لاءِ سندس گهر ويس تہ هو مون کي چڱو ڀلو نظر آيو.

افسوس سان چيم، "سچ ڳالهائڻ جي ڪري تو پنهنجا بيشمار دشمن پيدا ڪيا آهن."

گامون بي فڪريءَ سان مرڪي پيو.

چيم، "تنهنجي دشمنن هُلايو آهي تہ گامون بيمار ٿي پيو آهي!"

گامونءَ وراڻيو "مان واقعي بيمار ٿي پيو آهيان."

گامونءَ ڏانهن غور سان ڏسندي پڇيم، "ڇا ٿيو آهي توکي؟"

گامونءَ جي چهري تي اڳ ۾ ڪاوڙ ظاهر ٿي ۽ پوءِ هن ٿڌو ساهہ کڻي ڏک سان چيو "جلسن ۾ ڪوڙ ٻڌي ٻڌي منهنجا ڪَنَ پچي پيا آهن!"

گامونءَ جلسن ۾ وڃڻ تہ ڇڏي ڏنو پر هو مختلف سياسي پارٽين، سماجي جماعتن ۽ ادبي تنظيمن جي جلوسن ۾ نظر اچڻ لڳو. هن ڪيترن ئي جلوسن ۾ شريڪ ٿي وڏا پنڌ ڪيا. ڪجه عرصي کان پوءِ اوچتو هن جلوسن ۾ شريڪ ٿيڻ بہ ڇڏي ڏنو.

هڪ ڏينهن هو رستي ويندي مليو تہ پڇيومانس "تو جلوسن ۾ هلڻ ڇو ڇڏي ڏنو؟"

گامونءَ ڏک سان ڏڳهو ساهہ کنيو ۽ پوءِ ذومعني انداز سان ورائيو "جلوس سان گڏ غلط رستي تي پنڌ ڪرڻ کان بهتر آهي تہ اڪيلي سِر پنڌ ڪجي." اهو چئي گامون اڪيلو ئي ڏکي رستي تي هليو ويو.

گامون انهيءَ ڏکي رستي تي روز پنڌ ڪندو آهي، جنهن ڪري انهيءَ رستي کي شهرواسي "گامون روڊ" چوندا آهن.

ڪيترن ئي سياسي، سماجي ۽ ادبي اڳواڻن گامون روڊ تان گذرڻ ڇڏي ڏنو آهي.

# بدمعاش

نوجوان ڇوڪِري گهٽيءَ مان وڃي رهي هئي.

ڪجهه فاصلي تي ناليءَ ۾ هڪ ڪتو ويٺو هو. ڇوڪري ويجهو پهتي تہ ناليءَ ۾ ويٺل ڪتي ڇوڪري ڏانهن ڏسي ڀونڪڻ شروع ڪيو.

ڇوڪريءَ ڇرڪي ڪتي ڏانهن ڏٺو ۽ تڪڙي تڪڙي اڳتي وڌي وئي.

ڪجهه فاصلي تي هڪ نوجوان دِڪيءَ تي ويٺو هو. ڇوڪري ويجهو پهتي تہ دِڪيءَ تي ويٺل نوجوان ڇوڪريءَ ڏانهن ڏسي سيٽي وڄائڻ شروع ڪئي.

ڇوڪريءَ ڇرڪي نوجوان ڏانهن ڏٺو ۽ تڪڙي تڪڙي اڳتي وڌي وئي.

گهٽيءَ جي ٻئي طرف کان گامون اچي رهيو هو جنهن اهو سڀ ڪجهہ ڏٺو. ڇرڪيل ڇوڪري تحفظ جي احساس سبب گامونءَ جي پرسان پهچي بيهي رهي.

گامونءَ ڇوڪريءَ جي مٿي تي هٿ رکندي چيو "هڪ ئي گهٽيءَ ۾ ويٺل ٻن بدمعاشن ۾ فرق فقط اهو ئي آهي تہ هڪ کي ڀونڪڻ ايندو آهي ۽ ٻئي کي سيٽي وڄائڻ ايندي آهي!"

# گامون گردي

گامونءَ وڏنڊڙ غنڊا گرديءَ خلاف احتجاج ڪيو تہ غنڊن گامونءَ تي حملو ڪري ڪيس مارڪٽ ڪئي.

غنڊن ڪيس چيو "اسان جي خلاف ڳالهائڻ ڇڏي ڏي، نہ تہ اسان توکي ماري ڇڏينداسين."

گامونءَ وراڻيو "سچ چوڻ منهنجي لاءِ ساهہ کڻڻ جيترو ضروري آهي. مان سچ ڳالهائڻ ڇڏي ڏيندس تہ مري ويندس. مان زندهہ رهڻ خاطر سچ ڳالهائيندو رهندس!"

گامون، غنڊن خلاف رپورٽ داخل ڪرائڻ لاءِ ٿاڻي تي پهتو.

پوليس، گامونءَ جو ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري، ڪيس ڌمڪيون ڏئي ٿاڻي مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو.

گامونءَ پوليس گرديءَ خلاف احتجاج ڪيو تہ صوبيدار گامونءَ وٽ اچي ڪيس چيو "پوليس جي خلاف ڳالهائڻ ڇڏي ڏي، نہ تہ اسان توکي فل فرائي ڪري ماري ڇڏينداسين."

گامونءَ وراڻيو "سچ چوڻ منهنجي لاءِ ساهہ کڻڻ جيترو ضروري آهي. مان سچ ڳالهائڻ ڇڏي ڏيندس تہ مري ويندس. مان زندهہ رهڻ خاطر سچ ڳالهائيندو رهندس!"

گامونءَ کي پوليس، گامون گرديءَ جي الزام ۾ گرفتار ڪري، چالان ڪري ڇڏيو.

گامونءَ عدالت مان ضمانت ڪرائي ورتي ۽ هاڻي وڪيل گرديءَ خلاف احتجاج ڪري رهيو آهي!

# پنج سال

مون شاهراهہ تي پهچي ڏِگهو پنڌ ڪيو ۽ چوڪ تي پهچي، حڪمران جي محل واري رستي تي وڃڻ چاهيو تہ چوڪ تي بيٺل سپاهيءَ مون کي اڳتي وڃڻ کان روڪي ڇڏيو.

مون ڪاوڙ منجهان سپاهيءَ ڏانهن ڏسندي چيو "تون منهنجو رستو روڪڻ وارو ڪير ٿيندو آهين!"

سپاهيءَ ورائيو "مان سرڪاري سپاهي آهيان ۽ مون سرڪار جي حڪم تي ئي تنهنجو رستو روڪيو آهي."

مون ڏِگهو ساهہ کڻي چيو "هاڻوڪي حڪمران ووٽ وٺڻ کان اڳ ۾ مون کي چيو هو تہ حڪمران ٿيڻ کان پوءِ هُو وري مون ڏانهن ايندو پر اڃا تائين ناهي آيو".

سپاهيءَ ڪو بہ جواب نہ ڏنو.

چيم "جيڪڏهن تون مون کي حڪمران جي محل طرف وڃڻ نہ ڏيندين تہ مان حڪمران سان تنهنجي شڪايت ڪندس."

سپاهيءَ بنا ڪنهن تاثر جي ورائيو "انهيءَ ڳالهہ جي مون کي ڪا بہ پرواهہ ناهي، ڇوتہ حڪمران پاڻ مون کي انهيءَ لاءِ مقرر ڪيو آهي تہ جيئن مان محل ڏانهن ويندڙ ماڻهن کي روڪيان".

مون انتهائي ڏُکَ سان محل ڏانهن ويندڙ رستي کي ڏسي سپاهيءَ کان پڇيو "تہ ڇا مان واپس هليو وڃان؟"

سپاهيءَ ورائيو "اها تنهنجي مرضي، باقي جيڪڏهن تون هتي بيٺو رهين تہ مون کي ڪو اعتراض ناهي".

مان اتي ئي رستي تي بيهي رهيس. سوچيم، حڪمران جي سواري هتان گذرندي تہ مان حڪمران جو رستو روڪي کيس پنهنجا وعدا ياد ڏياريندس.

مان سچو سال رستي تي موجود رهيس پر حڪمران انهيءَ رستي تان نہ گذريو.

سپاهيءَ چيو "وڏيڪ انتظار ڪرڻ اجايو آهي. واپس هليو وڃ."

مون واپس وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

مان ٻيو سال رستي تي موجود رهيس پر حڪمران انهيءَ رستي تان نہ گذريو.

سپاهيءَ چيو "وڏيڪ انتظار ڪرڻ اجايو آهي. واپس هليو وڃ."

مون واپس وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

سپاهيءَ پڇيو "تون حڪمران سان ملڻ لاءِ ايڏو انتظار ڇو پيو ڪرين؟"

چيم، "ووٽ وٺڻ کان اڳ ۾ حڪمران ڪيترائي وعدا ڪيا هئا. هن اهو بہ چيو هو تہ حڪومت ۾ اچڻ کان پوءِ مان هڪ ڪروڙ ماڻهن کي روزگار سان لڳائيندس پر سندس دور ۾ مون کي بيروزگار ڪيو ويو آهي!"

سپاهيءَ ڪوبہ جواب نہ ڏنو هو منهنجي ڳالهہ ٻڌي مرڪي پيو.

منهنجي انتظار جو ٽيون سال هلي رهيو هو تہ هڪ ڏينهن حڪمران جي سواري شاهراهہ تي ايندي نظر آئي. منهنجي اکين ۾ اميد جي جوت جرڪي پئي.

حڪمران جي سواري منهنجي انتظار واري رستي بدران چوڪ تان ئي رستي ڏانهن هلي وئي!

مون ڏک ۽ حيرت سان سپاهيءَ کان پڇيو "حڪمران جي سواري هن رستي تي ڇو نہ آئي؟"

سپاهيءَ ڪوبہ جواب نہ ڏنو.

رستي تان گذرندڙ گامونءَ مون ڏانهن ڏسي چيو "انتظار ڪرڻ بدران ٻيو ڪجهہ وڃي ڪر..."

گامونءَ ڏانهن ڏسندي پڇيم، "پر ڇو؟"

گامونءَ ڪاوڙ منجهان ورانيو "ان ڪري جو حڪمران جنهن رستي تان ووٽ وٺڻ لاءِ ايندا آهن، انهيءَ رستي تان پنج سال ناهن گذرندا."

# مارڪيٽ ويليو

گامونءَ جون مالي حالتون سخت خراب ٿي ويون. بڪون ڪاٽڻ سبب هو ڏيرو ٿي ويو ۽ سندس پاسراتيون نڪري آيون.

چيومانس، "سچ ڳالهائڻ ڪان سواءِ ڪو بيو ڪم بہ ڪندو ڪر. نہ تہ بک مري ويندين!"

چيائين، "سچ ڳالهائڻ ڪان سواءِ مون کي بيو ڪو بہ ڪم نٿو اچي!"

چيومانس، "ڪو ڌنڌو روزگار بہ ڪر. ڳالهين سان پيٽ ناهي ڀربو!"

گامونءَ پڇيو "ڇا ڪيان مان؟"

ڪجھ سوچي وراڻيم، "ڪيترائي وزير مُشير تنهنجا واقفڪار آهن. ڪنهن وزير مشير کي نوڪريءَ لاءِ درخواست ڏي."

ڪاوڙ منجهان مُنهن ۾ گُهنڊ وجهي چيائين، "مان گامون آهيان، درخواستي دانشور ناهيان!"

مون کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو. گامونءَ جهڙي ماڻهوءَ کي اهڙي صلاح نہ ڏيڻ گهربي هئي.

گامون مون کي خاموش ڏسي مرڪي پيو. چيائين، "وزيرن ۽ مشيرن جا ڳَنَ ڪوڙ تي هريل آهن. تنهن ڪري مون کي ڏسي، اهي پنهنجو رستو مَٽائي ٻئي طرف هليا ويندا آهن!"

چيم، "تو وٽ ڪو ٻني ٻارو بہ ناهي، تنهن ڪري تون ڪو ڪاروبار ئي ڪر."

گامونءَ کي منهنجي اها صلاح وڻي ۽ هن هاڪار سان ڪنڌ لوڏيو.

ڪجھ ڏينهن کان پوءِ مليو تہ پڇيومانس،"تنهنجو ڪاروبار ڪيئن پيو هلي؟"

گامونءَ افسوس سان چيو "ايوانن کان فوٽ پاٿن تائين، سجي ملڪ ۾ ڪوڙ ٿو وڪامي. اسان جي ملڪ ۾ سچ جي ڪا بہ مارڪيٽ ويليو ناهي!"

# گامونءَ مان

گامونءَ پنهنجي ذاتي لائبريريءَ جا ڪتاب ڇانٽي ڪرڻ جو فيصلو ڪري، شاعريءَ واري بڪ شيلف منجهان ڪجهه ڪتاب ڪنيا ۽ انهن کي ڦاڙڻ لڳو ته مون هڪدم چيو "شاعري ته روح کي گرمائيندي آهي. شاعريءَ جو دنيا جي انقلابن ۾ وڏو ڪردار آهي ۽..."

گامونءَ منهنجي ڳالهه ڪٽيندي چيو "مان انهن قصيدا گو شاعرن جا ڪتاب ضايع پيو ڪيان. جن وقت جي حڪمرانن جي شان ۾ قصيدا لکيا آهن."

مون ڪوبه جواب نه ڏنو.

گامونءَ ڪجهه دانشورن جا ڪتاب ڪڍي ڦاڙڻ شروع ڪيا ته مون ڪاوڙ منجهان چيو "اهي ڪتاب ته انهن ڏاهن جا آهن. جن عقل ۽ ڏاهپ جون ڳالهيون لکيون آهن. انهن ڪتابن کي ته نه ڦاڙ."

گامونءَ وراڻيو "جڏهن ڏاها پنهنجي ڏاهپ کي ڪيش ڪرائڻ لڳن ته پوءِ سندن ڏاهپ ڪوڙي سِڪي جهڙي ٿي پوندي آهي."

مان خاموش رهيس.

گامون تاريخ جي شيلف منجهان ڪجهه ڪتاب ڪڍي ڦاڙڻ لڳو ته مون رڙ ڪري چيو "اهو ڇا پيو ڪرين گامون. تاريخ ته قومن جي يادگيري هوندي آهي!"

گامونءَ جي چهري تي سخت ڪاوڙ جو تاثر ظاهر ٿيو. تاريخ جي هڪ ڪتاب جا ورق ڦاڙيندي چيائين. "هن ڪتاب جهڙا سمورا ڪتاب تاريخ نه پر وقت جي حڪمرانن پاران منشين کي ڏنل ڊڪٽيشن آهن!"

گامون اڃان تاريخ جا ڪتاب ڦاڙي رهيو هو ته مون افسانوي ادب جي بڪ شيلف منجهان پنهنجا سمورا ڪتاب ڪڍي ورتا.

گامونءَ حيرت سان مون ڏانهن ڏسندي پڇيو "تو پنهنجا ڪتاب ڇو ڪنيا آهن!؟"

وراڻيم. "تو افسانوي ادب جا ڪتاب ڦاڙڻ شروع ڪيا تہ مان پنهنجن ڪتابن جو اهڙو حشر ٿيندي نہ ڏسي سگهندس."

گامونءَ مون ڏانهن ڇتائي ڏسندي چيو "پنهنجا ڪتاب واپس رکي ڇڏ."

واپس رکڻ بدران مان پنهنجن ڪتابن کي وڌيڪ مظبوطيءَ سان جهلي بيٺو رهيس.

گامون منهنجي مُنهن تي پريشاني ڏسي مُرڪي پيو. چيائين. "فڪر نہ ڪر. مان افسانوي ادب جو ڪوبہ ڪتاب نہ ڦاڙيندس."

منهنجي چهري جي پريشاني حيرت ۾ بدلجي وئي. چيم. "تو شاعريءَ. ڏاهپ ۽ تاريخ جا ڪيترائي ڪتاب جو ضايع ڪيا آهن...."

مون اجا پنهنجي ڳالهہ پوري ئي نہ ڪئي تہ گامونءَ چيو "مان افسانوي ادب جو ڪوبہ ڪتاب ان ڪري ضايع نہ ڪندس تہ حڪمران پنهنجي شان ۾ افسانو ناهن لکرائيندا."

# اندرَ جو ٻار

گامونءَ، ماڻھن جي ھڪ وڏي ميڙ جي سامھون، ھڪ بيحد اھم ۽ سگھاري شخص تي سخت تنقيد ڪئي ۽ سڀ سچ چئي ڏنو.

بيحد اھم ۽ سگھاري شخص ۾ تنقيد برداشت ڪرڻ جي عادت نہ ھئي. سچ ٻڌي ڪيس سخت ڪاوڙ لڳي ۽ ھُو گامونءَ کي ڪرڙين نظرن سان ڏسي، اکين ئي اکين ۾ ڌمڪي ڏئي ھليو ويو.

مون بيحد فڪرمنديءَ سان گامونءَ کي سمجھائڻ جي ڪوشش ڪئي، "موقعو مھل ڏسي ڳالھائيندو ڪر. اڄ تو تمام سگھاري ماڻھوءَ کي ڪاوڙايو آھي، جيڪو ڪجھ بہ ڪري سگھي ٿو!"

گامونءَ سنجيدگيءَ سان چيو "سچ کان وڏيڪ طاقتور ڪو بہ ناھي!"

چيومانس، "تنھنجو موقعي مھل کان سواءِ ڳالھائڻ، مون کي ٻاراڻي حرڪت لڳندي آھي!"

منھنجي ڳالھہ ٻڌي گامون مُرڪي پيو. چيائين، "ھا، ان ڪري تہ منھنجي اندر جو ٻار اڃان زندھہ آھي."

ٿورو ڪاوڙ منجھان چيومانس، "آخر تنھنجي اندر جو ٻار ڪڏھن وڏو ٿيندو ۽ ڪڏھن تون عقل کان ڪم وٺندين!؟"

گامونءَ وراڻيو "جنھن ڏينھن اندر جو اھو ٻار وڏو ٿي ويو ان ڏينھن گامون مري ويندو."

حيرت مان پڇيم "اندر جو ٻار وڏو ٿيڻ سان گامون ڇو مري ويندو!؟"

گامونءَ چيو "سڀ سچ بہ تہ اندر جو اھو ٻار ئي ڳالھائيندو آھي، جيڪو ڪنھن کان بہ نٿو ڊڄي!"

# ٽيون دوست

نواب کي سرڪاري ڪرسي ملي ته هن پنهنجن اعتبار جوڳن ٽن دوستن جي ميٽنگ ڪوٺائي ۽ رازداريءَ سان چيو "زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ئي ڪنهن خوشنصيب کي موقعو ملندو آهي ته هو ٿوري وقت ۾ گهڻو ڪجهه حاصل ڪري ۽ سڄي زندگي آرام سان گذاري!"

ٻن دوستن حسرت سان ٽڏو ساهه کڻي هاڪار سان ڪنڌ لوڏيا ۽ ٻنهي ڪيس ٻي دليءَ سان واڌايون ڏنيون. ٽئين دوست ڪوبه ردعمل ظاهر نه ڪيو.

نواب ٽئين دوست جي خاموشيءَ کي نظرانداز ڪري، وڌيڪ رازداريءَ سان چيو "توهان ٽئي منهنجا دوست آهيو. مان چاهيان ٿو ته منهنجي ڪرسيءَ منجهان توهان ٽئي به فائدو حاصل ڪيو."

ٻن دوستن جون واڇون کُلي پيون. ٽيون وري به خاموش رهيو.

نواب وري به ٽئين دوست جي خاموشيءَ کي نظر انداز ڪري، ڪجهه سوچي چيو "جيڪڏهن توهان منهنجي لاءِ ڪم ڪيو ته مان توهان کي دولتمند ڪري ڇڏيندس."

هڪ دوست چيو "دولتمند ٿيڻ لاءِ مان توهان جي حڪم جو غلام ٿيڻ لاءِ تيار آهيان."

ٻئي دوست، پهرين دوست ڏانهن اشارو ڪري هڪدم چيو "دولت خاطر مان اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ به تيار آهيان، جيڪو هي نه ڪري سگهندو..."

نواب ٽئين دوست ڏانهن ڏسي پڇيو "تون ڇو چپ آهين؟"

تئين دوست وراڻيو "مان ڪجھ ڳالھائڻ کان اڳ ۾ دعا جا هَٿَ کڻڻ چاهيان ٿو." اهو چئي تئين دوست دعا لاءِ هٿ کنيا تہ نواب ۽ ٻن دوستن بہ دعا گھري.

دعا کان پوءِ تئين دوست، نواب ۽ ٻن دوستن ڏانهن ڏسندي چيو "مان هن ميٽنگ ۾ آخر تائين فقط ان ڪري ويٺو هئس تہ مون کي توهان ٽنهي سان، توهان جا ضميرَ مري وڃڻ جي تعزيت ڪرڻي هئي!"

اهو چئي ٽيون دوست اٿي هليو ويو.

انهيءَ ٽئين دوست جو نالو گامون هو.

# وتايوءِ گامون ۽ نيون شخص

بادشاهي دربار جي ٻاهران ڪوڙيل خيمي ۾ شعر و شغل کاتي جو وزير ويٺو هو. سندس خيمي جي ٻاهران تمام ڊگهي قطار ۾ ڪيترائي شاعر، قصه گو ناٽڪ نويس، محقق ۽ تاريخ نويس بيٺا هئا. انهن سڀني جي هٿن ۾ درخواستون هيون ۽ اهي سڀئي هڪ ٻئي کي اڻ وڻندڙ نظرن سان ڏسي رهيا هئا. خيمي جي ٻاهران بيٺل دربان، شعر و شغل کاتي جي وزير کي فرشي سلام ڪرڻ ۽ درخواست پيش ڪرڻ لاءِ، ڊگهي قطار ۾ بيٺل قلمڪارن کي واري واري سان خيمي ۾ اندر پئي موڪليو.

قلمڪارن جي ڊگهي قطار کان ٻاهر هڪ اهڙو قلمڪار بيٺو هو جيڪو ڪنهن مهل قطار ۾ بيٺل قلمڪارن ڏانهن ڏسي ٽهڪ ڏئي رهيو هو ته ڪنهن مهل رڙيون ڪري روئي رهيو هو!

وتائي اهو لڪاءُ ڏٺو ته هن خيمي جي ٻاهران بيٺل دربان کان وڃي پڇيو "اهي سڀ قلمڪار شعر و شغل کاتي جي وزير کي ڇاجيون درخواستون ڏيڻ لاءِ بيٺا آهن؟"

دربان وراڻيو "اهي سڀ قلمڪار تمغي جا طلبگار آهن. هرڪو چاهي ٿو ته وزير باتدبير، بادشاهه سلامت کي سفارش ڪري کيس بادشاهي تمغو عطا ڪرائي."

وتائي حيرت سان قلمڪارن جي قطار ڏانهن ڏٺو.

دربان پڇيو "تون به ڪو قلمڪار آهين ڇا؟"

وتائي وراڻيو "نه منهنجو نالو وتايو آهي ۽ قطار ۾ بيٺل اهي قلمڪار منهنجي گفتن کي مشڪريءَ سمجهندا آهن!"

دربان رازداريءَ سان چيو "لمڪارن جي چوغي ۾ ڪيترائي ماڻهو اصل ۾ پاڻ مشڪرا هوندا آهن. چاهين تہ تون بہ بادشاهي تمغي لاءِ درخواست داخل ڪرائي سگهين ٿو."

وتائي وراڻيو "فقيرن کي تمغي جي طلب ناهي هوندي"

وتايو ڪجهہ فاصلي تي پيل خالي بينچ تي وڃي ويهي رهيو ۽ سوچَ ۾ پئجي ويو.

اوچتو گامون اچي وتائي جي پرسان ويٺو.

وتائي هڪ نظر بادشاهي طمغي جي طلبگار قلمڪارن جي قطار کان ٻاهر بيٺل اڪيلي قلمڪار ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ گامونءَ ڏانهن ڏسندي پڇيو "اهو قلمڪار ٿهڪَ بہ ڏئي ٿو تہ رڙيون ڪري روئي بہ ٿو. اها ڪهڙي ماجرا آهي؟"

گامونءَ وراڻيو "اِهو قلمڪار ٿهڪَ بادشاهي طمغي جي طلبگار قلمڪارن ڏانهن ڏسي پيو ڏئي ۽ روئي ديس جي دردن سبب احتجاج خاطر ٿو."

وتائي ڪنڌ ورائي هڪ ئي وقت کِلندڙ ۽ روئندڙ قلمڪار ڏانهن ڏٺو تہ گامونءَ چيو "اِهو اُهو قلمڪار آهي، جنهن بادشاهي تمغو قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي!"

وتائي مُرڪي وراڻيو "فقيرن جيان اهو قلمڪار بہ تمغي جو تمنائي ناهي تہ پڪ سان اهو بي تاج بادشاهہ آهي!"

# ٻيا ماڻهو

گامونءَ کان پڇيم، ”مان سدائين ظلم، ڏاڍ ۽ جبر جو شڪار ڇو آهيان. منهنجي زندگيءَ جون مشڪلاتون ختم ڇو نٿيون ٿين؟“

گامونءَ ٿورو ڪاوڙ منجهان مون ڏانهن ڏسندي چيو ”انهيءَ جو قصوروار تون پاڻ آهين!“

حيرت سان وراڻيم، ”مون ڪهڙو ڏوھ ڪيو آهي، جنهن جي سزا ختم ئي نٿي ٿئي پر اها سزا منهنجي زندگيءَ سان گڏ جاري رهي ٿي!؟“

گامونءَ منهنجي ڇاتيءَ تي آڱر رکي تلخيءَ سان چيو، ”تو سدائين عهديدار کي ليڊر سمجهيو آهي. اها ئي تنهنجي سڀ کان وڏي غلطي آهي!“

مون کي گامونءَ جي ڳالھ سمجھ ۾ نہ آئي.

مان سوچ ۾ پئجي ويس.

گامونءَ مون کي خاموش ڏسي چيو، ”جنهن ڏينهن تو عهديدار ۽ ليڊر جي فرق کي سمجهي ورتو انهيءَ ڏينهن تنهنجي تقدير بدلجي ويندي. تون ظلم، ڏاڍ ۽ جبر جي زنجيرن منجهان آزاد ٿي ويندين.“

ڪجھ سوچي پڇيم، ”ليڊر ۽ عهديدار ۾ ڪهڙو فرق هوندو آهي؟“

گامونءَ لفظن تي زور ڏيندي چيو، ”ليڊر پنهنجا فيصلا پاڻ ڪندو آهي، جڏهن تہ عهديدار فقط ڪرسيءَ تي ويٺو هوندو آهي ۽ فيصلا ڪي ٻيا ماڻهو ڪندا آهن.“

# شڪاري

گامونءَ هرڻ جو شڪار ڪرڻ ۽ هرڻ کي ڳڀرڻ جي وڊيو فيس بڪ تي ڏٺي تہ ڪيس ڏاڍو ڏک ٿيو. گامونءَ هرڻ جي درد کي پنهنجي دل ۾ محسوس ڪيو ۽ سندس اکين مان ڳوڙها وهي پيا.

گامونءَ گيم انسپيڪٽر کي شڪاريءَ خلاف ڪارروائي ڪرڻ جي درخواست ڏني پر گيم انسپيڪٽر شڪاريءَ خلاف ڪابہ ڪارروائي نہ ڪئي.

گامون شڪاريءَ ۽ گيم انسپيڪٽر خلاف رپورٽ داخل ڪرائڻ لاءِ ٿاڻي تي پهتو تہ گامونءَ جي ڳالهہ ٻڌي صوبيدار ٺهڪ ڏيئي چيو "سڄي ملڪ ۾ روز ڪيترائي ماڻهو ماريا وڃن ٿا, انهن مارجي ويل انسانن مان بہ ڪيترن جي رپورٽ ئي داخل نٿي ٿئي. تون وري هرڻ کي مارڻ جي دانهن کڻي آيو آهين!"

گامونءَ حيرت ۽ ڏک سان ورائيو "هرڻ انهن جانورن ۾ شامل آهي, جن جي شڪار تي اسان جي ملڪ ۾ بندش آهي."

ٺلهي پيٽ واري صوبيدار اوڳرائي ڏيندي چيو "هرڻ جو مزيدار گوشت کائي ڏسين تہ خبر پوئي. اهي بندشون مڙئي سرڪاري ڪاغذن ۾ هونديون آهن!"

گامونءَ شڪاريءَ, گيم انسپيڪٽر ۽ صوبيدار خلاف عدالت ۾ ڪيس داخل ڪرايو.

گامون عدالت کان گهر ڏانهن واپس وڃي رهيو هو تہ سندس موبائيل فون تي ڪنهن نئين نمبر تان ڪال آئي. ڪال ڪندڙ ڪيس ڌمڪي ڏيندي چيو "شڪار جو شوق تہ اسان ضرور پورو ڪنداسين, پوءِ هرڻ جو شڪار ڪيون يا ماڻهو ماريون. ياد رکجانءِ تہ جيڪڏهن اسان ماڻهوءَ جو شڪار شروع ڪيو تہ اسان جو سڀ کان پهريون شڪار تون ئي هوندين."

گامونءَ بنا خوف جي سڪون سان ورائيو "مون کي هر دور ۾ هيسائڻ, دٻائڻ ۽ مارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي, پر گامون هر دور ۾ موجود هوندو آهي ۽ سچ ڳالهائيندو رهندو آهي!"

# شرم

گامونءَ جون اکيون ڳاڙهيون هيون. سخت ڪاوڙ منجهان چيائين، "تو سچ لکڻ بند ڪري سٺو ناهي ڪيو!"

وراڻيم، "منهنجي سچ لکڻ سان ماڻهن کي ڪاوڙ ٿي لڳي!"

چيائين، "اهو تنهنجو مسئلو ناهي. اهو انهن ماڻهن جو مسئلو آهي، جن کي سچ نٿو وڻي."

چيم، "سچ لکي ماڻهن کي ڪاوڙائي، مان تو جيان پنهنجا دشمن پيدا نٿو ڪرڻ چاهيان."

چيائين، "ڪُوڙ تي واهه واهه ڪندڙ ماڻهو ڪڏهن به تنهنجا دوست نه ٿي سگهندا، اهي فقط پنهنجي مفادن جا دوست هوندا آهن."

وراڻيم، "ها، ميان تو ته تنهنجي ڳالهه سئو سيڪڙو سچ آهي!"

گامونءَ غور سان منهنجي مُنهن ۾ ڏسندي چيو "خسيس مفادن خاطر سچ نه لکڻ کان پوءِ، تو آئيني ۾ پنهنجو مُنهن ڏٺو آهي؟"

چيم، "نه."

گامونءَ آئينو کڻي منهنجي سامهون جهليو.

مون آئيني ۾ پنهنجو مُنهن ڏٺو ۽ پنهنجي چهري تي ندامت جا آثار ڏسي ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيم.

گامونءَ پڇيو "ڪنڌ ڇو هيٺ ڪري ڇڏيئي؟"

وراڻيم "مون کي پنهنجي شڪل نٿي وڻي"!

چيائين، "تنهنجو ضمير اجا زنده آهي، تڏهن تہ سچ نہ لکي سگهڻ کان پوءِ توکي پنهنجي شڪل نٿي وڻي!"

مون ڪو بہ جواب نہ ڏنو. ڪنڌ هيٺ ڪري ويٺو رهيس.

گامونءَ چيو "ڪنڌ ڇو نہ ٿو مٿي ڪرين؟"

مان خاموش رهيس. منهنجو ڪنڌ جُهڪيل ئي رهيو.

گامون ڪجهہ دير مون ڏانهن ڏسندو رهيو ۽ پوءِ ڪاوڙ منجهان چيائين، "جيڪو ليکڪ سچ نہ لکي سگهي، ان کي ٻُڏي مرڻ گهرجي!"

مون ڪو بہ جواب نہ ڏنو.

گامونءَ پڇيو "ڪنڌ ڇو نٿو مٿي ڪرين؟"

ڪنڌ مٿي ڪرڻ کان سواءِ چيم، "مان شرم ۾ ٻڏي ويو آهيان."

# انتظار حسين جون اکيون

صبح جو گامون ضروري ڪم لاءِ گهر کان ٻاهر نڪتو تہ ويا جي ڏينهن سبب سڄي گهٽي ويران هئي پر انتظار حسين پنهنجي گهرَ جي ڏِڪيءَ تي انتظار جي حالت ۾ ويٺل هو. گامون ٽن ڪلاڪن کان پوءِ واپس آيو تڏهن بہ انتظار حسين پنهنجي گهرَ جي ڏِڪيءَ تي ساڳئي حالت ۾ ئي ويٺل هو.

منجهند جو گامونءَ گهرَ کان ٻاهر ليئو پائي ڏٺو تہ ويا جي ڏينهن سبب سڄي گهٽي ويران هئي پر انتظار حسين پنهنجي گهرَ جي ڏِڪيءَ تي انتظار جي حالت ۾ ويٺل هو.

شام جو گامون ضرورت جو سامان وٺڻ لاءِ گهر کان ٻاهر نڪتو تہ ويا جي ڏينهن سبب سڄي گهٽي ويران هئي پر انتظار حسين پنهنجي گهرَ جي ڏِڪيءَ تي انتظار جي حالت ۾ ويٺل هو.

رات جو گامون پسار ڪرڻ لاءِ گهر کان ٻاهر نڪتو تہ ويا جي راتين سبب سڄي گهٽي ويران هئي پر انتظار حسين پنهنجي گهرَ جي ڏِڪيءَ تي انتظار جي حالت ۾ ويٺل هو!

گامون روز صبح، منجهند، شام ۽ رات جو انتظار حسين کي ساڳئي انتظار واري حالت ۾ ويٺل نظر ايندو رهيو.

ڪيترائي ڏينهن گذري ويا پر انتظار حسين جو انتظار ختم نہ ٿيو!

هڪ ڏينهن گامونءَ، انتظار ڪندڙ انتظار حسين جي پرسان وٺي کائنس پڇيو "انتظار حسين، تون ڪيترن ڏينهن کان لڳاتار ڪنهن جو انتظار پيو ڪرين؟"

انتظار حسين ڏکو ساهہ کڻي، خشڪ ٿي ويل چپن سان ورائيو "مان پنهنجي ليڊر جو انتظار پيو ڪيان!"

گامونءَ حيرت سان پڇيو "ڇو پيو ليڊر جو انتظار ڪرين!؟"

انتظار حسين ڏرا ڏئي ويل اکين سان اڳ ۾ گهٽيءَ جي ڇنهي پاسي نهاريو ۽ پوءِ هن گامونءَ ڏانهن ڏسندي چيو "ووٽ وٺڻ مهل ليڊر مون سان واعدو ڪيو هو تہ هر مشڪل وقت ۾ هُو مون سان گڏ هوندو!"

گامونءَ پڇيو "ڇا ووٽ وٺي وڃڻ کان پوءِ ليڊر وري ڪڏهن توسان ملڻ آيو آهي؟"

انتظار حسين ناڪار سان ڪنڌ لوڏي وراڻيو "نہ انهيءَ کان پوءِ تہ مون هن کي ڏٺو بہ ناهي. هاڻي تہ انتظار ۾ منهنجيون اکيون پٿر تي ويون آهن!"

گامونءَ پڇيو "توکي خبر آهي تہ تنهنجيون اکيون پٿر جون ڇو ٿي ويون آهن؟"

انتظار حسين انڪار سان ڪنڌ لوڏيو.

گامونءَ غور سان انتظار حسين جي اکين ۾ ڏسندي چيو "انتظار حسين، تنهنجيون اکيون ان ڪري پٿر جون ٿي ويون آهن، جو تنهنجي ليڊر جي دل پٿر جي آهي!"

## دشمنن جي شهر ۾

شهر واسي سچ ٻڌڻ جا عادي نہ هئا پر گاموءَ کي سچ ڳالهائڻ جي عادت هئي.

گامون سچ ڳالهائيندو رهيو.

شهر ۾ سندس دشمنن جو تعداد وڌندو رهيو.

ڪيس چيم، "سچ ڳالهائڻ ڇڏي ڏي، نہ تہ مارجي وينديئن!"

چيائين، "مان سچ ڳالهائڻ ڇڏي ڏيندس تہ مري ويندس!"

چيومانس، "تہ پوءِ ڪنهن ٻئي شهر وڃي سچ ڳالهاءِ. هن شهر جا سڀ ماڻهو تنهنجا دشمن ٿي چڪا آهن!"

گامون پنهنجي شهر مان لڏي ٻئي شهر هليو ويو.

ڪجهہ عرصي کان پوءِ هو واپس موٽي آيو.

پڇيومانس، "واپس ڇو موٽي آئين؟"

گاموءَ وراڻيو "جنهن شهر ۾ لائبريري، باغ ۽ راندين جو ميدان نہ هجي، انهيءَ ۾ رهڻ کان دشمنن جي شهر ۾ رهڻ وڌيڪ بهتر آهي!"

# ڪتا

ہار ڪي چِتي ڪتي چڪ پاتو تہ غريب ماءُ پنهنجي معصوم ہار ڪي کڻي سرڪاري اسپتال پهتي. ڪيس چيو ويو "اسپتال ۾ ڪتي جي چڪ جي ويڪسين موجود ناهي."

ماءُ پريشانيءَ منجهان پڇيو "ڪٿان ملندي ويڪسين؟"

ڪيس چيو ويو "اسپتال جي ٻاهران ميڊيڪل اسٽور تي ملندي"

پريشان ماءُ ننڍڙي ہار ڪي سيني سان لائي ميڊيڪل اسٽور تي پهچي ويڪسين جي گُهر ڪئي پر ويڪسين جي قيمت ٻُڌي، مسڪين ماءُ جو ساهہ سُڪي ويو. بيوس ماءُ مايوس ٿي، ہار ڪي گهر واپس کڻي وئي.

هر گذرندڙ ڏينهن سان ہار جي حالت خراب ٿيندي رهي.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ہار مري ويو تہ ماءُ، ہار جو لاش کڻي احتجاج ڪيو.

رستي تان گذرندڙ ڳوٺاڻي، ڏکويل ماءُ جي ويجهو پهچي پڇيو "تنهنجو ہار تہ مري ويو، هاڻي ڇو پئي احتجاج ڪرين!"

ماءُ هٿن ۾ جهليل پنهنجي ہار جي لاش ڏانهن ڏسندي، سُڏڪو ڀري چيو "مون ڪي ٻُڌايو ويو تہ ڪتي جي چَڪَ جِي ويڪسين جا سرڪار طرفان ملندڙ پئسا ڪيڏانهن ٿا وڃن!؟"

ڳوٺاڻي افسوس سان ورائيو "اهي پئسا وڏا ڪتا کائي ٿا وڃن....!"

انهيءَ مهل اوچتو ڪٿان ڪتو ڀونڪيو تہ مري ويل ہار جي ماءُ ڇرڪي پئي ۽ هن دهشت منجهان رڙ ڪري پڇيو "ڪتا مار مهم جا پئسا ڪيڏانهن ٿا وڃن!؟"

ڳوٺاڻي ٿڌو ساهہ کڻي چيو "اهي پئسا وري ننڍا ڪتا کائي ٿا وڃن... !"

# امرتا جي ماءُ

گامون شهر جي چوواٽي تي بيهي هجوم جي سامهون احتجاج ڪندي چئي رهيو هو "هاسٽل ۾ مارجي ويل شاگردياڻي امرتا جي موت جي جاچ ڪان اڳ ۾، درسگاهه جِي سڄي انتظاميه کي عهدن تان هٽايو وڃي!"

انتظاميه جي همدرد هڪ شخص سخت ڪاوڙ منجهان پڇيو "درسگاهه جي انتظاميه ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي!"

گامونءَ رڙ ڪري چيو "اصل مجرم ڪان وڌو ڏوهاري اهو هوندو آهي، جيڪو ڏوهه کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. درسگاهه جي انتظاميه پنهنجي نااهليءَ کي لڪائڻ لاءِ ڳَڪَ رکڻ تي چاهي. انتظام شاگردياڻيءَ جو خون لوڙهڻ تي چاهي!"

هجوم ۾ موجود هڪ ڏڪويل عورت اوچتو گامونءَ ڏانهن وڌي آئي ۽ ڪيس چتائي ڏسندي پڇيائين، "انتظاميه خلاف احتجاج ڪري تون پاڻ کي خطري ۾ ڇو ٿو وجهين!؟"

گامونءَ تڏو ساهه کڻي چيو "ڏاڍ خلاف آواز نه اٿاري سگهجي ته ٻُڏي مرجي!"

عورت گامونءَ جا هٿ جهلي چيو "تنهنجي جذبي کي ڏسي مون کي پڪ ٿي ويئي آهي ته امرتا جون خون نه لُڙهندو."

گامونءَ حيرت سان پڇيو "توهان ڪير آهيو؟"

گامونءَ جي سوال تي عورت جون اکيون آليون ٿي ويون. تمام وڏو ساهه کڻي، انتهائي ڪرب سان چيائين، "مان امرتا جهڙين سيني ڇوڪرين جي ماءُ آهيان!"

گامون جي اکين منجهان ٻه لڙڪ ٽميا ۽ ڏڪويل عورت جي پيرن تي وڃي ڪِريا.

# ٽارچر سيل

اظهار جي آزاديءَ تي پابندي لڳي ته گامون ڪاوڙ منجهان ٽپي باهه ٿي ويو. هن بندش جي باوجود سچ ڳالهائڻ بند نه ڪيو.

ڪجهه ماڻهو آيا ۽ گامونءَ جون اکيون ٻڌي، کيس کڻي کڻي ويا. ڊگهي سفر کان پوءِ انهن گامونءَ کي پنهنجي صاحب جي اڳيان پيش ڪيو.

صاحب گامونءَ کي سمجهائيندي چيو "سچ ڳالهائڻ نه ڇڏيندين ته مارجي ويندين!"

گامونءَ ڊگهو ساهه کڻي چيو "مان سچ نه ڳالهائيندس ته مري ويندس!"

صاحب گامونءَ کي وارننگ ڏئي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو. صاحب جا ماڻهو گامونءَ جي اکين تي پٽي ٻڌي کيس سندس شهر جي ٻاهران ڇڏي ڪري ويا. گامونءَ پنهنجي اکين تان پٽي لاهي ڇڏي ڪئي ۽ شهر ۾ داخل ٿيڻ سان ئي اڳي کان وڌيڪ ڪڙو سچ ڳالهائڻ شروع ڪيو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ شهر منجهان گامون گم ٿي ويو.

ٽارچر سيل ۾ سخت تشدد کان پوءِ گامونءَ جي زبان وڍي وئي. زبان وڍيندڙ گامون جي زبان کڻي ٽارچر سيل جو دروازو بند ڪري رهيا هئا ته گامونءَ ٻيهر ڳالهايو "توهان منهنجي زبان ته وڍي سگهو ٿا پر تڏهن به مون کي سچ ڳالهائڻ کان روڪي نٿا سگهو!"

گامونءَ جي زبان ٻيهر وڍي وئي ته گامونءَ وري به ڳالهايو "توهان ڪڏهن به مون کي سچ ڳالهائڻ کان نه روڪي سگهندئو!"

گامونءَ جي زبان ڪيترائي ڀيرا وڍي وئي پر هو ڳالهائيندو ئي رهيو. ٽارچر سيل جي انچارج پنهنجي صاحب کي رپورٽ ڪئي، "گامونءَ وٽ بيشمار زبانون آهن. انهن سڀني زبانن کي وڍڻ ناممڪن آهي!"

صاحب پنهنجي باس کي رپورٽ موڪلي جنهن ۾ لکيل هو "گامونءَ کي آزاد ڪرڻ ۾ ئي اسان جي ڀلائي آهي، ڇو ته اڄ جي دؤر ۾ زبان بندي ممڪن ناهي!"

گامون اڃان به ٽارچر سيل ۾ موجود آهي ۽ سچ ڳالهائي رهيو آهي!

# جيئري مري ويل ماڻهو

پيانوي سالن جو اهو پيڙو شخص ٻن سالن کان پوءِ انهيءَ ساڳئي دڪان تي ويو جتان هن نوي سالن جي عمر ۾ هڪ ڪفن خريد ڪيو هو.

دڪان تي اڳ ۾ ئي ڪجهه گراهڪ موجود هئا، تڏهن به دڪاندار نئين آيل پوڙهي گراهڪ ڏانهن مُرڪي ڏٺو ۽ چيو "اڳتي هليا اچو سائين. ڇا کپي؟"

پوڙهو پوئتي ئي بيهي رهيو. کنگهندي چيائين، "توهان گراهڪن منجهان واندا ٿي وٺو. مون کي تکڙ ناهي."

دڪاندار ٻين گراهڪن سان مصروف ٿي ويو ۽ پوڙهو شخص پنهنجي لَٺِ هٿ ۾ جهلي، پاسي تي پيل اسٽول تي ويهي رهيو.

دڪاندار آخري گراهڪ کي سامان ڏئي واندو ٿيو ته هن پوڙهي ڏانهن ڏسي چيو "حڪم ڪيو سائين، توهان کي ڇا کپي؟"

پوڙهو شخص اڳ ۾ کنگهيو ۽ پوءِ پنهنجي لَٺِ جي سهاري سان اٿيو ۽ ڪائونٽر وٽ پهچي چيائين، "مون کي خريد ته ڪجهه ناهي ڪرڻو پر ڪجهه ڪپائڻو آهي!"

دڪاندار ناگواريءَ سان ورائيو "اسان هول سيل مارڪيٽ منجهان مال خريد ڪندا آهيون. رستي ويندڙن کان ڪجهه ناهيون وٺندا."

پوڙهي شخص پنهنجي ڪلهي تان بوچڻ لاهي، بوچڻ ۾ ٻَڌل ڳنڍ کولي ۽ هڪ اڇو ڪپڙو ڪڍي ڪائونٽر تي رکندي چيو "ٻه سال اڳ هي ڪفن مون توهان جي ئي دڪان تان خريد ڪيو هو."

دڪاندار حيرت سان پڇيو "ڪنهن جي لاءِ خريد ڪيو هو توهان اِهو ڪفن؟"

پوڙهي شخص ورائيو "مون هي ڪفن پنهنجي لاءِ خريد ڪري رکيو هو."

دڪاندار مُرڪي، طنز سان چيو "مرڻ جو ارادو ملتوي ڪري ڇڏيو اَٿوَ ڇا؟"

پوڙهي شخص تمام ڊگهو ساهه کڻي ورائيو "فلحال تہ مهانگائيءَ اسان غريبن کي جيئري ماري ڇڏيو آهي!"

دڪاندار ڪفن جي ڪپڙي کي کولي، چڱيءَ طرح جاچي ڏٺو. ڪفن کي پاڻ وٽ رکي، هن ڪجهہ نوٽ ڪڍي پوڙهي شخص کي ڏنا.

بيانوي سالن جو اهو ٻڍڙو شخص ڏڪندو، پنهنجي لَٺِ جي سهاري سان ڪفن واري دڪان تان هيٺ لٿو ۽ پوءِ هو دال، چانورَ ۽ اٽو خريد ڪرڻ لاءِ ڪفن واري دڪان جي پرسان ئي موجود هٽي دڪان ۾ اندر هليو ويو.

## ڪفن موٽائي ڏيو

ٻيانوي سالن جو اهو ٻڍڙو شخص پنهنجي لاءِ ٻيو پيرو ڪفن خريد ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو هو جنهن پهريون پيرو پنهنجي لاءِ خريد ڪري رکيل ڪفن، ٻڪ مرڻ کان بچڻ لاءِ واپس ڪري ڇڏيو هو!

انهيءَ ٻڍڙي شخص ٻن سالن کان ڪجهه وڌيڪ عرصو پهرين پنهنجي لاءِ ڪفن خريد ڪري رکيو هو. ڪجهه مهينا اڳ جڏهن انهيءَ پوڙهي ماڻهوءَ وٽ کائڻ لاءِ ڪجهه بہ نہ هو، تڏهن هن ساڳئي دڪان تي ڪفن واپس ڪري وڃي دال، چانورن ۽ اٽو خريد ڪيو هو.

ڪفن دفن جي سامان واري انهيءَ دڪان تي ڪجهه نہ ڪجهه گراهڪ تہ اڳي بہ هر وقت موجود هوندا هئا پر ويا جي ڏينهن ۾، هاڻي انهيءَ دڪان تي ڪفن خريد ڪندڙن جي وڌيڪ رش هئي.

ٻيانوي سالن جي ٻڍڙي ماڻهوءَ کي لٺ جي سهاري تي بيهي پنهنجي واري جو ڪيتري دير تائين انتظار ڪرڻو پيو. جڏهن سندس وارو آيو تہ ماسڪ پاتل دڪاندار پوڙهي ڏانهن ڏسندي چيو "جلدي ٻڌايو سائين، توهان کي ڇا کپي؟"

پوڙهو شخص ڪجهه ڳالهائڻ کان اڳ ۾ ٿورو کنگهيو تہ دڪاندار ڇرڪي پوئتي ٿي ويو. ٻڍڙي جي پٺيان پنهنجي واري جي انتظار ۾ بيٺل ماڻهن ۾ پوڙهي شخص جي کنگهڻ سبب پريشاني ۽ بيچيني پکڙجي وئي.

دڪاندار پري کان ئي تڪڙ ۾ وري پڇيو "جلدي ٻڌايو ڇا کپي؟"

پوڙهي شخص پنهنجي کلهي تان بوچڻ لاهي، بوچڻ جي ڳنڍ ۾ ٻڌل ڪجهه نوٽ ڪڍيا ۽ کنگهندي چيو "مان بہ سال اڳي پنهنجي لاءِ خريد ڪيل

ڪفن ڪجھ مهينا اڳ ۾ موٽائي ڏئي ويو هئس. مون کي اهو ڪفن واپس گھرجي."

دڪاندار بيزاريءَ ۾ ڪاوڙمنجهان وراڻيو "خبر ئي نٿي پوي ته توکي مرڻو به آهي يا ناهي مرڻو.... !"

پوڙهي شخص وڏا ساهه کڻندي چيو "سرڪار پاران امداد ۾ ملندڙ رقم وٺڻ لاءِ رش ۾ وڃي ڦاٿو هئس. ڇيپاٽجي اڌ مئو ته اتي ئي ٿي پيو هئس، هاڻي وري بخار سان گڏ ساهه مُنجهڻ لڳو آهي!" بيانوي سالن جي هيڊڙي شخص مُٺ ۾ ڀيل نوٽ ڪائونٽر تي رکندي پنهنجي ڳالهه جاري رکي، "لڳي ٿو ته اها امدادي رقم منهنجو سِرُ کڻندي. سرڪاري امداد جا هي پئسا توهان کڻو ۽ مون کي منهنجو ڪفن موٽائي ڏيو.... !"

# ڪفن جا ٽڪرا

ٽيانوي سالن جو پوڙهو شخص هڪ هٿ ۾ ڪاڏي جي سامان جو ٿيلهيون کڻي، ٻئي هٿ ۾ جهليل لٺ جي سهاري سان هلندو گهر ۾ داخل ٿيو ته هو پنهنجي پيانوي سالن جي پوڙهي زال ڏانهن ڏسي حيران ٿي ويو. گهر پهتل سهڪندڙ پوڙهو در جي پرسان ئي بيهي حيرت منجهان زال ڏانهن ڏسندو رهيو. ٿڪ ۽ سهڪي سبب هو ڪجهه ڳالهائي نه سگهيو ته خاموشيءَ سان آهستي آهستي هلندو اڱڻ ۾ وڻ جي هيٺان پيل کٽ تي وڃي ويهي رهيو.

سخت گرميءَ ۾ ڏکهو پنڌ ڪري گهر پهچڻ سبب پوڙهي شخص جا ڪپڙا مڪمل طور تي پگهر ۾ آلا ٿي ويا هئا. پگهريل جسم سان چنبڙيل ململ جي اڇي رنگ واري قميص منجهان سندس هڏين جِي مُٺ جهڙو ڏٻرو جسم نظر اچي رهيو هو. کٽ تي ويهڻ کان پوءِ به سندس سهڪو گهٽ نه ٿيو. وات سان ڏکيا ساهه کڻڻ ڪري هن جو سينو هيٺ مٿي ٿي رهيو هو ۽ سندس ڪنڌ جون رڳون ڇڪجي رهيون هيون.

کٽ جي پرسان فرش تي ويٺل پوڙهي عورت اٿي. هن گهڙا منجيءَ تي رکيل گلاس کڻي گهڙي ۾ وڌو ۽ پاڻيءَ جو گلاس پري اچي مڙس جي هٿ ۾ ڏنائين. پوڙهي مڙس ڏڪندڙ هٿ سان گلاس ورتو. هن ڪجهه پاڻي پيتو ۽ ڪجهه هٿ جي ڏڪڻيءَ سبب سندس پگهر هاڻن ڪپڙن تي هارجي پيو.

پوڙهيءَ مڙس جي پرسان کٽ تي پيل سيڌي جي سامان جون ٿيلهيون کڻي چلهه جي پرسان رکيون ۽ موٽي اچي وري فرش تي ويهي هن ڪئنچي کنئي.

مڙس اُپ ساهيءَ سبب ڏکيا ڏکيا ساهه کڻندي حيرت سان چيو "مان ته پنهنجي لاءِ رکيل ڪفن وڪڻي سيڌو وٺي آيو آهيان. تو چيو هو ته بک مري

ويندينءَ پر تون پنهنجي لاءِ خريد ڪري رکيل ڪفن نہ ڪپائيندينءَ. پوءِ تو پنهنجي ڪفن کي ٽڪرا ٽڪرا ڇو ڪري ڇڏيو آهي؟!"

عورت پنهنجي ڪفن جي بچيل باقي ڪپڙي تي ڪئنچي هلائيندي وراڻيو "منهنجي هِڪڙي ڪفن منجهان ڪوڙ ماسڪ ٺهي پوندا."

مڙس جي نرڙ تي گهنج پئجي ويا. وڏا ساهہ کڻندي وڏيڪ حيرت سان پڇيائين. "وچين تہ ڪيڏانهن ڪونہ ٿي. ڇا ڪندينءَ ايڏا ماسڪ؟"

پوڙهي عورت ٿلهن شيشن واري نظر جي عينڪ پائي. سئيءَ ۾ ڌاڳو وڌو ۽ پوءِ ڪفن جي ٽُڪرن منجهان هڪ ٽڪرو کڻي ماسڪ سبندي چيو. "هڪ ماسڪ تون پائجانءِ. ٻيا سيئي ورهائي ڇڏينديس. متان ڪو ماڻهو منهنجي ڪفن منجهان ٺاهيل ماسڪ پائڻ سبب ويا ۾ مرڻ کان بچي پوي!"

پوڙهو شخص زال جي ڳالهہ ٻڌي، سڌو ٿي کٽ تي ليٽي پيو ۽ سندس ساهہ جو پکي پرواز ڪري ويو!

# روح جي اذام

عالمي وبا ڌرتيءَ جي سڄي گولي تي ڦهلجي وئي تہ منهنجي شهر جا بيشمار ماڻهو بہ وبا جو شڪار ٿيڻ لڳا. ڪيترائي ماڻهو روز بيمار ٿيڻ لڳا ۽ ڪيترا انسان روز مرڻ لڳا. مرندڙ ماڻهن جا لاش بہ وارثن کي نٿي ڏنا ويا, جو لاشن منجهان جيئرن ماڻهن جي وبا ۾ مبتلا ٿيڻ جو خطرو هو.

مون وبا ۾ مرڻ نٿي چاهيو تنهن ڪري مون ڳوٺ وڃڻ جو فيصلو ڪيو. سوچيم, ڳوٺ کان بہ گهڻو پرتي هڪ جهوپڙي ٺاهيندس ۽ دنيا منجهان وبا جي مڪمل خاتمي تائين, انهيءَ جهوپڙيءَ ۾ اڪيلائيءَ جي زندگي گذاريندس.

ماسڪ ۽ هينڊ گلوز پاتم. سينيٽائيزر, ڊيٽول, هينڊ واش ۽ ضرورت جون ٻيون شيون هينڊ بيگ ۾ وڌم ۽ ڳوٺ وڃڻ لاءِ گهران نڪري پيس.

لاڪ ڊائون سبب ڳوٺ وڃڻ لاءِ ڪا بہ سواري نہ ملي تہ مان لڳاتار پنڌ ڪري شهر کان ٻاهر نڪري-ويس ۽ موٽر وي جي پاسي تي رکيل هڪ بينچ تي وڃي ويهي رهيس. سوچيم, شايد ڪو رحمدل ڪار وارو مون کي لفٽ ڏئي ۽ مان پنهنجي منزل پهچي وڃان.

جنهن مهل بہ ڪا ڪار توڙي مال بردار گاڏي نظر آئي ٿي تہ مون بينچ تان اٿي لفٽ لاءِ اشارو ٿي ڏنو پر ڪا بہ گاڏي منهنجي لاءِ نہ پئي بيٺي!

سڄ لهي ويو ۽ اوندهہ ٿيڻ واري هئي.

مون هڪ ڪار کي لفٽ لاءِ اشارو ڏنو پر اها بہ ٻين سڀني گاڏين جيان بنا بيهڻ جي تيزيءَ سان اڳتي هلي وئي. مون بيحد ٿڪل حالت ۾ بينچ تي ويهڻ لاءِ پوئتي مُنهن ورايو تہ بينچ تي هڪ شخص ويٺل نظر آيو.

مون هن ڏانهن ڪاوڙ منجهان ڏسندي چيو "مون اڪيلي کي بہ سڄي ڏينهن ۾ ڪنهن گاڏيءَ واري لفٽ ناهي ڏني، ويتر تون بہ هتي اچي ويٺو آهين!"

هن جي چهري تي مُرڪ اچي وئي. چيائين، "مان لفٽ ڏيندو آهيان، وٺندو ناهيان!"

حيرت سان وراڻيم، "تو وٽ تہ پاڻ ڪا سواري ڪانهي!"

هن سنجيدگيءَ سان چيو "مون کي سواريءَ لاءِ ڪنهن بہ گاڏيءَ جي ضرورت ناهي هوندي."

مون کي هن جي ذهني حالت تي شڪ محسوس ٿيو.

مان هن جي پرسان وچي بينچ تي ويهڻ بدران پنهنجي جاءِ تي بيٺو رهيس.

هن بينچ تي هڪ طرف سُري چيو "اچ، منهنجي پرسان اچي ويهہ."

چيومانس، "مان ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان. جيڪڏهن تون نہ هجين ها تہ مان انهيءَ بينچ تي ليٽي پوان ها."

هو مُرڪي اٿي بيهي رهيو. چيائين، "ها، تون واقعي ٿڪجي پيو آهين. ليٽي پئہ."

مان ڏاڍو ٿڪل هئس. بينچ تي وڃي ليٽي پيس ۽ ڪنڌ ورائي هن ڏانهن ڏسندي چيم، "تون بہ شايد مون جيان، پاڻ کي ويا کان بچائڻ لاءِ شهر ڇڏي نڪتو آهين!"

هن منهنجين اکين ۾ ڏسندي چيو "موت تہ ڪٿي بہ جَهڙپ ڏئي ساهہ ڪڍي سگهي ٿو!"

ڏکھو ساهہ کڻي چيم، "ويا سبب دنيا ۾ روز هزارين ماڻهو مري رهيا آهن. جيڪر مان روح جا پَرَ ڪٽي سندس پرواز کي روڪي سگهان!"

هو ٿهڪ ڏيندو منهنجي مٿان جُهڪي آيو. مُرڪي چيائين، "تون يا ڪو بہ انسان فقط اهڙي خواهش ئي ڪري سگهي ٿو پر اهڙو عمل انسان جي وس کان ٻاهر آهي!"

مان هن جو آواز ٻڌي ڇرڪي پيس، ڇو تہ هن بلڪل منهنجي ئي آواز ۾ ڳالهايو هو!

مان اجان پاڻ جهڙي آواز تي حيران هئس تہ اوچتو هن جو چهرو تبديل ٿي، منهنجي چهري جهڙو ٿي ويو!

اڌ اونداهي ماحول ۾ هن جي پاڻ جهڙي چهري ڏانهن ڏسندي خوف سبب منهنجو جسم ٿڌو ٿيڻ لڳو.

اوچتو هن جي جسم منجهان وڏا پَرَ ڦُٽي نڪتا.

هن پَرَ ڦهلايا تہ دونهاتجي پاڇولي جهڙو ٿي ويو ۽ مون پنهنجو ساهہ نڪرندي محسوس ڪيو.

هو اوچتو پڙڪو ڏئي تيزيءَ سان مٿي اڏاميو ۽ منهنجي نظرن کان گم ٿيڻ لڳو تہ منهنجيون اکيون بند ٿي ويون!

## پيو وائرس

هو روز رات جو ڪجهہ ماني بچائي رکندو هو. ڪڏهن ڪڏهن وڏيڪ بک هجڻ جي باوجود. هو ڪجهہ بک برداشت ڪري بہ لازمي طور تي روز جيتري ماني ضرور بچائيندو هو ۽ سوچيندو هو 'جيڪڏهن صبح جو ايندڙ مهمان کي ڪجهہ بہ پيش نہ ڪري سگهيس تہ سندس اڳيان ڪنڌ ڪڻڻ جهڙو ئي نہ رهندس.'

صبح جو اها بچايل ماني کڻي هو گهر جو در کوليندو هو تہ مهمان اڳ ۾ ئي در تي سندس انتظار ۾ موجود هوندو هو.

اهو مهمان هڪ ڪتو هو.

هو ڪتي جي اڳيان ماني رکندو هو تہ ڪتو اڳ ۾ سندس پيرن تي ليٽڙيون پائي هن سان پيار جو اظهار ڪندو هو ۽ پوءِ ماني کائڻ شروع ڪندو هو. ماني کائڻ کان پوءِ ڪتو هن جي سامهون ويهي، ڪجهہ دير احسانمند نظرن سان هن ڏانهن ڏسندو رهندو هو ۽ پوءِ هليو ويندو هو.

هڪ رات هن وٽ کائڻ لاءِ ماني ڪونہ هئي. هو بک تي ئي سمهي پيو.

صبح جو جاڳيو تہ هن اٿي گهر جو در نہ کوليو جو در تي ويٺل مهمان کي کارائڻ لاءِ هن وٽ ڪجهہ بہ نہ هو.

هو ڪافي دير تائين ليٽيل رهيو. جڏهن گهڻي دير گذري وئي ۽ هن کي پڪ ٿي وئي تہ در تي ويٺل مهمان هليو ويو هوندو، تڏهن هن ڪيڏانهن وڃڻ جو سوچي در کوليو. گهڻي دير گذري وڃڻ باوجود بہ در تي سندس مهمان ڪتو موجود هو!

هن هيٺ ويهي، مهمان ڪتي جي مٿي تي پيار سان هٿ ڦيريو تہ ڪاڏو نہ ملڻ جي باوجود بہ ڪتي پيار سان هن جي پيرن تي ليٽڙيون پاتيون. روز جيان ڪجهہ دير هن ڏانهن ڏسندو رهيو ۽ پوءِ هليو ويو.

هو اهو سڄو ڏينهن بک تي رهيو ۽ رات جو وري بک تي ئي سمهي پيو.

صبح جو اٿي هن در کوليو تہ سندس مهمان ڪتو در وٽ ئي ويٺو هو.

ڪتي هن کي خالي هٿين ڏسڻ جي باوجود سندس پيرن تي پيارا سان ليٽڙيون پاتيون، ڪجهہ دير خاموش نظرن سان هن ڏانهن ڏسندو رهيو ۽ پوءِ هليو ويو.

هن پاڙيسري شخص کان ٻڌو تہ ڪجهہ فاصلي تي موجود ميدان تي امدادي سامان ورهايو پيو وڃي. هن امداد ۽ خيرات طور ملندڙ سامان وٺڻ لاءِ سوچيو بہ نہ هو پر پيٽ ۾ پوندڙ بک جي چڪن سبب، نہ چاهيندي بہ هو ميدان ڏانهن هليو ويو.

ميدان تي هڪ طرف هڪ دولتمند ماڻهو هڪ مسڪين انسان کي پنج ڪلو اٽي جو پيڪيٽ ڏيندي مُرڪي جي فوٽو ڪڍرائي رهيو هو.

ٻئي طرف تي عوامي نمائندا، مسڪين ٻار کي هڪ سستو صابڻ ڏيندي، پنهنجا ڏند ڏيکاري فوٽو ڪڍرائي رهيا هئا.

ڪجهہ فاصلي تي پنج ماڻهو هڪ لاچار سهڻي نوجوان عورت کي سيڏي جي هڪ ننڍڙي ٿيلهي ڏئي رهيا هئا. پنجن ئي ماڻهن جي مُنهن تي مُرڪ ۽ سندن هٿ ٿيلهيءَ ۾ هئا. لاچار سهڻي عورت جو شرم سبب ڪنڌ جُهڪيل هو ۽ هن پنهنجي پوتيءَ جي پلئہ کي ڏندن ۾ قاسائي ڇڏيو هو. ٿيلهي ڏيندڙن جي سامهون موجود نوجوانَ فوٽو ڪڍيو تہ ٿيلهيءَ ۾ هٿ وجهي بيٺلن مان هڪ شخص رڙ ڪري چيو "اهو فوٽو جلدي فيس بڪ، توئيٽر ۽ انساٽاگرام تي پوسٽ ڪجانءِ ۽ پوءِ ڪنهن ٻئي کي هيڏانهن ڇڏجانءِ"

ڪورونا جي وبا دوران، شهرت جي وائرس ۾ مبتلا انهن سيني ماڻهن کان هن سخت ڪراهت محسوس ڪئي.

هو پنهنجي بڪ ۽ عزتِ نفس سان گڏ، خالي هٿين واپس موٽي ويو.

هو پنهنجي گهر جي در تي پهتو ته ڪتو سندس انتظار ڪري رهيو هو. ڪتي جي وات ۾ هڪ پلاسٽڪ بيگ جو هينڊل هو ۽ بيگ ۾ سندس مُنهن اڳيان لڙڪي رهيو هو.

هن هيٺ ويهي ڪتي جي وات ۾ جهليل پلاسٽڪ بيگ وٺي کولي ڏٺي. ڪنهن گند جي ڍير تان ڪنيل انهيءَ ٿيلهيءَ ۾، بچائي رکيل ڪيل ڪجهه کاڌو موجود هو.

هن پيار سان ڪتي جي مٿي تي هٿ ڦيريو ته پيار سان گڏ هن پنهنجي دل ۾ ڪتي لاءِ عزت به محسوس ڪئي ۽ ڪتي پاران ڏنل کاڌي جي ٿيلهي کڻي هو گهر ۾ اندر هليو ويو!

# ڪووڊ وارڊ جو بند دروازو

اسپتال جي ڪووڊ وارڊ ٻاهران ڪوريڊور ۾، ماسڪ پاتل اڌڙوٽ عمر جي عورت رڙيون ڪري رهي هئي، ”ڊاڪٽر... ڊاڪٽر... خدا جي واسطي منهنجي پُٽ کي ڏسو... !“

عورت جي رڙ شيشي جي ٻئي طرف ڪووڊ وارڊ ۾ موجود ڊاڪٽر تائين نہ پهچي سگهي.

عورت ڪيترائي ڀيرا رڙيون ڪري ڊاڪٽر کي سڏ ڪندي رهي پر ڪنهن بہ هن ڏانهن ڌيان نہ ڏنو. عورت وارڊ ۾ اندر داخل ٿيڻ چاهيو تہ وارڊ جي دروازي تي موجود گارڊ، عورت کي روڪي سختيءَ سان چيو، ”توکي گهڻا ڀيرا چيو اٿم تہ وارڊ ۾ داخل ٿيڻ منع آهي!“

عورت هٿ جوڙي روئندي چيو، ”منهنجو... منهنجو پٽ مري ويندو.“

گارڊ سرد لهجي ۾ ورائيو، ”هن اسپتال ۾ ڪوبہ بيڊ خالي ناهي. پنهنجي پٽ کي ڪنهن ٻي اسپتال ڏانهن کڻائي وڃ.“

عورت جو آواز ڏڪڻ لڳو، ”ڪنهن ٻي اسپتال ۾ بہ بيڊ خالي ناهي!“

گارڊ هڪ نظر اسٽريچر تي پيل نوجوان ڏانهن ڏسي ورائيو، ”وري بہ ڪنهن ٻئي اسپتال ۾ ڪوشش ڪر. وقت نہ وڃاءِ، تنهنجي پٽ جي حالت ٺيڪ نٿي لڳي.“

گارڊ جي ڳالهہ ٻڌي عورت جو ساهہ سُڪي ويو. هن واپس اسٽريچر وٽ وڃي پنهنجي پُٽ ڏانهن ڏٺو جيڪو ساهہ کڻڻ ۾ سخت تڪليف محسوس ڪري رهيو هو.

عورت شيشي جي ٻئي طرف موجود ڊاڪٽر ڏانهن ڏٺو.

وارڊ ۾ موجود ڊاڪٽر مريضن کي ڏسڻ ۾ مصروف هو.

عورت وارڊ جي شيشي کي ڌَڪَ هڻندي دهشت منجهان رڙ ڪئي، ”منهنجو پٽ مري پيو... مري پيو منهنجو ٻچڙو....“

ڪوريڊور ۾ ايندڙ ويندڙ ماڻهن منجهان ڪنهن بہ عورت ڏانهن ڌيان نہ ڏنو.

ڪووڊ وارڊ جي گارڊ عورت ۽ اسٽريچر تي پيل سندس پٽ جي حالت ڏانهن ڏسي ڪنڌ جُهڪائي ڇڏيو.

عورت شيشي جي ڀِتي پاسي ڪووڊ وارڊ ۾ مصروف ڊاڪٽر ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ ڪنڌ هيٺ ڪري، پنهنجي پٽ ڏانهن ڏٺائين تہ ڪيس لڳو سندس پٽ ساهہ نہ پيو کڻي.

عورت بيوسيءَ منجهان هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو. ڪووڊ وارڊ جي بند دروازي ڏانهن ڏٺائين ۽ پوءِ پنهنجي چهري تان ماسڪ لاهي ڦٽو ڪيائين. هوءَ هڪدم پنهنجي پٽ جي چهري مٿان جُهڪي وئي ۽ پنهنجا چَپ پنهنجي پٽ جي چپن مٿان رکي کيس ساهہ کڻائڻ جي ڪوشش ڪندي رهي.

ڪووڊ وارڊ منجهان ٻاهر نڪرندڙ هڪ نرس، عورت جي چهري کي ٻنهي هٿن سان جهلي مٿي ڪري چيو ”ائين ڪرڻ سان تنهنجو نوجوان پٽ تہ شايد بچي وڃي پر تون مري ويندينءَ... ڇا پئي ڪري تون!“

عورت هڪدم وراڻيو ”مان پنهنجو ساهہ پنهنجي پٽ جي جسم ۾ داخل ڪرڻ ٿي چاهيان. ڀل مري وڃان مان!“ اهو چئي عورت نرس جي هٿن منجهان پاڻ ڇڏايو ۽ پنهنجا چَپ پنهنجي پٽ جي چَپن مٿان رکي ڇڏيائين.

# نظر نہ ايندڙ هاٿي

گامون ڏاڍو فڪرمند هو.

پڇيومانس، "ڇا ڳالهہ آهي گامون؟"

چيائين، "اٿيءَ هندستان ڏسي ورتو آهي!"

چيم، "هندستان جي جهنگ جهر ۾ تہ بيشمار هاٿي موجود آهن پر ڪڏهن ڪڏهن شهرن ۾ رستن تي بہ هاٿي هلندي نظر ايندا آهن."

گامونءَ ٿڌو ساهہ کڻي وراڻيو "مان انهن هاٿين جي ڳالهہ نٿو ڪيان."

حيرت سان پڇيم، "تہ پوءِ تون ڪهڙي هاٿيءَ جي ڳالهہ پيو ڪرين؟"

چيائين، "مان انهيءَ هاٿيءَ جي ڳالهہ پيو ڪيان، جيڪو هندستان ۾ لکين ماڻهن کي روز چيپاڻي رهيو آهي ۽ چيپاڻجي ويل لکين ماڻهن منجهان روز هزارين ماڻهو مري رهيا آهن!"

مان گامونءَ جي ڳالهہ ٻڌي سوچ ۾ پئجي ويس.

گامونءَ وڌيڪ فڪرمنديءَ سان چيو "ماڻهن کي ماريندڙ ڪنهن مست هاٿيءَ کي تہ گوليءَ سان ماري سگهجي ٿو پر جيڪو هاٿي نظر نہ ٿو اچي، انهيءَ جي اڳيان انسان ڏاڍو بيوس ۽ لاچار ٿي پيو آهي!"

گامونءَ سان گڏ مان بہ ڳڻتيءَ ۾ پئجي ويس.

گامونءَ ڏور خلائن ۾ نهاريندي خوف سان چيو "نظر نہ ايندڙ هاٿيءَ کي سرحدون نہ روڪي سگهنديون ۽ اهو ڪنهن بہ وقت اسان جي ديس ۾ داخل ٿي سگهي ٿو...!"

## سوين قاتل

ڪورونا ۾ مبتلا پنهنجي بيحد ويجهي فنڪار دوست جي موت جي فيس بڪ خبر پڙهيم تہ دل بيحد ڏڪاري ٿي پئي ۽ اکين منجهان لڙڪ لڙي پيا. فيس بڪ هوم تي هر ٽئين چوٿين پوسٽ منهنجي دوست جي باري ۾ هئي. ڪيترن ماڻهن ناماري فنڪار سان گڏ نڪتل پنهنجيون تصويرون شيئر ڪري افسوس جو اظهار ڪيو هو تہ سندس ڪجھ چاهيندڙن هن لاءِ مغفرت جي دعا جا لفظ لکيا هئا.

مون بيحد ڏڪاري دل ۽ آلين اکين سان اهي سڀ تحريرون ۽ تصويرون ڏٺيون ۽ پوءِ موبائيل فون بند ڪري رکي ڇڏيم.

هو منهنجو بيحد عزيز دوست هو. سندس اوچتي وڇوڙي جي خبر منهنجو جيءُ جهوري ڇڏيو ۽ مان ڪيتري دير تائين غم جي ڪيفيت ۾ مبتلا رهيس. ڪافي دير کان پوءِ مون پاڻ سنڀاليو ۽ سندس جنازي نماز بابت ڄاڻڻ خاطر موبائيل فون کنيم پر پنهنجي دوست جي ڪنهن بہ ٻئي گهرڀاتيءَ جو فون نمبر مون وٽ نہ هو. مجبوريءَ جي حالت ۾ مون دوست جي نمبر تي ئي ڪال ڪئي.

منهنجي دوست جي پٽ ڪال اٽينڊ ڪئي.

انتهائي ڏک سان پڇيم "پٽ... توهان جي بابا جي جنازي نماز...."

منهنجو جملو پورو ٿيڻ کان اڳ ئي دوست جي پٽ وراڻيو "اها ڳالھ توهان بابا کان ئي پڇي وٺو انڪل."

"ڇا... !" انتهائي حيرت سبب اهو هڪڙو ئي لفظ منهنجي وات منجهان نڪتو.

ٻئي لمحي مون ٺهڪ سان گڏ پنهنجي دوست جو آواز ٻڌو "فڪر نہ ڪر يار مان جيئرو آهيان ۽ ڪورونا نيگيٽو بہ ٿي ويو آهيان پر فيس بڪ تي ماڻهن مون کي ماري ڇڏيو آهي!"

حيرت سان پڇيم "ڪنهن ڦهلائي آهي اهڙي افواھ؟"

دوست وراڻيو "افواھ تہ ڪنهن هڪ ماڻهوءَ ڦهلائي هوندي پر فيس بڪ تي بنا تصديق جي انهيءَ افواھ کي اڳتي وڌائيندڙ منهنجا سوين قاتل ظاهر ٿي پيا آهن!"

# سماجي دشمن

مان هڪ وڏي سپر اسٽور ۾ موجود هئس. مون کي ماسڪ ۽ هينڊ گلوز پاتل هئا. مختلف ريڪس منجهان ضرورت جون شيون کڻي ٽراليءَ ۾ رکندو پئي ويس ته اوچتو ڪنهن منهنجي ٻانهن ۾ هٿ وڌو. چرڪي انهيءَ نوجوان ڏانهن ڏٺم ته ڏٺي ويس، جو انهيءَ نوجوان کي ماسڪ پاتل نه هو!

مان تڪڙ ۾ هن کان ٻانهن ڇڏائي فاصلي تي هليو ويس.

ٿورو ڪاوڙ منجهان پڇيم، "ڪير آهين؟"

ٽهڪ ڏئي چيائين، "توهان جي چهري تي ماسڪ هجڻ جي باوجود مون توهان کي سڃاڻي ورتو آهي ۽ توهان مون کي بنا ماسڪ جي به نه ٿا سڃاڻو!"

مون وري پنهنجو سوال ورجايو "ڪير آهين؟"

مُرڪي چيائين، "مان توهان جو فيس بڪ فرينڊ آهيان."

چيم، "تون منهنجو فيس بڪ فرينڊ نه پر فيس بڪ اينمي، بلڪ حقيقي دشمن آهين!"

حيرت سان پڇيائين، "ڇو سائين، مون کهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟!"

وراڻيم، "توکي ماسڪ پاتل ناهي ۽ نه ئي تون سماجي فاصلي جو خيال ٿو رکين!"

هن سپر اسٽور ۾ موجود ڪجهه ٻين ماڻهن ڏانهن اشارو ڪري چيو "انهن ڪيترن ماڻهن کي به ماسڪ پاتل ناهن. ڇا اهي سڀئي به توهان جا دشمن آهن؟"

وراڻيم "ها. ماسڪ نه پائيندڙ ۽ سماجي وٿي برقرار نه رکندڙ ماڻهو نه فقط ٻين شهرين پر پنهنجي گهر ڀاتين جا به خير خواهه ناهن!"

هن لاپرواهيءَ سان ٽهڪ ڏنو.

مون هن کان سندس نالو پڇيو ته چيائين، "منهنجو نالو سڄڻ آهي."

مان هن سان وڌيڪ ڪجهه ڳالهائڻ کان سواءِ سامان واري ٽرالي ڪيش ڪائونٽر ڏانهن ڌڪي ويس.

...۽ هاڻي مان پنهنجي فيس بڪ فرينڊس ۾ سڄڻ نالي واري سماجي دشمن کي ڳولي رهيو آهيان، جيئن کيس انفرينڊ ڪري سگهان!

# ماسڪ مٿان نظر ايندڙ اکيون

سپر اسٽور کان ٻاهر نڪري، خريد ڪيل سامان جون شاپنگ بيگس ڪار ۾ رکيم ۽ گاڏيءَ ۾ ويهڻ کان اڳ، ڊيش بورڊ مٿان پيل سينيٽائيزر کڻي هٿ صاف ڪيم. چهري تي پاتل ماسڪ لاهي، اسٽور تان ورتل نئون ماسڪ پائڻ وارو هئس تہ هوءَ اوچتو اچي منهنجي سامهون بيٺي!

هن جي چهري تي بہ ماسڪ هو. جنهن منجهان فقط هن جون اکيون نظر اچي رهيون هيون.

مون ڏانهن ڏسندي پڇيائين، "مون کي سڃاتو ٿا؟"

سندس اکين جي تاثر منجهان محسوس ٿيو تہ هن اهو سوال شرارت سان مُرڪندي پڇيو هو.

ڏکو ساهہ کڻي، سندس اکين ۾ نهاريندي وراڻيم، "مان انهن اکين کي ڪيئن ٿو وساري سگهان، جن ۾ نهاريندي مون کي پنهنجي لاءِ محبت جو سمنڊ نظر ايندو آهي!"

ڪجهہ دير پنهنجين سمنڊ جهڙين گهرين اکين سان منهنجي ماسڪ پاتل چهري ڏانهن ڏسندي رهي ۽ پوءِ اداسيءَ سان چيائين، "ڪيترا ڏينهن ٿيا آهن، پاڻ مليا ناهيون...!"

ٿڌو ساهہ کڻي وراڻيم، "ويا جي ڏينهن ۾ اسان جو نہ ملڻ ئي بهتر آهي!"

هن ڪو بہ جواب نہ ڏنو. سندس سمنڊ جهڙين اکين منجهان ٻہ موتي نڪتا ۽ هن جي چهري تي پاتل ماسڪ ۾ جذب ٿي ويا.

پيار سان وراڻيم، "وري وقت ورندو ۽ اسان هڪ ٻئي جو هٿ جهلي وري هلنداسين."

منهنجي ڳالهہ سان هن جي اکين ۾ آئيندي جي اميد جاڳي پئي. ٽشو پيپر سان پنهنجيون پنبڻيون اگهندي، مُرڪي چيائين، "لاڪ ڊائون ڪان پوءِ پهريون ڀيرو توهان کي روبرو ڏٺو اٿم. سوچيان پئي تہ... مان خواب پئي ڏسان يا واقعي توهان منهنجي سامهون موجود آهيو!"

مُرڪي وراڻيم، "تون منهنجي زندگيءَ جو خواب آهين ۽ مان تنهنجي زندگيءَ جي حقيقت آهيان...!"

هوءَ ڪجهہ دير مون کي چِتائي ڏسندي رهي. ماسڪ ۾ مُرڪندي رهي ۽ پوءِ ڪو خيال سندس ذهن ۾ آيو تہ چيائين، "پارڪ ۾ ڇهنڊڙي هيٺ ڏسان جيئن پڪ ٿئي تہ توهان حقيقت ۾ منهنجي سامهون آهيو!"

مُرڪي وراڻيم، "ڇهنڊڙي پارڪ کي نہ مون کي پاءِ، تہ جيئن مون کي بہ خبر پوي تہ منهنجي زندگيءَ جو خواب، حقيقت ۾ منهنجي سامهون موجود آهي!"

هن هڪدم منهنجي ٻانهن تي ڇهنڊڙي پائي خوشيءَ منجهان چيو "توهان تہ حقيقت ۾ مون سان گڏ آهيو مان خواب نہ پئي ڏسان!"

مان هن کي سندس ڪار تائين ڇڏڻ ويس.

هوءَ پنهنجي ڪار جي ڊرائيونگ سيٽ تي ويٺي تہ چيم، "محبت ۾ ماڻهو ڪنهن تي مرندا آهن پر مان توتي جيئندو آهيان!"

ڪنڌ مٿي ڪري مون ڏانهن ڏسندي اداسيءَ سان چيائين، "ويا جي هنن ڏينهن ۾ توهان اهو نہ وسارجو تہ اسان گڏ جيئڻ ۽ گڏ مرڻ جو قسم کنيو هو...!"

ڪجهہ سوچي مُرڪي چيم، "اڌ قسم تون توڙي ڇڏ، اڌ قسم مان ٿو توڙيان، ڇو تہ مان توسان گڏ جيئڻ ٿو چاهيان...!"

هن ڪار جو دروازو بند ڪيو ۽ شيشي جي پويان پنهنجي چهري تان ماسڪ لاهي مُرڪي مون ڏانهن ڏٺائين.

هن کي مُرڪندي ڏسي مون کي يقين ٿي ويو تہ هڪ ڏينهن دنيا ۾ ڪنهن جي بہ چهري تي ماسڪ نہ هوندو ۽ اسان ٻئي، هڪ ٻئي جو هٿ جهلي، خوشيون ملهائيندڙ ماڻهن جي هجومن وچ مان، گيت ڳائيندا ايئن ڊوڙندا ويندا سين، ڄڻ هوائن ۾ اُڏامندا هُجون....!

## نافرمان جهمورو

"ٻچا جهمورا."

"جي استاد"

"هيڏانهن اچ."

"اچي ويس."

"منهنجي هٿ ۾ ڇا آهي؟"

"ڏنبو آهي."

"ٻچا جهمورا."

"جي استاد"

"ڦيرو ڏي"

"ڦِري ويس."

"ڪٿي آهين؟"

"سنڌ ۾."

"سنڌ ۾ ڇا آهي؟"

"لاڪ بائون آهي استاد"

"ڪنهن ڪيو؟"

"سيد سرڪار ڪيو."

"ٻچا جهمورا."

"جي استاد"

"هيڏانهن اچ."

"اچي ويس."

"ڦيرو ڏي"

"ڦِري ويس."

"ڪٿي آهين؟"

”بلوچستان ۾.“
”بلوچستان ۾ ڇا آهي؟“
”لاڪ ڊائون آهي استاد.“
”ڪنهن ڪيو؟“
”اهو ڪمالَ جو ڪمالُ آهي.“
”ٻچا جهمورا.“
”جي استاد.“
”هيڏانهن اچ.“
”اچي ويس.“
”ڦير وڏي.“
”ڦِري ويس.“
”ڪٿي آهين؟“
”خيبر پختونخواه ۾.“
”خيبر پختونخواه ۾ ڇا آهي؟“
”لاڪ ڊائون آهي استاد.“
”ڇا... ڪنهن جي حڪم سان ٿيو!؟“
”ماٺهو پنهنجي مرضيءَ سان گهرن ڏانهن هليا ويا هئا.“
”پوءِ ڇو لاڪ ڊائون ٿيو ڪنهن ڪيو لاڪ ڊائون جو اعلان!؟“
”ننڍي خان پنهنجو فيصلو پاڻ ڪيو ۽ اعلان ڪري ڇڏيو.“
”ٻچا جهمورا.“
”جي استاد.“
”هيڏانهن اچ.“
”اچي ويس.“
”ڦير وڏي.“
”ڦِري ويس.“
”ڪٿي آهين؟“
”پنجاب ۾.“
”پنجاب ۾ ڇا آهي؟“
”لاڪ ڊائون آهي استاد.“

”جهمورا.....!“

”جي استاد“

”تو غلط جواب ڏئي تماشائين جي سامهون منهنجو خانو خراب ڪري
ڇڏيو آهي!!!!“

”تماشائي ڪونهن استاد“

”ڇا.....!“

”ها استاد تماشائي پنهنجن گهرن ڏانهن هليا ويا آهن!“

”ڇو هليا ويا!؟“

”ڇو ته پنجاب ۾ به لاڪ ڊائون آهي!“

”ڇا... پنجاب ۾ لاڪ ڊائون ڪنهن ڪيو!؟“

”مون ڪيو استاد“

”ٻچا جهمورا.....!“

”جي استاد“

”هيڏانهن اچ.“

”اچي ويس.“

”ڦيرو ڏي“

”هاڻي نه ڦرندس“

”ٻچا جهمورا.....!“

”جي استاد“

”منهنجي هٿ ۾ ڇا آهي؟“

”تنهنجي هٿ ۾ ڏنڊو آهي. جيڪو وٽئي سو ڪري ڏيکار استاد...!“

”ٻچا... ٻچا جهمورا.“

”جي استاد“

”هاڻي مان ڇا ڪيان....!“

”ڪجهه به نه هاڻي تون گهر هليو وڃ استاد“

# بيٺ، بيلٽ پيپر ۽ جهمورو

”ٻچا جهمورا.“

”جي استاد.“

”هيڏانهن اچ.“

”اچي ويس.“

”ڦيري ڏي.“

”ڏئي ڇڏيم.“

”جيڪو پڇان، سچ ٻڌائيندين؟“

”ها استاد، سئو سيڪڙو سچ ڳالهائيندس!“

”ڪٿي آهين؟“

”پنهنجي وطن ۾.“

”وطن ۾ ڇا آهي؟“

”ڪاوڙ آهي!“

”ڪنهن جي ڪاوڙ؟“

”سيني جي...!“

”ڪاوڙ جي پويان ڇا آهي؟“

”خاموشي آهي....“

”ڇاجي خاموشي—!؟“

”اها خاموشي، جنهن جي پٺيان طوفان هوندو آهي!“

”توکي ڪجهه ٻڌڻ ۾ اچي پيو؟“

”ها استاد....!“

”ڇا تو ٻڌين؟“

”تبديلي... تبديلي... تبديلي....!“

”ڇاجي تبديلي—؟“

”نعري واري تبديلي نــ... وڏيڪ پاڻ سمجهي وڃ استاد...!“

"تورو ڪولي ٻڌاءِ ڪهڙي تبديلي!؟"

"عزيز هم وطنو واري..!"

"ٻچا جهمورا....!"

"جي استاد"

"منهنجي ويجهو تہ آءُ....!"

"نہ استاد"

"ٻچا جهمورا....!"

"جي استاد"

"منهنجي هٿ ۾ ڇا آهي!؟"

"ڪجهہ بہ ناهي....!"

"ٻچا جهمورا....!"

"جي استاد"

"هاڻي مان ڇا ڪيان...!؟"

"جيڪو ڪرڻو هيئي، سو ڪري چڪو آن....."

"ڇا ڪيو مون...!؟"

"راند ۾ رولو نہ وجهين ها... غلطي ڪري وئين، هيرو مان زيرو ٿي وئين....!"

"ٻچا جهمورا....!"

"جي استاد"

"سو وري ڪيئن!؟"

"ٻيٽ کي ميدان تان ڪڍي ٻيلٽ پيپر تي نہ رکين ها....!"

"ٻچا جهمورا....!"

"جي استاد"

"تورو ويجهو تہ آءُ....!"

"نہ استاد پري کان ڳالهاءِ....!"

"ويجهو ڪينَ اچين ٿو ڇو؟"

"خطرو آهي ڪورونا جو... تو احتياط ناهي ڪيو....!"

# جهوروءِ سرڪاري بيحسي

”ٻچا جهورا.“

”جي استاد“

”هيڏانهن اچ.“

”اچي ويس.“

”ڦيرِي ڏي“

”ڏئي ڇڏيم.“

”ڪٿي آهين؟“

”پنجاب ۾.“

”پنجاب ۾ ڇا هي؟“

”وڏي رش آهي. ماٺهوهڪ ٻئي مٿان ڳاهٽ پيا ٿين!“

”ٻچا جهورا.“

”جي استاد“

”هيڏانهن اچ.“

”اچي ويس.“

”ڦيرِي ڏي“

”ڏئي ڇڏيم.“

”ڪٿي آهين؟“

”خيبرپختونخواه ۾.“

”خيبرپختونخواه ۾ ڇا هي؟“

”وڏي رش آهي. ماٺهوهڪ ٻئي مٿان ڳاهٽ پيا ٿين!“

”ٻچا جهورا.“

”جي استاد“

”هيڏانهن اچ.“

”اچي ويس.“

”ڦيرِي ڏي“

”ڏئي ڇڏيم.“

"ڪٿي آهين؟"
"بلوچستان ۾."
"بلوچستان ۾ ڇا آهي؟"
"وڏي رش آهي. ماڻهو هڪ ٻئي مٿان ڳاهٽ پيا ٿين!"
"ٻچا جهمورا."
"جي استاد."
"هيڏانهن اچ."
"جي ويس."
"ڦيرِي ڏي."
"ڏني ڇڏيم."
"ڪٿي آهين؟"
"سنڌ ۾."
"سنڌ ۾ ڇا آهي؟"
"وڏي رش آهي. ماڻهو هڪ ٻئي مٿان ڳاهٽ پيا ٿين!"
"ٻچا جهمورا."
"جي استاد."
"سڄي ملڪ ۾ رش آهي!؟"
"ها استاد. وڏي رش آهي!"
"ڪيتري رش آهي؟"
"پراڻي زماني وارين سئنيمائن جي ڪڙڪي توڙ هفتہ کان وڌيڪ رش آهي!"
"ايڏي رش ڇا تي ٿي آهي؟"
"بيحسيءَ جي پروگرام تي!"
"بيحسيءَ جي پروگرام ۾ ڇا ٿي رهيو آهي؟"
"مردَ هڪ ٻئي مٿان ڪِري رهيا آهن. عورتون ڇيپاٽجي رهيون آهن ۽ ٻار ريهاٽ ڪري روئي رهيا آهن!"
"بيحسيءَ جي انهيءَ پروگرام جو ڪهڙو نتيجو نڪتو آهي؟"
"ڪورونا جو راڪاس رش ۾ گهڙي آيو آهي. جنهن ڪري ڪيترائي صحتمند ماڻهو بہ ڪورونا جي وبا جو شڪار ٿي ويا آهن!"

## زيان

هو روز صبح جو اٽي اخبار ڏسندو آهي.

ڪا به هيڊنگ پڙهڻ کان سواءِ فقط هڪ نظر وجهي، هو هڪدم ہي خبر جي هيڊنگ ڏانهن ڏسندو آهي. هن جون نظرون ٽڪرين ٽڪرين اخباري هيڊنگز تي ڦِرنديون رهنديون آهن. انتهائي اهم خبرن کي به نظر انداز ڪري، هو پنهنجي مطلب واري خبر جي ڳولا ڪندو رهندو آهي.

هو فقط موت جو خبرون تلاش ڪندو آهي!

ويا جي ڏينهن ۾ هن کي دنيا ۾ روز هزارين ماڻهن جي مرڻ جو خبرون نظر اينديون آهن پر انهن هزارين مرندڙ ماڻهن جي خبرن سان هن جي ڪا به دلچسپي ناهي هوندي، تنهن ڪري اڪثر ڪيس مايوسي نصيب ٿيندي آهي. اهڙي حالت ۾ هو سخت ڪاوڙ منجهان ڏند ڪرٽي، اخبار کي مروٽي هڪ طرف ڦٽي ڪري ڇڏيندو آهي.

هو روز هزارن جي تعداد ۾ مرندڙ انسانن جي خبرن منجهان ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ جي موت جي خبر ڳوليندو آهي، جنهن جي وفات تي تعزيتي خبر جاري ڪري سگهجي!

اج به هن صبح سان اخبار کنئي. هن جي اکين جا تارا اخبار جي صفحن تي ٽڪرا ٽڪرا هيڏانهن هوڏانهن ڦِرندا رهيا پر هن کي ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ جي موت جي خبر نظر نه آئي، جنهن جي لاءِ تعزيتي خبر جاري ڪري، پنهنجو نالو اخبار ۾ ڇپرائي سگهجي!

هن سخت ڪاوڙ منجهان اخبار مروٽي ڦٽي ڪئي ۽ ڏند ڪرٽيندي، خودڪلامي واري انداز سان ٻڙڪيو "اڄوڪي اخبار جا پئسا به زيان ٿي ويا!"

# احتجاج

اوچتو رت جي بوءِ محسوس ٿي تہ مون گهر کان ٻاهر نڪري ڏٺو. منهنجي گهر تي رت جا ڇنڊا لڳل هئا ۽ گهر جو رستو بہ رت سان ريٽو ٿيل هو.

مان پاڙي جي ٻين گهٽين ڏانهن ويس. پاڙي جون سڀ گهٽيون رت هاڻيون هيون.

مان شهر ۾ نڪري پيس. شهر جا سڀ رستا رت ۾ ٻُڏل هئا.

مان انسانيت جي قتل جِي ايف آئي آر ڪٽرائڻ لاءِ پوليس اسٽيشن تي پهتس پر منهنجي فرياد داخل ڪرڻ کان انڪار ڪيو ويو.

مان شهر جي پوليس چيف وٽ ويس ۽ کيس چيم، "شهر ۾ انسانيت جو قتل ٿيو آهي، پر منهنجي ايف آئي آر نٿي داخل ڪئي وڃي!"

پوليس چيف پڇيو "تو وٽ ڪهڙو ثبوت آهي تہ انسانيت جو قتل ٿيو آهي؟"

چيم، "منهنجي شهر جا سڀ رستا رت سان ڳاڙها ٿيل آهن!"

پوليس چيف وراڻيو "هن شهر جا رستا تہ گهڻي وقت کان ڳاڙها آهن. اها ڪا نئين ڳالهہ ناهي!"

پوليس چيف کان مايوس ٿي مون اِحتجاج ڪيو ۽ شهر جي اهم شاهراهہ تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيس.

وقت جو حڪمران مون وٽ پهتو ۽ ڌرڻو ختم ڪرڻ لاءِ چيائين.

وراڻيم، "شهر ۾ انسانيت جو قتل ٿيو آهي، پر پوليس چيف منهنجي ڳالهہ ٻُڌڻ لاءِ تيار ناهي. جيسين انسانيت جي قاتلن کي گرفتار نہ ڪيو ويندو تيسين منهنجو احتجاج جاري رهندو."

حڪمران پڇيو "ڪنهن جي خلاف ڪارروائي ڪيون؟"

چيم، "انهن سيني رت پياڪ جانورن جي خلاف، جن کي هن شهر ۾ داخل ٿيڻ کان نہ روڪيو ويو ۽ هاڻي انهن منهنجي شهر جي رستن جو رنگ ڳاڙهو ڪري ڇڏيو آهي!"

# ڀھروپيا

منھنجي ڌرتيءَ بہ پياسي ھئي ۽ مان بہ اُڃايل ھئس،
مان پاڻيءَ جي کوٽ خلاف ڌرڻو ھڻي ويھي رھيس.
ڌرتيءَ جا گيت لکندڙ شاعر اتان گذريو تہ مون کيس ڌرڻي ۾ شامل ٿيڻ جي گذارش ڪئي.
شاعر چيو "مان ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ واسين جي پياس بابت ھڪ لازوال گيت لکندس." اھو چئي شاعر ھليو ويو.
ڪھاڻيڪار اتان گذريو تہ مون کيس ڌرڻي ۾ شامل ٿيڻ جي گذارش ڪئي.
ڪھاڻيڪار چيو "مان ڌرتيءَ جي ڏانھن جھڙي ھڪ ڪھاڻي لکندس." اھو چئي ڪھاڻيڪار ھليو ويو.
ڊراما نگار اتان گذريو تہ مون کيس ڌرڻي ۾ شامل ٿيڻ جي گذارش ڪئي.
ڊراما نگار چيو "مان ھڪ ڊرامو لکندس، جنھن ۾ پياس جي شدت جا اھڙا منظر ھوندا، جو ڏسندڙن جون اکيون آليون ٿي وينديون." اھو چئي ڊراما نگار ھليو ويو.
ڪالم نگار اتان گذريو تہ مون کيس ڌرڻي ۾ شامل ٿيڻ جي گذارش ڪئي.
ڪالم نگار چيو "پاڻيءَ جي کوٽ خلاف مان ھڪ زبردست ڪالم لکي ھن اھم مسئلي بابت پنھنجو تجزيو پيش ڪندس." اھو چئي ڪالم نگار ھليو ويو.
ھڪ چترڪار اتان گذريو تہ مون کيس ڌرڻي ۾ شامل ٿيڻ جي گذارش ڪئي.

چترڪار چيو "مان هڪ اهڙي شاهڪار پينٽنگ ٺاهيندس، جنهن وسيلي پنهنجي ديس جي پياس دنيا کي ڏيکاريندس." اهو چئي چترڪار هليو ويو.

دانشور اتان گذريو ته مون کيس ڏرٽي پر شامل ٿيڻ جي گذارش ڪئي.

دانشور چيو "مان شام جي چانهه تي دوستن سان پاڻيءَ جي کوٽ بابت گفتگو ڪندس." اهو چئي دانشور هليو ويو.

هڪ سياستدان اتان گذريو ته مون کيس ڏرٽي ۾ شامل ٿيڻ جي گذارش ڪئي.

سياستدان هاڪار سان ڪنڌ لوڏيو، موبائيل فون سان هڪ ڪال ڪئي ۽ پوءِ مون سان ڏرٽي ۾ شامل ٿي ويهي رهيو.

مون سياستدان جا ٿورا مڃيا.

ٿوري دير اندر ميڊيا جا ڪجهه ماڻهو ڪئميرائون کڻي پهچي ويا. سياستدان ڪجهه فوٽو ڪڍرايا ۽ اٿي هليو ويو!

## مجبوري

چيائين، "مان خودڪشي ڪرڻ ٿو چاهيان، مهرباني ڪري منهنجي مدد ڪر."

مون هن کي گهڻو ئي سمجهايو. ڪيس خودڪشي ڪرڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪيم پر هن منهنجي ڳالهه نه مڃي.

چيائين، "خودڪشي ڪرڻ منهنجي مجبوري آهي. توکي مجبور انسان جي مدد ڪرڻ گهرجي."

هن جي مدد جو فيصلو ڪري، مان هن کي شهر جي سڀ کان وڏي بلڊنگ جي ڇت تي وٺي ويس.

هن گهڻ ماڙ عمارت جي ڇت تان هيٺ نهاري چيو "قبضن سبب رستو سوڙهو ٿي ويو آهي. هتان ٽپو ڏئي خودڪشي ڪرڻ سان سوڙهو ٿيل رستو ڪيتري دير تائين بند ٿي ويندو!"

مان هن کي انڊس هاءِ وي تي وٺي ويس.

هن انڪار سان ڪنڌ لوڏي چيو "هن شاهراهه تي هونءَ ئي وڏيڪ ماڻهو ٿا مرن. مان هتي مرندڙ ماڻهن جي انگ ۾ واڌاري جو سبب نٿو بڻجڻ چاهيان!"

مان هن کي ريلوي لائين تي وٺي ويس.

ريل اچڻ ۾ دير ڪئي ته هن چيو "اسان جي ملڪ ۾ ريل سدائين ليٽ هوندي آهي. آخر مان خودڪشيءَ لاءِ ڪيترو انتظار ڪندس!"

مان هن کي سنڌو درياهه جي ڪناري تي وٺي ويس.

سنڌوءَ ڏانهن ڏسندي چيائين، "درياهه ۾ ته ٻُڏي مرڻ جيترو پاڻي به ناهي جو مان خودڪشي ڪري سگهان!"

مان هن کي شهر جي هڪ هوٽل تي وٺي ويس ۽ چيم، "هتي ڪجهه گهڙيون آرام ڪر، پوءِ هلنداسين."

هن کي ڪمري جي چاٻي ڏئي، ٿوري دير ۾ ٿي مري ويندين."

هن ڪوبه جواب نه ڏنو. ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيو.

پڇيومانس، "خودڪشيءَ جو ارادو تبديل ڪري ڇڏيو اٿئي ڇا؟"

انڪار سان ڪنڌ لوڏي چيائين، "نه!"

چيومانس، "ته پوءِ ڪاڏو ڇو نٿو گهرائين!"

ٿڌو ساهه کڻي چيائين، "مون وٽ ڪاڏو کائڻ جيترا پئسا هجن ها ته مان خودڪشي ڇو ڪيان ها!"

# پاروٿي زندگي

سرڪاري اسپتال جي ڊاڪٽر دوائن جي پرچي لکي، نوجوان مريض جي هٿ ۾ ڏيندي چيو "هي دوائون ٻاهران اسٽور تي ملنديون."

غريب نوجوان دوائن جي ڊگهي لسٽ ڏسي چيو، "مون وٽ انهن منجهان هڪڙي گوري خريد ڪرڻ جيترا پئسا بہ ناهن. مون کي سرڪار طرفان ملندڙ دوائون ڏيو. مان ڏاڍو غريب ۽ بيروزگار آهيان."

ڊاڪٽر، نوجوان ڏانهن ڏسندي مُرڪي ورائيو "اسپتال جي ڪائونٽر تان ٺهرايل پرچيءَ ۾ تنهنجو نالو تہ امير لکيل آهي!"

نوجوان ٿڌو ساهہ کڻي چيو "مان غريب ابنِ غريب آهيان. مون تي امير نالو منهنجي غريب پيءُ الائجي ڇو رکيو هو!"

ڊاڪٽر مُرڪي چيو "غريب جا ٻارَ مان ڪجھ نٿو ڪري سگهان. سرڪاري دوائون ختم ٿي ويون آهن."

نوجوان ڪنڌ هيٺ ڪري خاموشيءَ سان ڊاڪٽر جي ڪمري مان نڪري ويو.

امير نالي واري غريب نوجوان اسپتال کان ٻاهر نڪري، سامهون موجود ميڊيڪل اسٽور ڏانهن ڏٺو. هن ٿڌو ساهہ کڻي، ڊاڪٽر پاران لکي ڏنل دوائن واري پرچي پنهنجي خالي کيسي ۾ رکي ۽ اڳتي وڌي ويو.

هو سرڪاري اسپتال کان ٿورو اڳتي پهتو تہ روڊ جي پاسي ۾ گند جي ڍير تي هن کي سرڪاري اسپتال جي عملي پاران ڦٽي ڪيل دوائون نظر آيون. هن

پنهنجي ڪيسي منجهان دوائن واري پرچي ڪڍي پڙهي ۽ گند جي ڍير تي اڇلايل دوائن منجهان، ڊاڪٽر پاران لکي ڏنل دوائون ڳولي ڪڍيون.

هو اڃان گند جي ڍير تي ئي ويٺو هو ته پرسان گذرندڙ هڪ شخص هن ڏانهن ڏسندي چيو، "گند جي ڍير تي ڦٽي ڪيل دوائون ڊيٽ ايڪسپائرڊ ۽ زهر برابر هونديون آهن!"

امير نالي واري غريب نوجوان ڊگهو ساهه کڻي ورائيو، "اسان جي ملڪ ۾ غريب جي زندگي به ته زهر جهڙي ئي آهي. ماني به سدائين پاروٿي کاڌي اٿم، دوائون به پاروٿيون ئي سهي.... !"

اهو چئي، امير نالي واري غريب نوجوان ڊيٽ ايڪسپائرڊ دوائون پنهنجي ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيون!

# آخري نوٽ

مسڪين ٻُڍڙو مريض علاج لاءِ سرڪاري اسپتال پهتو. ڊگهي انتظار کان پوءِ مريض جو وارو آيو ته ڪيس ڊاڪٽر جي ڪمري ۾ موڪليو ويو. اسپيشلسٽ ڊاڪٽر مريض کي تپاسڻ کان سواءِ چيو "سرڪاري اسپتال جي پراڻين مشينن تي تنهنجي مرض جي تشخيص نه ٿي سگهنديءِ تنهن ڪري تون شام جو منهنجي پرائيويٽ ڪلينڪ تي اچجانءِ"

مسڪين مريض شام جو پنهنجي گهر ۾ موجود سمورا پئسا کڻي اسپيشلسٽ ڊاڪٽر جي پرائيويٽ ڪلينڪ تي پهتو. اچڻ شرط هن کان ڳري في وصول ڪئي وئي ۽ پوءِ ڪيس مريضن جي ڊگهي قطار ۾ ويهاريو ويو. ڊگهي انتظار کان پوءِ سندس وارو آيو ته ڪيس ڊاڪٽر جي ڪمري ۾ موڪليو ويو. مريض کي تپاسڻ کان پوءِ، ڊاڪٽر ڪميشن وارين دوائن جي ڊگهي لسٽ لکي ۽ مريض کي هڪ مخصوص ميڊيڪل اسٽور جو ڏَسُ ڏنائين، پندرهن ڏينهن کان پوءِ ٻيهر اچڻ جو چئي روانو ڪري ڇڏيو.

اڻ ڄاڻ مسڪين مريض مخصوص ميڊيڪل اسٽور تي پهچي، ڊاڪٽر جي لکي ڏنل ڊگهي لسٽ مطابق دوائون خريد ڪيون ته سندس کيسو خالي ٿي ويو.

پندرهن ڏينهن کان پوءِ مسڪين مريض قرض کڻي اسپيشلسٽ ڊاڪٽر جي ڪلينڪ تي پهتو. مريض کان ٻيهر ڳري في اوڳاڙي وئي. ڊاڪٽر ڪيس ٻيهر ڪميشن وارين دوائن جي ڊگهي لسٽ ڏني، پندرهن ڏينهن کان پوءِ وري اچڻ لاءِ چئي روانو ڪيو ۽ مريض کي مخصوص ميڊيڪل اسٽور تان ڊگهي لسٽ مطابق، ڪميشن واريون دوائون خريد ڪرڻيون پيون.

ٽيون ڀيرو ڊاڪٽر ڏانهن وڃڻ لاءِ مسڪين مريض کي پنهنجي گهر جا ٿپڙ کپائڻا پيا. ڳري في، پندرهن ڏينهن کان پوءِ وري اچڻ جي هدايت، دوائن جي ڊگهي

لسٽ ۾ مخصوص ميڊيڪل اسٽور جو ورجاءُ ٿيو پر مرض گھٽجڻ بجاءِ وڌندو ئي رهيو.

غريب پوڙهو شخص هر پندرهين ڏينهن اسپيشلسٽ ڊاڪٽر جي پرائيويٽ ڪلينڪ تي ويندو رهيو هن جي گهر جو سامان وڪرو ٿيندو رهيو هن تي قرض به چڙهندو رهيو ۽ سندس مرض به وڌندو رهيو!

جڏهن بيمار پوڙهي کي نه ڪٿان قرض ملڻ جي اميد رهي ۽ نه ئي سندس گهر ۾ وڪرو ڪرڻ جهڙو ڪو سامان بچيو

تڏهن مسڪين ٻڍڙو اسپيشلسٽ ڊاڪٽر جي ڪلينڪ تي پهتو ته ڳري في ڏيڻ کان پوءِ وٽس تمام گهٽ پئسا بچيا. هن ڊاڪٽر کي دوائون گهٽ لکڻ جي گذارش ڪئي. ڊاڪٽر سندس ڳالهه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري، وري به ڪميشن وارين دوائن جي ڊگهي لسٽ لکي ڏيڻ کان پوءِ چيو "تنهنجي لاءِ اهي سڀ دوائون کائڻ بيحد ضروري آهن، نه ته مري ويندين."

سخت بيمار ٻڍڙي ڪلينڪ منجهان ٻاهر نڪري، پنهنجي کيسي ۾ پيل آخري نوٽ ڪڍي ڏنو ۽ ميڊيڪل اسٽور ڏانهن وڃڻ بجاءِ، بازار مان وڃي هن پنهنجي لاءِ ڪفن خريد ڪري ڇڏيو!

## حياتي هوتن ريءَ

پُٽ جي وڏي بنگلي جي ننڍڙي ۽ ڪنڊائتي ڪمري ۾ بستري تي پيل بيمار پوڙهو شخص سخت پريشان هو. کٽ تي اڪيلو پيل بيمار شخص پاسو ورائڻ توڙي ڪنڌ ڦيرائي ڪمري جي در ڏانهن ڏسڻ ۾ به سخت تڪليف محسوس ڪري رهيو هو. پر تنهن هوندي به هو هر هر ڪنڌ ڦيرائي دروازي ڏانهن ڏسي رهيو هو.

ٽي ڏينهن گذري ويا هئا جو پوڙهي بيمار شخص گهر جي ڪنهن به ڀاتيءَ جو مُنهن نه ڏٺو هو. هن کي پنهنجي نُنهن جو ته نه پر پُٽَ جو ڏک ضرور هو. سندس پُٽ هونءَ ته روز ٻن چئن منٽن لاءِ وٽس لنگهي ايندو هو ۽ سندس طبيعت پڇي هليو ويندو هو پر اهو به ٽن ڏينهن کان ڪيس ڏسڻ ئي نه آيو هو.

منجهند جي وقت نوڪرياڻي هن لاءِ ماني کڻي آئي ته بيمار پوڙهي کائنس پڇيو "سڀ گهر وارا ڪٿي آهن؟"

نوڪرياڻيءَ ڪوبه جواب نه ڏنو جو هوءَ بيگم صاحبه جي حڪم جي پابند هئي، جنهن کيس چئي ڇڏيو هو "وڏهي سان ڳالهائڻ جي ڪابه ضرورت ناهي."

نوڪرياڻيءَ کي خاموش ڏسي پوڙهي ٻيهر ڳالهايو "منهنجو پُٽ ۽ پوٽو مون سان ملڻ ڇو نٿا اچن؟"

نوڪرياڻيءَ هڪ نظر دروازي ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ آهستي وراڻيو "صاحب اسلام آباد ويل آهي."

پوڙهي هڪدم پڇيو "پلا منهنجو پوٽو ڪٿي آهي؟ مون کي انهيءَ جي ڏاڍي سڪ لڳي آهي!"

نوڪرياڻيءَ ڪو جواب نه ڏنو. هن هڪ نظر رحم جوڳي حالت ۾ پيل پوڙهي ڏانهن همدرديءَ سان ڏٺو ۽ ميز تي ماني رکي، خاموشيءَ سان ڪمري مان ٻاهر نڪري وئي.

بيمار پوڙهي کي لڳو چڻ هو انسان نہ ڪمري ۾ پيل پراڻي سامان جيان ٿي ڪو سامان هجي، جنهن کي سندس پُٽ بہ گهرَ جي ڪنڊائتي ڪمري ۾ رکي وساري ڇڏيو آهي! اهو سوچي بيمار پوڙهي جون اکيون پرجي آيون. هن هڪ تمام ڏکهو ساهہ کڻي زور سان اکيون بند ڪيون تہ لڙڪ سندس ٻنهي لونڊڙين طرف وهي ويا.

ڪجهہ دير گذري تہ هن پنهنجي بيحد پياري پنجن سالن جي پوٽي جو آواز ٻُڌو "ڏاڏا.... !"

بيمار ڏاڏي اکيون کولي، مرڪي در ڏانهن ڏٺو.

پنجن سالن جو معصوم پوٽو اڳتي وڌيو ۽ هن ڏاڏي جي سيني تي مٿو رکي ڇڏيو. ڏاڏي ڏاڍي پيار سان ليٽيل حالت ۾ ئي پوٽي کي ڀاڪر ۾ پري ورتو.

ان مهل ئي ڪمري جي دروازي وٽان سندس نُنهن جي رڙ ٿي، "وهان منهنجي پُٽ کي بہ بيمار ڪندئو ڇا؟"

پوڙهي ٿڌو ساهہ کڻي چيو "امان، مون کي ڪا وچڙندڙ بيماري تہ ناهي جو منهنجو پوٽو بہ بيمار ٿي پوندو!"

نُنهن اڳتي وڌي آئي. هن پنهنجي پُٽ کي ٻانهن کان وٺي ڇڪي ڏاڏي کان ڌار ڪيو ۽ سخت ڪاوڙ منجهان چيو "توهان پاڻ ڪنهن وچڙندڙ بيماريءَ کان گهٽ آهيو ڇا؟ اسي سال عمر ٿي وئي اَٿوَ تڏهن بہ اسان جي جان نٿا ڇڏيو.... !"

# لُڙڪ ميڙيندڙ پيڻ

گهر کان ٻاهر وڃڻ لڳندو هئس تہ مون کان ٻہ سال ننڍي پيڻ پڇندي هئي،
”ڪاڏي ٿو وڃين ادا؟“

ورائيندو هئس، ”دوستن سان راند کيڏڻ ٿو وڃان.“

روئڻهارڪي ٿي چوندي هئي، ”مان بہ تہ تنهنجي دوست آهيان. مون سان راند کيڏ نہ ادا.“

پيڻ جي ايئن چوڻ سان مان ٻاهر وڃڻ جو ارادو تبديل ڪري گهر ۾ ويهي هن سان راند کيڏندو هئس.

راند کيڏندي مون کي ڏڪ لڳندو هو تہ هوءَ منهنجي اکين تان ڳوڙها اگهندي هئي!

اها اڌ صدي اڳ جي ڳالهہ آهي. تڏهن اسان ٻئي ٻار هئاسين!

اڄ مون ٻيهر ٻار ٿيڻ جي هن کي چيو ”اُٿ تہ راند کيڏڻ هلون!“

پيڻ ڪو بہ جواب نہ ڏنو.

هوءَ ڌرتيءَ جي سطح کان ڪجهہ فوٽ هيٺ وڃي سمهي پئي آهي ۽ مان ڌرتيءَ جي سطح تي ويٺو آهيان!

منهنجيون اکيون برسڻ کان بس نٿيون ڪن پر منهنجا لُڙڪ ميڙيندڙ اهو نازڪ ننڍڙو هٿ موجود ناهي...!

# ساڳيو رستو

پُٽ مهيني کان پوءِ منجهند مهل ڳوٺ آيو تہ پوڙهي ماءُ جون اکيون ٺري پيون. ماءُ، پُٽ کي ماني ڏني، گهر جا ڪم جلدي پورا ڪري ڪمري ۾ آئي تہ پُٽ ننڊ پيو هو. ماءُ، پُٽ جي پرسان ويهي رهي. پُٽ ننڊ ڪندو رهيو ۽ ماءُ سندس وارن ۾ آڱريون ڦيرائيندي رهي. لڳاتار ڪيس پيار سان ڏسندي رهي، جڻ پنهنجي اکين جي اُڃ اُجهائڻ جي ڪوشش ڪندي هجي.

شام جو پُٽ ننڊ مان جاڳيو تہ پنهنجي سمارٽ فون کڻي ويهي رهيو. ماءُ مهيني کان پوءِ آيل پُٽ منجهان اکيون ئي نہ ٿي ڪڍيون پر پُٽَ جون اکيون مسلسل پنهنجي سمارٽ فون جي اسڪرين تي کُتل هيون. ڪنهن مهل هن واٽس ايپ تي پنهنجي شهري محبوبا کي ميسيج پئي ڪيا تہ ڪنهن مهل فيس بڪ تي سندس تصويرون ڏسي پنهنجيون اکيون پئي ٺاريون.

ماءُ، پُٽ جي واندي ٿيڻ جو انتظار ڪندي رهي. گهڻي دير کان پوءِ پُٽ موبائيل فون تان نظر کڻئي تہ ماءُ ڏکوساهہ کڻي چيو "پُٽَ، اڳي انين ڏينهن ايندو هئين، پوءِ پندرهين ڏينهن اچڻ شروع ڪيئي پر هن ڀيري اچڻ ۾ سڄو مهينو لائي ڇڏيئي!"

پُٽَ ڪجهہ سوچي ورائيو "امان، ڳوٺ اچڻ جو رستو هاڻي ڏکو ٿي ويو آهي!"

ماءُ حيرت سان پڇيو "شهر ڏانهن ويندڙ رستو تہ ساڳيو ئي آهي، هاڻي اهو رستو ڏکو ڪيئن ٿي ويو پُٽ!؟"

پُٽ، ماءُ جي ڳالهہ جو ڪو جواب ڏيڻ بجاءِ، چانهہ جي فرمائش ڪئي ۽ پنهنجي موبائل فون کڻي وري مصروف ٿي ويو.

ماءُ چانهہ ٿاڪڙ وئي تہ پُٽ جي موبائيل فون تي سندس شهري محبوبا جو فرمائشي ميسيج آيو "اڄ رات مون کي ڊنر لاءِ وٺي هلجانءِ"

ماءُ چانهہ کڻي ڪمري ۾ داخل ٿي تہ پُٽ شهر وڃڻ جي تياري ڪري چڪو هو. هن ماءُ کان چانهہ جو ڪپ وٺڻ کان سواءِ چيو "مان شهر واپس پيو وڃان."

ماءُ جي دل اداس ٿي وئي. ڏک سان چيائين. "مهيني کان پوءِ آيو آهين، هڪڙي رات بہ نٿو رهين!"

پُٽ وقت ڏسندي وراڻيو "مون کي تمام ضروري ڪم آهي امان. وڃڻو ئي پوندو."

ماءُ فڪرمنديءَ سان چيو " تي وئي آهي پُٽ، چوين ٿو تہ رستو بہ ڏکيو ٿي ويو آهي. صبح جو وڃجانءَ."

پُٽ پنهنجو سفري بيگ کڻي دروازي ڏانهن ويندي چيو "ڳوٺ اچڻ جو رستو ڏکيو ٿي ويو آهي امان، شهر واپس وڃڻ جو رستو ڏکيو ناهي ٿيو."

# آخري ڏينهن

هو پنهنجي نوڪريءَ تان رٽائر ٿيڻ واري ڏينهن، آفيس ٽائيم پورو ٿيڻ کان ڪجهه ڪلاڪ اڳ ۾ مري ويو.

آفيس ۾ گڏ ڪم ڪندڙ سنڌس دوستن کي هن جي وفات جي ڏک سان گڏ اهو ڏک به ٿيو ته نوڪريءَ دوران گذاري وڃڻ سبب، اداري جي قائدي موجب سنڌس پونئيرن کي اهو مالي فائدو نه ملي سگهندو جيڪو هن جي زندگيءَ ۾ رٽائر ٿيڻ سان ملي ها!

بئي ڏينهن هن جو نوجوان پٽ، مري ويل پيءُ جي آفيس ۾ گڏ ڪم ڪندڙ پيءُ جي دوستن سان گڏجي سندن باس سان مليو. سيني گڏجي باس کي گذارش ڪئي ته اداري جي رڪارڊ ۾ مري ويل جي وفات هڪ ڏينهن پوءِ ڏيکاري وڃي، جيئن سنڌس پونئيرن کي مناسب مالي فائدو حاصل ٿي سگهي.

باس انڪار ڪندي چيو "هن جي موت جي تاريخ قدرت جي طرفان مقرر ٿيل هئي. مان ڪير ٿيندو آهيان هن جي مرڻ جي تاريخ کي تبديل ڪرڻ وارو... !"

باس جي انڪار کان پوءِ هن جو پٽ سخت ڏکارو ٿي هليو ويو.

ڪجهه عرصي کان پوءِ هن جي پُٽ کي ساڳئي اداري ۾ فوتي ڪوٽا تي نوڪري ملي ته پُٽ خوشيءَ منجهان نوڪريءَ جو آرڊر ڏسندي چيو "چڱو ٿيو جو بابو پنهنجي نوڪريءَ جي آخري ڏينهن تي، آفيس ٽائيم پورو ٿيڻ کان اڳ ۾ مري ويو جو مون کي نوڪري ته ملي. جيڪڏهن مرڻ ۾ به ٿي ڪلاڪ دير ڪري ها ۽ آفيس ٽائيم پورو ڪري رٽائر ٿي وڃي ها ته مون کي ته نوڪري ئي نه ملي ها!"

# تماشو

سيارو آيو تہ مون پنج سال اڳ لنڊا بازار مان خريد ڪيل اڇي رنگ وارو پراڻو ڪوٽ ڪڍي پاتو.

گهر کان ٻاهر نڪتس تہ هڪ نوجوان، جنهن کي ڪارو ڪوٽ پاتل هو، انهيءَ مون کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ شروع ڪيو. مون ڪاري ڪوٽ واري نوجوان کان سبب پڇيو تہ هو مون تي وڏيڪ ڪاوڙجي پيو. هن رڙ ڪري ڪاري ڪوٽ وارن ٻين نوجوانن جو منهنجي اڇي رنگ واري ڪوٽ ڏانهن ڌيان ڇڪايو تہ ڪارا ڪوٽ پهريل ڪيترائي نوجوان ڏنڊا کڻي مون ڏانهن وڌيا.

مون جان بچائڻ لاءِ ڊوڙڻ شروع ڪيو تہ ڪارن ڪوٽن وارا نوجوان هجوم جي صورت ۾ منهنجي ڪڍ لڳا. مان ڊوڙي ڊوڙي ٿڪجي ساڻو ٿي ويهي رهيس تہ ڪاري ڪوٽ وارن ڪيترن ئي نوجوانن مون تي لتن، مُڪن ۽ ڏنڊن سان حملو ڪري ڏنو.

مون ڏکَ سهندي چيو. "توهان تہ ماڻهن کي انصاف وٺي ڏيندا آهيو. مون سان ناانصافي ڇوٿا ڪيو؟"

جواب مليو. "اڇو ڪوٽ سزا جي لائق آهي. اسان انصاف جون تقاضائون پوريون ڪري رهيا آهيون!"

ڪاري ڪوٽ وارن نوجوانن سخت تشدد ڪري، منهنجو اڇي رنگ جو ڪوٽ رت سان ڳاڙهو ڪري ڇڏيو.

موقعي تي موجود پوليس وارا تماشو ڏسندا رهيا!

مون رت سان ريٽو ٿيل ڪوٽ لاهي ڦِٽو ڪيو. شديد زخمي حالت ۾ اسپتال ڏانهن ويندي، سخت سيءَ سبب مون هڪ ريڙهي تان ٻيو پراڻو ڪوٽ خريد ڪري پاتو.

سرڪاري اسپتال جي دروازي وٽ پهتس تہ اڇي رنگ جا ڪوٽ پاتل ڪيترائي نوجوان مون کي ورائي ويا ۽ انهن مون تي لتن، مُڪن ۽ ڏنڊن سان حملو ڪري ڏنو.

مون ڏڪ سهندي چيو "توهان مسيحائي پيشي سان لاڳاپيل آهيو. توهان تہ ماڻهن جي زخمن تي پها رکندا آهيو. علاج ڪرڻ بدران منهنجو وڏيڪ رَتُ ڇوٽا وهايو؟"

جواب مليو "توکي ڪارو ڪوٽ پاتل آهي. تنهن ڪري تنهنجو انهيءَ نموني علاج ڪري، اسان مسيحائي پيشي جو تقدس بحال ڪري رهيا آهيون!"

موقعي تي موجود پوليس وارا تماشو ڏسندا رهيا.

انهيءَ ڏينهن کان پوءِ مون پوليس وارن جا ڪپڙا پائي ڇڏيا آهن ۽ هر هنڌ تماشو ڏسڻ لاءِ موجود هوندو آهيان!

# نسخو

ٽري ماءُ پنهنجي انتهائي ڪمزور ۽ بيمار معصوم ٻار کي هنج ۾ کڻي، پير واري ڳوٺ جي صحت مرڪز تي پهتي.

ڊاڪٽر معصوم ٻار کي تپاسي، نسخو لکي ماءُ کي ڏيندي چيو "اها دوا اسان وٽ ڪونهي."

ماءُ پنهنجي ڳوٺ موٽڻ بدران بيمار ٻار کي کڻي، ڏکيو پنڌ ڪري مٿي شهر پهتي ۽ ڊاڪٽر جو لکيل نسخو ميڊيڪل اسٽور واري کي ڏنائين.

ميڊيڪل اسٽور واري نسخو پڙهي چيو "اها دوا اسان وٽ ڪونهي."

ماءُ پريشانيءَ منجهان پڇيو "اها دوا ڪٿي ملندي؟"

ميڊيڪل اسٽور واري ورائيو "ڊاڪٽر لکيو آهي تہ ٻار کي ماءُ جي ٿڃ جي ضرورت آهي!"

ماءُ پنهنجي هنج ۾ جهليل ٻار طرف ڏٺو.

ٻار ڏانهن ڏسندي ماءُ جي چهري تي موت جهڙي مايوسي ڦهلجي وئي، ڇو تہ بک سبب سندس ٿڃ سُڪي وئي هئي!

# درد جو صحرا

نوجوان ٽري عورت سانوري، پنهنجو ڇهن مهينن جو بيمار ٻار کڻي تڪڙي تڪڙي اسپتال ۾ داخل ٿي. سندس معصوم ٻار وڏي مشڪل سان ساهه کڻي رهيو هو.

سانوري ڊاڪٽر جي ڪمري ڏانهن وڌي ته اسپتال جي اهلڪار کيس روڪي، قطار ڏانهن اشارو ڪيو.

اسپتال ۾ ڪيتريون ئي عورتون اڳ ۾ موجود هيون، جيڪي سڀئي پنهنجن ننڍڙن بيمار ٻارڙن کي کڻي ڊگهي قطار ۾ بيٺيون هيون.

سانوري ڊگهي قطار جي آخر ۾ وڃي بيهي رهي.

هر گذرندڙ گهڙيءَ سان سانوريءَ جي ٻار جي طبيعت وڌيڪ بگڙي رهي هئي.

سانوريءَ اسپتال جي اهلڪار کي ٻه ٽي ڀيرا منٿ ڪئي ته کيس اڳ ۾ ڊاڪٽر وٽ موڪليو وڃي پر اهلڪار هر ڀيري سانوريءَ جي ڳالهه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي

سانوريءَ جي ٻار اوچتو هڏڪيون ڏيڻ شروع ڪيون ته سانوريءَ رڙ ڪئي، "مري ويندو... منهنجو ٻچڙو مري ويندو....!"

قطار ۾ بيٺل عورتن ڪنڌ ورائي سانوريءَ ڏانهن ڏٺو. ڪيترين ئي عورتن سانوريءَ کي اڳتي وٺي، ڊاڪٽر جي ڪمري ۾ موڪلي ڇڏيو.

ڊاڪٽر جي ڪمري ۾ پهچي، سانوريءَ هڪ نظر پنهنجي هنج ۾ جهليل هڏڪيون ڏيندڙ ٻار ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ تڪڙ ۾ ٻار کي ڊاڪٽر طرف وڌائيندي رڙ ڪئي "الله جي واسطي منهنجي ٻچڙي کي بچايو!"

ڊاڪٽر ٻار کي تپاسڻ لاءِ هٿ وڌايو تہ ٻار آخري هڏڪي ڏئي ماءُ جي هنج ۾ لڙڪي پيو.

سانوريءَ جو ساهہ مُٺ ۾ اچي ويو.

ڊاڪٽر ٻار کي تپاسي، سانوريءَ ڏانهن ڏسندي چيو "مري ويو."

سانوريءَ رڙيون ڪري روئڻ شروع ڪيو.

ڊاڪٽر سانوريءَ ڏانهن ڏسندي چيو "رڙيون ڪرڻ سان تنهنجو مري ويل ٻار جيئرو ڪونہ ٿيندو. ٻيو ٻار ڄڻجانءِ."

سانوريءَ ٻارَ ڪيڏندي ورائيو "هي منهنجو ٻيو ٻار هو!"

ڊاڪٽر ڏکو ساهہ کڻي چيو "جوان آهين، ٽيون ٻار ڄڻجانءِ."

سانوريءَ سُڏڪا ڀريندي چيو "نہ هاڻي مان ٽيون ٻار نہ ڄڻيندس."

ڊاڪٽر حيرت منجهان سانوريءَ کان سوال ڪيو "ڇو... ڇونہ ڄڻيندينءَ ٽيون ٻار؟"

سانوريءَ پنهنجي مٽي کي ڏَڪَ هنيو. سندس ڏانهن ۾ ٿر جي سڄي صحرا جو درد سمائجي ويو "منهنجو پهريون ٻار سال ۾ مري ويو. ٻيو اڄ ڇهن مهينن ۾ مري ويو. انهيءَ ليکي سان ٽيون ٻار تہ ٽن مهينن ۾ ئي مري ويندو!"

# ڪاسائي

ڳڀرو نوجوان جو لاش گهر پهتو تہ پوڙهي پيءُ کان دانهن نڪري ويئي. پيءُ پنهنجي هٿ سان هڪڙو ڏڪ پنهنجي مٿي تي هنيو سندس اکين مان بہ لڙڪ لڙيا ۽ پوءِ هو ڪنهن اونهي سوچ ۾ گم ٿي ويو.

نوجوان جي لاش پرسان ويٺل سندس ڇهہ ڀينرون پنهنجي پنهنجي وات تي هٿ رکي گونگا ڳوڙها ڳاڙي رهيون هيون. سندن نڙين تي ڄڻ ننهنُ اچي ويو هجي، جو پيءُ ۽ ڀائرن جو حڪم هيو تہ عورت جو آواز گهر کان ٻاهر نہ وڃڻ گهرجي.

قتل ٿيل نوجوان جا ٽي ڀائر گهر پهتا. پاءُ جو لاش ڏسي فيصلو ڪيائون تہ لاش دفنائڻ کان اڳ ۾ پلاند ڪبو.

ٽنهي ڀائرن هٿيارن ۾ هٿ وڌا تہ سندن پوڙهو پيءُ سمجهائيءَ خاطر اچي هنن جي اڳيان بيٺو "اڙي تڪڙ نہ ڪيو. تڪڙ ڪندئو تہ ڪنهن فيصلي يا جرڳي ۾ ڏنڊ ڏوهہ بہ اسان کي ئي ڏيڻو پوندو. هنن توهان جي ڀاءُ تي ڪارنهن جو الزام هڻي پنهنجي ڇوري بہ ماري آهي. اسان جي گهر ۾ بہ ڇورين جي کوٽ تہ ناهي!"

ڇهن ئي ڀينرن دهشت مان ڇرڪي، مئل ڀاءُ تان نظرون هٽائي جيئرن ڀائرن ۽ پيءُ ڏانهن ڏٺو جيڪي ڪاساين جيان هنن ڏانهن ڏسي رهيا هئا.

ڇهن ئي ڀينرن جا جسم ٻڪرين کان وڌيڪ ڪنبي رهيا هئا.

# ڪرب

ليڪچر ڏئي ڪاليج جي ڪلاس روم منجهان نڪتس تہ پنهنجي ذهين ترين شاگردياڻيءَ کي ڪوريڊور جي هڪ ڪنڊ ۾ بيٺل ڏٺم. هن منهنجو ليڪچر تہ اٽينڊ نہ ڪيو هو پر ڪوريڊور جي ڪنڊ ۾ ڪنڌ هيٺ ڪري روئي رهي هئي.

سندس ويجهو وڃي شفقت سان پڇيم، "ڇا ڳالهہ آهي بابلا، ڇو پئي روئين؟"

هن ڪنڌ کڻي مون ڏانهن ڏٺو ۽ ڪو جواب ڏيڻ بجاءِ وري ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيائين. سندس اکين منجهان لڳاتار لڙڪ وهندا رهيا.

پڇيم، "ڪاليج جي ڪنهن شاگرد تنگ ڪيو اٿئي؟"

هن انڪار سان جهڪيل ڪنڌ لوڏيو.

پڇيم، "ڪنهن استاد دڙڪو ڏنو اٿئي؟"

هن ڪنڌ مٿي ڪرڻ کان سواءِ وراڻيو "نہ سر."

پڇيومانس، "تہ پوءِ ڇو پئي روئين بابلا؟"

هن هڪ ڊيل سڏڪو پريو ۽ ڪنڌ مٿي ڪري منهنجي چهري ڏانهن ڏسندي چيائين، "اڄ بابا ڏاڍو ياد پيو اچي!"

" اوه..." همدرديءَ ۽ پيار سان سندس مٿي تي هٿ رکندي پڇيم، "ڪڏهن گذاري ويو آهي؟"

سڏڪا ڀريندي چيائين، "بابا تہ جيئرو آهي سر... پر...."

هڪدم پڇيم، "پر ڇا؟"

لڙڪ لاڙيندي چيائين، ”بابا ٻي شادي ڪرڻ کان پوءِ ڪڏهن بہ واپس اسان جي گهر ناهي آيو. مون پنجن سالن کان بابا کي ناهي ڏٺو... !“

هن ٻيهر ڪنڌ هيٺ ڪري چڏيو ۽ پنهنجي وات تي هٿ رکي سڏڪن جي آواز کي روڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي.

سندس مٿي تي هٿ رکي چيم، ”نہ روءُ بابلا!“

هن ڪنڌ مٿي ڪري منهنجي مُنهن ڏانهن ڏسي، نهايت ڪرب منجهان سُڏڪندي چيو ”سر... جن جا پيئر مري ويندا آهن، انهن جي قبر تہ هوندي آهي. مون وٽ تہ پنهنجي پيءُ جي قبر بہ ناهي، جتي وڃي مان هن لاءِ روئي سگهان.... !“

# نوڪرياڻي

گهر جو ڪم ڪندڙ نوڪرياڻي روز جيان پورهيو ڪرڻ لاءِ پهتي تہ گهر جي مالڪياڻيءَ اچڻ سان ئي ڪيس دڙڪا ڏنا، "تنهنجي اچڻ جو ڪو مقرر وقت ڇو ناهي؟ ڪڏهن اڌ ڪلاڪ اڳ ۾ ايندي آهين تہ ڪڏهن ڪلاڪ دير سان ٿي اچين!"

نوڪرياڻيءَ ڪنڌ هيٺ ڪري آهستي وراڻيو "پنجن گهرن جو ڪم ڪندي آهيان ۽ پنڌ ايندي آهيان، تنهن ڪري ٿوري گهڻي دير سوير ٿي ويندي آهي بيگم صاحبہ."

نوڪرياڻيءَ جو جواب ٻڌي بيگم صاحبہ کي وڏيڪ ڪاوڙ لڳي. هن وري نوڪرياڻيءَ کي دڙڪا ڏنا.

نوڪرياڻيءَ ڪوبہ جواب نہ ڏنو.

نوڪرياڻيءَ گهر جو ڪم شروع ڪيو تہ مالڪياڻي ٿوري ٿوري دير کان پوءِ ڪيس بنا ڪنهن سبب جي دڙڪا ڏيندي رهي.

نوڪرياڻي خاموشيءَ سان ڪم ڪندي رهي ۽ سوچيندي رهي، 'اڳي تہ بنا سبب جي ڪڏهن بہ دڙڪا نہ ڏيندي هئي، اڄ الائي ڇا ٿيو آهي بيگم صاحبہ کي!'

نوڪرياڻيءَ گهر جو ڪم پورو ڪري، وڃڻ کان اڳ ۾ نهايت احترام سان پڇيو "بيگم صاحبہ توهان اڳي تہ بنا سبب جي مون کي ڪڏهن بہ دڙڪا نہ ڏنا هئا پر اڄ اهڙو ڇا ٿيو آهي جو...."

بيگم صاحبہ نوڪرياڻيءَ جي ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽيندي ڪاوڙ سان وراڻيو "ڏسين ڪونہ ٿي تہ گهر جا سڀ اي سي بند آهن. رات کان بجلي بند آهي!"

نوڪرياڻيءَ پنهنجي رئي جي پلئہ سان پگهر اگهيو ۽ ٿڌو ساهہ کڻي چيو "بيگم صاحبا، توهان هڪ رات بجلي بند ٿيڻ جي ڪري پريشان ٿي ويا آهيو. اسان کي ٽي سال اڳي بجليءَ وارن وڏو بل موڪليو هو تڏهن کان اسان جي گهر ۾ بجلي بند آهي!"

# عورت ڪتا

هوءَ جنهن گهر ۾ رهندي هئي، انهيءَ گهر لاءِ هن ننڍپڻ کان جوانيءَ تائين اهوئي ٻڌو هو تہ اهو سندس پيءُ جو گهر آهي!

هن جي شادي ٿي تہ ٻڌائين، اهو سندس مڙس جو گهر آهي!

مڙس مري ويس تہ اهي آوازَ سندس ڪَنن تي پوڻ شروع ٿيا تہ هي تنهنجي پُٽ جو گهر آهي!

هڪ ڏينهن پُٽَ هڪ ڪاغذ ڪڍي اچي سندس اڳيان رکي چيو "هن تي پنهنجي آڱوٺي جو نشان هڻ."

هن ڪاغذ تان ڪنڌ کڻي پٽ ڏانهن ڏٺو. پڇيائين، "چو هٿان آڱوٺي جو نشان؟"

پٽ وراڻيو "مان هي گهر کپائڻ ٿو چاهيان."

هن حيرت سان ٻيو سوال ڪيو "پر ڇو؟!"

پٽ ڪاوڙ منجهان جوابي سوال ڪيو "تون ڪير ٿيندي آهين مون کان پڇڻ واري؟!"

هن صدين کان سيني ۾ سان جواب ڏنو "گهرَ جِي مالڪياڻي مان آهيان!"

پٽ کي ماءُ جي اها ڳالهہ نہ وڻي. هن ماءُ جي ٻانهن ۾ هٿ وڌو ۽ کيس گهر کان ٻاهر ڪڍي در بند ڪري ڇڏيو.

هوءَ ڪيتري دير تائين گهٽيءَ ۾ بيهي دروازي ڏانهن ڏسندي رهي پر دروازو بند ئي رهيو.

هوءَ ڏکھو پنڌ ڪري چوواٽي تي پهتي ۽ چئني پاسي نهاريائين. سندس اکين ۾ صدين جو ٿڪُ هو. هن پنهنجي گهر وڃڻ تي چاهيو پر چئني ڏَسائن ۾ هن کي ڪوبہ پنهنجو گهر نظر نہ آيو.

# ڪنهڙي ۾ بيٺل عورت

عورت سان ڏاڍائي ٿي تہ هوءَ دانهن کڻي پوليس آفيسر وٽ پهتي.

پوليس آفيسر عورت جي ايف آئي آر داخل ڪرڻ کان انڪار ڪندي چيو.
"توسان ڏاڍائي ڪندڙ اسان کان وڌيڪ ڏاڍو آهي!"

عورت انساني حقن لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيم جي اڳواڻ وٽ وڃي دانهن ڏني.

انساني حقن لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيم جي اڳواڻ وراڻيو "اڄڪلهہ اسان عورتن جي حقن بابت سيمينار ڪرائڻ جي تيارين ۾ مصروف آهيون. تنهن ڪري هن وقت اسان تنهنجي ڪابہ مدد نٿا ڪري سگهون."

عورت هڪ اديب وٽ پهچي ظلم خلاف آواز اٿارڻ لاءِ عرض ڪيو.

اديب عورت ڏانهن اڻ وڻندڙ نظرن سان ڏسندي چيو "مان رومانوي داستان لکندو آهيان. ظلم خلاف آواز اٿارڻ منهنجو ڪم ناهي!"

عورت هڪ شاعر وٽ پهچي ظلم خلاف آواز اٿارڻ لاءِ گذارش ڪئي.

شاعر وراڻيو "مان پنهنجي محبوب جي اکين ۽ ادائن تي غزل لکڻ لاءِ سوچي رهيو آهيان. مهرباني ڪري منهنجي تخليقي عمل ۾ رخنو نہ وجهہ."

عورت هڪ دانشور کي وڃي دانهن ڏني.

دانشور چيو "مان اجتماعي معاملن تي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندو آهيان. انفرادي مسئلن تي سوچي پنهنجو وقت وڃائڻ نٿو چاهيان."

عورت هڪ سياستدان وٽ پهچي ظلم خلاف ڳالهائڻ لاءِ چيو.

سياستدان وراڻيو "مون وٽ تنهنجي لاءِ وقت ناهي. اڄڪلهہ مان اقتدار جي ڪرسي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهيان."

عورت حڪمران جي خدمت ۾ حاضر ٿي ظلم جو داستان بيان ڪيو.

حڪمران ورائيو "مون وٽ تنهنجي لاءِ وقت ناهي. اڄڪلهه مان اقتدار جي ڪرسي بچائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهيان."

عورت عدالت ۾ پهچي انصاف جو در ڪڙڪايو.

منصف عورت سان ڏاڍائي ڪندڙ کي گرفتار ڪري عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

عدالت جي ڪٽهڙي ۾ بيٺل عورت منصف ڏانهن ڏسندي عرض ڪيو. "مون سان انصاف تڏهن ٿي سگهندو جڏهن ڏاڍائي ڪندڙ ظالم سان گڏ، سماجي سطح تي مون سان ناانصافي ڪندڙ سيئي ماڻهو عدالت جي ڪٽهڙي ۾ بيهاريا ويندا."

عورت جي ڳالهه ٻڌي منصف سوچ ۾ پئجي ويو.

# معصوم فريادي

زال، مڙس ۽ سندن ٻن سالن جو ٻار عدالت ۾ موجود آهن.

اها عورت ۽ مرد ٻئي اعلي تعليم يافته آهن. ٻئي هڪ ئي ڪارپوريٽ آفيس ۾ نوڪري ڪندا هئا. گڏ ڪم ڪندي هنن جي دوستي ٿي ته هو آفيس کان ٻاهر به ڪڏهن گڏ وقت گذارڻ لڳا. وقت سان گڏ پاڻ ۾ وڌيڪ ويجها ٿيا ته ٻنهي هڪ ٻئي لاءِ دل ۾ پيار محسوس ڪيو.

مرد، محبت جي عالمي ڏينهن تي عورت کي شاديءَ لاءِ پروپوز ڪيو ته عورت جي چهري تي مُرڪ اچي وئي ۽ هن هاڪار سان ڪنڌ لوڏيو.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ هنن شادي ڪري ڇڏي.

شاديءَ کان ڪجهه عرصو پوءِ زال مڙس جي وچ ۾ ننڍا ننڍا اختلاف ٿيڻ شروع ٿيا پر ڪنهن موقعي تي مڙس صبر کان ڪم ورتو ته ڪنهن مهل زال خاموشي اختيار ڪئي.

سندن پُٽ جو جنم ٿيو ته ٻنهي هڪ ٻئي کان وڌيڪ خوشي محسوس ڪئي پر سندن اختلافَ تڏهن به ختم نه ٿي سگهيا.

پُٽ جي عمر به سال ٿي ته زال مڙس جا اختلاف وڌي وڃڻ ٿيا.

زال طلاق گُهري پر مڙس طلاق ڏيڻ کان انڪار ڪيو.

زال عدالت پهچي خلع جي درخواست داخل ڪئي.

هاڻي عدالت ۾ جج جي سامهون هڪ طرف جي ڪٽهڙي ۾ مرد بيٺل آهي ۽ ٻئي پاسي واري ڪٽهڙي ۾ عورت موجود آهي، جنهن جي هنج ۾ ٻن سالن جو ٻار آهي.

جج عورت ڏانهن ڏسي چوي ٿو "هي عدالت توهان کي بيهر هڪ ڪلاڪ لاءِ اڪيلائي ۾ ڳالهائڻ جو موقعو ڏئي ٿي، جنهن کان پوءِ عدالت فيصلو ٻڌائيندي"

جج جي حڪم تي زال، مڙس ۽ سندن ٻار کي عدالتي عملي جا اهلڪار اڪيلائي ۾ ڳالهائڻ لاءِ هڪ ڪمري ۾ ڇڏي اچن ٿا.

هڪ ڪلاڪ کان پوءِ زال، مڙس ۽ سندن ٻار واپس آندو وڃي ٿو ته پُٽ ماءُ جي بدران پيءُ جي ياڪر ۾ آهي.

جج جي سامهون هڪ طرف جي ڪٽهڙي ۾ عورت وڃي بيهي ٿي ۽ ٻئي طرف جي ڪٽهڙي ۾ مرد پنهنجي پٽ کي ياڪر ۾ جهلي وڃي بيهي ٿو.

جج عورت ڏانهن ڏسي پڇي ٿو "هاڻي ٻڌايو توهان ڇا ٿا چاهيو؟"

عورت چوي ٿي، "مان خلع حاصل ڪرڻ چاهيان ٿي."

جج خلع جو فيصلو ٻڌائڻ کان پوءِ چوي ٿو "هي عدالت ٻار کي ماءُ جي حوالي ڪري ٿي."

عورت پنهنجي ڪٽهڙي مان نڪري مرد جي ڪٽهڙي وٽ وڃي ٿي ۽ ٻار کي سندس پيءُ کان وٺي ٿي ته ٻن سالن جو ٻي سمجهه ۽ معصوم ٻار پيءُ ڏانهن وڃڻ لاءِ ٻانهون سڌيون ڪري زور زور سان روئڻ لڳي ٿو.

جج اهو منظر ڏسي سوچي ٿو 'انڌي قانون سبب ٻن سالن جي انهيءَ معصوم ٻار کي سزا ملي آهي، جنهن جو ڪوبہ ڏوهہ ناهي!' ۽ پوءِ جج ڏکھو ساهہ کڻي رمارڪ ڏئي ٿو "جڏهن محبت جا رشتا ٽٽندا آهن تہ انهيءَ جو درد محبت جي رشتن مان جنم ورتل رت جا رشتا ڀوڳيندا آهن!"

جج پنهنجي چيمبر ۾ هليو وڃي ٿو ۽ عدالت ۾ معصوم ٻار رڙيون ڪندو رهي ٿو.

# ناراض منصف

ديس جي سڀ کان وڏي عدالت ۾ ننڍڙي نياڻيءَ سان جنسي ڏاڍائيءَ جي فيصلي جو ڏينهن هو.

وڏي عدالت جي وڏي ايوان ۾ وڏي منصف جي سامهون ڪٽهڙي اندر اهو ملزم بيٺو هو جنهن تي ڇهن سالن جي ننڍڙي نياڻيءَ سان جنسي ڏاڍائي ڪرڻ جو الزام هو.

منصف عدالت جي ايوان ۾ ويٺل انهيءَ ماءُ ڏانهن ڏٺو جنهن جي هنج ۾ سندس ڇهن سالن جي ڌيءَ هئي.

جنسي زيادتيءَ جو شڪار ٿيل معصوم نياڻي ماءُ سان چنبڙيل هئي ۽ هن پنهنجو مُنهن ماءُ جي ڇاتيءَ ۾ لڪائي، اکيون بند ڪري ڇڏيون هيون.

منصف ڪنڌ ورائي ڪٽهڙي ۾ بيٺل ملزم ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ فيصلو ٻڌايو "سمورين ثابتين کان پوءِ معصوم نياڻيءَ سان ڏاڍائي ڪندڙ کي موت جي سزا ڏجي ٿي."

عدالتي ايوان ۾ موجود ماڻهن منصف جي فيصلي تي واهه واهه ڪئي ته ماءُ جي جسم سان چنبڙيل معصوم نياڻي امڙ جي هنج مان لهي، ڊوڙندي عدالتي ايوان کان ٻاهر هلي وئي.

منصف ۽ عدالت جي ايوان ۾ موجود سڀ ماڻهو حيران ٿي ويا.

منصف ڏاڍائيءَ جو شڪار ٿيل نياڻيءَ جي ماءُ ڏانهن ڏٺو ته عورت اٿي بيهي عرض ڪيو "منهنجين ٻين نياڻين سان به ڏاڍائي ٿي آهي!"

منصف حيرت سان پڇيو "ڪٿي آهين تنهنجيون اهي نياڻيون؟"

عورت جي جواب کان اڳ ۾ ئي، ڏاڍائيءَ جو شڪار ٿيل سندس ڇهن سالن جي نياڻي ايوان ۾ واپس آئي. سندس پٺيان هزارين معصوم نياڻيون وڏي عدالت

جي وڏي ايوان ۾ داخل ٿي ويون، جن ۾ ڪيترِيون ٻانبڙا پائيندڙ ننڍڙيون نياڻيون به شامل هيون. ڪيترِيون ئي ننڍڙيون نياڻيون ريهاٽ ڪري روئي رهيون هيون ۽ ٻيون سخت هيسيل بيشمار نياڻيون خوف سبب ڪنبي رهيون هيون.

منصف حيرت سان عورت ڏانهن ڏسندي پڇيو. "ڇا اهي سڀ ٻارڙيون تنهنجيون نياڻيون آهن!؟"

عورت جي اکين منجهان به لُڙڪ ٽِمي ڏرتيءَ تي ڪِريا ته عدالتي ايوان ۾ ٻارش ڪان پوءِ جهڙي مِٽيءَ جي مِهڪ ڦهلجي ويئي.

عورت ٿڏو ساهه کڻي وراڻيو "ها، مان انهن سڀني نياڻين جي ماءُ آهيان."

منصف پڇيو "ڇا انهن سڀني معصوم نياڻين سان جنسي ڏاڍائي ٿي آهي؟"

عورت وراڻيو "جيڪي نياڻيون روئي رهيون آهن، انهن سان ڏاڍائي ٿي چڪي آهي ۽ جيڪي ڪنبي رهيون آهن، اهي سڀئي ڏاڍائي ٿيڻ جي خوف ۾ مبتلا آهن!"

منصف پڇيو "انهن جي خوف کي ڪيئن ٿو ختم ڪري سگهجي؟"

عورت وراڻيو "ڏاڍائيءَ جي خوف ۾ مبتلا نياڻين کي خوف مان تڏهن نجات ملندي، جڏهن ڏاڍائي ڪندڙ وحشين کي سرِعام ڦاهي ڏني ويندي"

عورت جي ڳالهه ٻڌي منصف پنهنجي سامهون رکيل انڌي قانون جي مجسمي طرف نهاريو ۽ پوءِ هن مجسمي کي هٿ ۾ کڻي، ناراض نظرن سان مجسمي جي اکين ڏانهن ڏٺو. منصف جي دل چاهيو جيڪر هو مجسمي جي اکين تان پٽي لاهي ڦِٽي ڪري ڇڏي پر انڌي قانون جي پٿر سان ٺهيل مجسمي جِي اکين تي پٽي به پٿر جي ئي ٻڌل هئي!

# ٽارگيٽ ڪلر

موٽر سائيڪل تي پويان ويٺل دوست کي هن گهٽيءَ جي ڪنڊ تي پان واري جي ڪئبن اڳيان لاهيندي چيو "تون تيز پتيءَ وارا ٻہ پان تيار ڪرائي وٺ، تيسين مان پنهنجو ڪم ڪري واپس ٿو اچان."

هو تيزيءَ سان موٽر سائيڪل هلائيندو ٻہ گهٽيون اڳيان وڃي ٻڌايل جاءِ تي پهتو. گهٽيءَ جي اونداهي ڪنڊ ۾ موٽر سائيڪل بيهاري، هو پاسيرو ٿي سيٽ تي ويهي رهيو. ٻن منٽن جي انتظار کان پوءِ سندس موبائل فون تي ڪال آئي. ڪال ڪندڙ چيو "هُو جيڪو ماڻهو بلو ڪار طرف اچي رهيو آهي، تنهنجو اڄوڪو ٽارگيٽ اهو آهي."

هن ليمپ پوسٽ جي هلڪي روشنيءَ ۾ سامهون ايندڙ شخص طرف ڏسي پوءِ هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو. نيم ويران رستي تي نيم اونداهيءَ ۾ ڪيس پنهنجي لاءِ ڪو بہ خطرو نظر نہ آيو. جيئن ئي اهو شخص پنهنجي ڪار وٽ پهتو تہ ڪار جو دروازو کلڻ کان اڳ ئي هڪ گولي اچي سندس سيني ۾ لڳي ۽ هو ڪار جي ٽائر ڀر سان ڪِري پيو.

موٽر سائيڪل روڊ تي اسڪريچ هڻندي پانَ جي ڪئبن اڳيان بيٺي. سندس دوست هڪدم موٽر سائيڪل تي هن جي پويان ويٺو ۽ موٽر سائيڪل پوري اسپيڊ سان اڳتي هلي وئي.

باربي ڪِيو ريسٽورنٽ ۾ ماني کائڻ کان پوءِ هن ٽيبل تي پيل بل تي هڪ نظر وجهي دوست کان پڇيو "هڪ ماڻهوءَ جو وزن ڪيترو هوندو آهي؟"

دوست ڏند کوٽيندي بي فڪريءَ سان ورانيو "خبر ناهي، هوندو پنجاهہ سٺ ڪلو گرام."

هن ٽارگيٽ ڪلنگ جي معاوضي طور مليل پندرهن سئو ۾ هڪ سئو روپيا ٻيا وجهي، سورهن سئو رپيا بل واري پليٽ ۾ ڦِٽي ڪيا ۽ سگريٽ دکائيندي چيائين، "اڄڪلهہ ڪيڏي مهانگائي ٿي وئي آهي يار، پنجاهہ سٺ ڪلو جي ماڻهوءَ سان ٻاڪري گوشت جي هڪڙي ڪلو واري ڪڙهائي بہ نٿي ملي!"

# ٽائيم بم

هن ڪار چوري ڪئي ۽ ڪار هدايتون مليل هنڌ تي ڪٽي ويو. ڪار ۾ ٽائيم بم فِٽ ڪري، ڪار واپس سندس حوالي ڪئي وئي.

هو رات جو واپس گهر پهتو ته سندس سمورا گهرياتي ننڊ پيا هئا.

صبح جو تيار ٿي وڃڻ لڳو ته سندس ننڍڙي پٽ نئين ڪار ۾ گهمڻ جي فرمائش ڪئي.

هن هيٺ جهڪي معصوم پٽ کي چمي ڏيندي چيو "ٿوري دير ۾ اچان ٿو پوءِ گهمڻ هلنداسين."

هو ڪار ڊرائيو ڪري مخصوص جاءِ تي هدايتون وٺڻ لاءِ پهتو. هدايتن سان گڏ نوٽن جون ڪجهه دستيون به سندس حوالي ڪيون ويون.

دهشتگرديءَ جي واردات لاءِ ٽارگيٽ ڪيل هنڌ تي پهچي، هن شهر جي مصروف ۽ پرهجوم علائقي جو جائزو ورتو. هن ڪار کي وڏيڪ رش واري جاءِ تي پارڪ ڪيو ۽ ٽائيم بم جو ٽائيمر سيٽ ڪري ڪار مان لهي ويو.

هو سامهون ئي ڪجهه فاصلي تي انهيءَ بلڊنگ جي ستين فلور تي پهتو جتي سندس هدايتڪار جا ڪارندا بم ڌماڪي جو منظر ڏسڻ لاءِ پهچي چڪا هئا.

هن ستين فلور جي اپارٽمينٽ جي دريءَ وٽ ڪارندن جي پرسان بيهي، روڊ جي ٻئي پاسي ٽائيم بم فِٽ ٿيل ڪار طرف ڏٺو ته ڇرڪي پيو. ڪار جي پرسان سندس زال به موجود هئي، جنهن جي هڪ هٿ ۾ شاپنگ بيگس هيون ۽ ٻئي هٿ ۾ سندس ننڍڙي پٽ جو هٿ هو. سندس پٽ ڪار کي سڃاڻي، ماءُ ڏانهن ڏسي

ڪار طرف اشارو ڪيو. سندس زال پٽ سوڊو ڪار جي ويجهو وڃي ايئن بيهي رهي، ڄڻ هوءَ سندس انتظار ڪندي هجي.

ستين فلور جي دريءَ وٽ بيٺل دهشتگرد پنهنجي زال جي موبائل نمبر کي ٽچ ڪيو پر ڪال نہ لڳي. ڪال ڊراپ ٿيڻ کان پوءِ هن موبائل فون ۾ ٽائيم ڏٺو. ڏهاڪو ٿيڻ ۾ اڃا ٽي منٽ هئا. هن هڪدم اپارٽمينٽ مان نڪري لفٽ ڏانهن ڊوڙ پاتي.

روڊ تي ٽريفڪ جي وچ مان ڊوڙندي، هن جي نظر روڊ جي ڀئي طرف ڪار جي ڀرسان بيٺل پنهنجي معصوم پٽ تي ڪتل هئي. هن کي پڪ هئي تہ هو تيزيءَ سان ڊوڙندو پنهنجي پٽ کي ڪار کان پرتي ڪٽي ويندو پر اڃان هو روڊ جي وچ تي ئي هو تہ ڏهاڪو ٿي ويو ۽ رت جا ڇنڊا اچي سندس مُنهن تي لڳا.

# خودڪش بمبار

ننڍي عمر واري خودڪش بمبار ڪفن جهڙا اڇا ڪپڙا پهريا ته سندس ساٿين کيس جنت ڏانهن وڃڻ جون واڌايون ڏنيون.

بمبار جي مُنهن تي مُرڪ اچي وئي ۽ ڪنهن تصور سان سندس اکين ۾ خمار لهي آيو.

خودڪش جيڪٽ جي تياريءَ ۾ ٿوري دير ٿي ته بمبار ٽِڏو ساهه ڪٽي چيو. "جنت ۾ ستر حورون منهنجي انتظار ۾ آهن ۽ توهان مون کي دير ڪرائي رهيا آهيو!"

بمبار جي ڳالهه ٻڌي سندس ماسٽر مائينڊ چيو "ٿورو صبر ڪر ۽ جيڪٽ ۾ وڌيڪ بارود پرجڻ ڏي"

بي سمجهه بمبار بي صبريءَ سان وراڻيو "بارود گهٽو وجهو يا ٿورو، پر مون کي جلدي روانو ڪيو. مان حورن کي وڌيڪ انتظار ڪرائڻ نٿو چاهيان!"

ماسٽر مائينڊ مُرڪي، بمبار کي سمجهائي ڏني."ڌماڪو ڪرڻ سان تون هڪدم ستر حورن وٽ جنت ۾ ته پهچي ويندين، پر تنهنجي ڪيل ڌماڪي سان جيترا وڌيڪ ماڻهو مرندا، جنت ۾ اوترا ئي وڌيڪ تنهنجا درجا بلند ٿيندا."

بمبار، خودڪش جيڪٽ ۾ وڌيڪ بارود پرجڻ جو بيچينيءَ سان انتظار ڪندو رهيو. جڏهن جيڪٽ تيار ٿيو ته بمبار، عقيدت ۽ احسانمنديءَ سان ماسٽر مائينڊ جا هٿ چميا ۽ ٻاهر نڪري ويو.

خودڪش بمبار مسجد ۾ نمازين جي وچ ۾ وڃي ويٺو ۽ سجدي ۾ ويندي هن ڌماڪو ڪري ڇڏيو. ڌماڪو ٿيڻ شرط هن پنهنجو جسم سڙندي ۽ ڦٽجندي محسوس ڪيو. کيس پڪ هئي ته ڌماڪي کان پوءِ اها ٿوري دير جي تڪليف آهي، ڪجهه دير اندر ئي هو جنت ۾ داخل ٿي ويندو جتي ستر حورون سندس انتظار ڪري رهيون آهن. جڏهن گهڻي دير تائين سندس عذاب ختم نه ٿيو ته هن اکيون کولي ڏٺو. سندس جسم دوزخ جي باهه ۾ سڙي رهيو هو ۽ دوزخ جون خوفناڪ بلائون سندس جسم تان گوشت پَٽي رهيون هيون!

# دهشتگردي

دهشتگردن سان ويڙهہ خاطر سرڪار پاران جوڙيل هڪ جٿي جي اڳواڻ، پنهنجي اعلي اڳواڻ کي اطلاع ڏنو "اسان سخت مقابلي کان پوءِ چئن دهشتگردن کي ماريو ۽ ٽن کي گرفتار ڪيو آهي!"

اعلي عملدار، اهلڪارن لاءِ انعام جو اعلان ڪري، ڇڏيو ۽ پاڻ کان وڏيڪ اعلي عملدار کي اطلاع ڏنو "اسان جي بهادر جٿي تمام سخت مقابلي کان پوءِ چئن خطرناڪ دهشتگردن کي ماريو آهي ۽ ٽن تمام خطرناڪ دهشتگردن کي گرفتار ڪيو آهي!"

وڏيڪ اعلي عملدار، اهلڪارن جي پروموشن جو اعلان ڪري ڇڏيو ۽ وزير صاحب کي اطلاع ڏنو "اسان جي بهادر جوانن، پنهنجي جان جي پرواهہ ڪرڻ کان سواءِ انتهائي سخت مقابلي کان بعد، چئن تمام خطرناڪ دهشتگردن کي مارڻ کان پوءِ ٽن تمام وڏن دهشتگردن کي گرفتار ڪيو آهي!"

شهرت جي شوقين وزير صاحب جي حڪم تي، تڪڙ ۾ هنگامي پريس ڪانفرنس جو بندوبست ڪيو ويو.

وزير صاحب ٻانهون لوڏيندي ڏکي پريس ڪانفرنس ڪرڻ کان پوءِ چيو "اسان جي بهادر جوانن چئن دهشتگردن کي ماري ۽ ٽن تمام وڏن دهشتگردن کي خطرناڪ هٿيارن سميت گرفتار ڪري، ملڪ کي تمام وڏي دهشتگرديءَ کان بچائي ورتو آهي!"

اهو چئي وزير صاحب فخر سان چيو "وڏن دهشتگردن جا چهرا ۽ انهن وٽان هٿ آيل خطرناڪ هٿيار ميڊيا کي ڏيکاريا وڃن."

چئن دهشتگردن کي مارڻ کان پوءِ ٽن دهشتگردن کي گرفتار ڪندڙ جٿي جي اڳواڻ، پريس ڪانفرنس ۾ آندل دهشتگردن جي مٿان پيل چادر کنئي تہ ٽن معصوم ٻارڙن جا هيسيل چهرا ظاهر ٿيا ۽ انهن جي سامهون ميز تي پيل چادر کنئي وئي تہ ان تي ڪير پيئڻ جو هڪ فيڊر رکيل هو!

# شاهہ زمان جو ڊرائنگ روم

رستي تي هو اوچتو منهنجي سامهون اچي بيٺو.
پڇيائين، "مون کي سڃاڻين ٿو؟"
مون سندس چهري ۾ نهاريو ۽ انڪار سان ڪنڌ لوڏيم.
هن پنهنجي بوسڪيءَ جي قميص جي ڪالر کي نيڪ ڪندي چيو "ٿورو غور ڪر."
مون غور سان سندس چهري ڏانهن ڏسندي وراڻيو "معاف ڪجو مان توهان کي نٿو سڃاڻان."
هن پنهنجي اکين تان قيمتي چشمو لاهيندي چيو "يلا هاڻي ڏس، سڃاتئي؟"
مان ڪجه دير هن ڏانهن ڏسندو رهيس.
هو منهنجي سامهون خاموش بيٺو مرڪندو رهيو.
چيم، "توهان جو چهرو تہ ڪجهہ ڏٺل لڳي ٿو پر..."
هن ٿهڪ ڏئي ٻانهون کوليندي وراڻيو "اڙي مان شاهہ زمان آهيان!"
مون هن کي ڀاڪر پائيندي چيو "اڙي شاهو.... !"
ڀاڪر پائڻ کان پوءِ هن منهنجي ٻانهن ۾ هٿ وڌو ۽ پرسان بيٺل ڊبل ڪيبن گاڏيءَ ڏانهن وڌيو تہ گاڏيءَ جي پرسان بيٺل گارڊ دروازو کوليو.
شاهہ زمان مون کي گاڏيءَ ۾ ويهڻ لاءِ چيو تہ مان هن سان انڪار نہ ڪري سگهيس، جو هو منهنجي ننڍپڻ جو دوست هو.
اسان ٻئي پرائمري اسڪول ۾ گڏ پڙهيا هئاسين. پرائمري کان پوءِ هو وڌيڪ پڙهڻ لاءِ ڪراچيءَ هليو ويو جتان پوءِ هن کي سندس والد اعلي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ پرڏيهہ موڪلي ڇڏيو هو. پرائمري اسڪول کان پوءِ اڄ اسان جي اوچتو

پهرين ملاقات ٿي هئي. وچ ۾ وڏو زمانو گذري ويو هو جنهن ڪري اڄ مان هن کي سڃاڻي نه سگهيو هئس.

شاهه زمان ڏانهن ڏسندي پڇيم، "ڪيڏانهن پيو ڪنيو هلين مون کي؟"

مرڪي چيائين، "فلحال ته گهر پيا هلون، پوءِ ڪنهن محفل ۾ هلي ويندا سين...."

سندس محل نما گهر جي ڊرائنگ روم ۾ داخل ٿياسين ته سامهون واري ديوار تي پئي، جنهن تي شڪار ڪيل جانورن جون ميندييون ۽ شاهه زمان جي وڏن جون پراڻي زماني جون يادگار بندوقون ٽنگيل هيون. ٻين ديوارن ڏانهن نظر ڦيريم ته مون کي بيحد خوشي ٿي، جو ڪيترن ئي قيمتي شوپيسز ۽ پينٽنگز سان گڏ هڪ بڪ شيلف به موجود هو.

مان اٿي وڃي بڪ شيلف جي پرسان بيٺس ۽ هڪ ڪتاب کڻي ڏسندي چيم، "شاهو تنهنجو خانداني شوق ته هٿيارن سان کيڏڻ ۽ شڪار ڪرڻ هجي ها پر مون کي خوشي ٿي آهي ته تو هٿيارن بدران ڪتابن سان دوستي ڪئي آهي!"

شاهه زمان جو ٿهڪ ٻڌي ڪنڌ ورائي هن ڏانهن ڏٺم ته هو جديد دور جي هڪ بندوق کي صاف ڪري رهيو هو. ٿهڪ ڏيڻ کان پوءِ مُرڪي چيائين، "مون اڄ تائين انهن ڪتابن مان ڪنهن ڪتاب کي کولي به ناهي ڏٺو. شوق ته منهنجا به اهي ساڳيا ئي شڪارن ۽ هٿيارن وارا آهن، ڪتاب ته مڙئي ڊرائنگ روم جي سجاوٽ خاطر رکيل آهن!"

# بوتل، بوٽ ۽ ڪتاب

مين روڊ تان ڪار ترن ٿِي هڪ گهٽي ۾ پهچي بيهي رهي.

هن ڏهه هزار رپيا ڪڍي ڊرائيور کي ڏنا.

ڊرائيور ڪجهه فاصلي تي موجود هڪ دڪان جي ڪڙڪيءَ اڳيان رش ۾ شامل ٿي ويو. ڪجهه دير کان پوءِ ڊرائيور ڪاغذ ۾ ويڙهيل بوتل آڻي، ڪار جي پوئين سيٽ تي هن جي پاسي ۾ اچي رکي ڇڏي

شهر جي فيشن ايبل علائقي مان گذرندي، هن ڪار روڪرائي ۽ هڪ مشهور ڪمپنيءَ جي بوٽن جي دڪان ۾ هليو ويو. هڪ بوٽ پسند ڪري هن قيمت پڇڻ کان سواءِ پئڪ ڪرايو ۽ ڪائونٽر تي وڃي، بل ڏسي هن کيسي مان پندرهن هزار رپيا ڪڍي ڏنا.

شهر جي رش واري پراڻي علائقي ۾ هن ڪار روڪرائي ۽ ڪتابن جي دڪان ۾ هليو ويو.

ڪيتري دير تائين هو مختلف شاعرن جا ڪتاب اٿلائي پٿلائي ڏسندو رهيو ۽ پوءِ هن دڪاندار کان هڪ مشهور شاعر جو ڪتاب گُهريو.

دڪاندار بيحد سهڻو ضخيم ڪتاب ڪڍي، ڪائونٽر تي سندس اڳيان رکيو.

هن ڪتاب کڻي کوليو ۽ ڪتاب جي قيمت ڏسندي حيرت سان چيو "ڇهه سئو رپيا.... !"

دڪاندار بنا دير جي چيو "توهان پنج سئوئي ڏيو پر ڪتاب کڻي وڃو."

"نه ڪتاب ڏاڍا مهانگا ٿي ويا آهن!" اهو چئي هن ڪتاب واپس ڪائونٽر تي رکيو ۽ دڪان مان ٻاهر نڪري ويو.

# لفظن جا جادوگرءِ هڪ ڇوڪري

ادبي دنيا ۾ نئين آيل نوجوان ليکڪا جي حُسن جي هر طرف هاڪَ ٿي وئي.

هڪ شاعر, ليکڪا جي تحريرن جي تعريف ڪرڻ کان پوءِ کيس چيو "دل چوي ٿي تنهنجين نيرين اکين جي سمنڊ ۾ ٻُڏي وڃجي!"

ليکڪا پنهنجي پرس منجهان ڪارا گلاسز ڪڍي اکين تي چاڙهي ڇڏيا.

هڪ ڪهاڻيڪار, ليکڪا جي تحريرن جي تعريف ڪرڻ کان پوءِ کيس چيو "مان تنهنجي زلفن جي ڇانوَ ۾ سمهڻ ٿو چاهيان!"

ليکڪا پنهنجي کُليل وارن کي پوتيءَ ۾ ويڙهي ڇڏيو.

هڪ ناول نگار, ليکڪا جي تحريرن جي تعريف ڪرڻ کان پوءِ کيس چيو "مان سڄي زندگي توسان گڏ رهڻ ٿو چاهيان!"

ليکڪا, ناول نگار کان پرتي وڃي ويهي رهي.

هڪ ڊراما نگار, ليکڪا جي تحريرن جي تعريف ڪرڻ کان پوءِ کيس چيو "مان تنهنجي احساسن کي ڇُهڻ ٿو چاهيان!"

ليکڪا پنهنجو مُنهن ٻئي پاسي ڪري ڇڏيو.

هڪ چترڪار, ليکڪا جي تحريرن جي تعريف ڪرڻ کان پوءِ کيس چيو "مان تنهنجي زندگيءَ ۾ خوشين جا رنگ ڀرڻ ٿو چاهيان!"

ليکڪا, چترڪار جي ڳالهه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي.

هڪ ماهرِ لسانيات, ليکڪا جي تحريرن جي تعريف ڪرڻ کان پوءِ کيس چيو "تون منهنجي سامهون ويٺي رهين ته مان تنهنجي حُسن بابت ڪو نئون لفظ ٺاهيان!"

ليکڪا اٿي پرتي وڃي ويٺي.

هڪ محقق، ليڪڪا جي تحريرن جي تعريف ڪرڻ کان پوءِ کيس چيو "مون کي ڪجهه وقت ڏي تہ مان تنهنجي سونهن تي تحقيق ڪيان!"

ليڪڪا تڪڙ ۾ اٿي وئي.

هڪ دانشور، ليڪڪا جي تحريرن جي تعريف ڪرڻ کان پوءِ کيس چيو "تون منهنجي ويجهو اچي ويهہ تہ مان حُسن جي فلسفي تي ڪجهہ غور فڪر ڪيان!"

ليڪڪا وڌيڪ پرتي ٿي وئي.

هڪ ڪالم نگار، ليڪڪا جي تحريرن جي تعريف ڪرڻ کان پوءِ کيس چيو "تون ڪجهہ دير منهنجي ڀرسان ويهہ تہ مان تنهنجي سونهن جو مشاهدو ماڻي، حَسين چهرن بابت هڪ ڪالم لکان!"

ليڪڪا کي ڪالم نگار جي ڳالهہ نہ وڻي. هوءَ ڪالم نگار کان گهڻو پرتي هلي وئي.

هڪ نقاد ليڪڪا جي ويجهو آيو تہ ليڪڪا کي تنقيد جو خوف ورائي ويو.

نقاد، ليڪڪا جي لکڻين تي تبصرو ڪرڻ کان سواءِ چيو "تون دنيا جي حَسين ترين ڇوڪري آهين!"

ليڪڪا جي چهري تي مُرڪ پکڙجي وئي ۽ هوءَ اڳتي سُري، نقاد جي وڌيڪ ويجهو اچي وئي.

# دانشور

هن ڪهاڻيون لکيون پر ڪهاڻيڪار جي حيثيت سان پاڻ مڃائي نہ سگهيو فقط ٻوڙ هاريندو رهيو.

ڪهاڻيون لکڻ کان توبهہ ڪري شاعري ڪيائين پر دلين کي گرمائي نہ سگهيو بس رنڊا ئي روڙيندو رهيو.

شاعري ڇڏي ڪالم لکڻ شروع ڪيائين پر فقط ڪاڳر ئي ڪارا ڪندو رهيو.

ڪنهن صلاح ڏنس تہ ڪتاب ڇپجڻ سان ادبي دنيا ۾ مڃتا ماڻي سگهجي ٿي.

پبلشرن جي انڪار کان پوءِ هن کي پنهنجي خرچ تي پنهنجا ڪتاب پاڻ ئي ڇپرائڻا پيا ۽ بازار ۾ وڪرو نہ ٿيڻ تي مفت ۾ ورهائڻا پيا.

پنهنجي خرچ تي ڪتابن جون مهورتون بہ ڪرايائين تہ پاڻ سان رهاڻيون بہ رچرايائين پر مڃتا جي منزل ماڻي نہ سگهيو ۽ پوءِ هن لکڻ ڇڏي ڏنو.

گهڻي وقت کان پوءِ مليو تہ ڏاڍو خوش هو.

چيائين، "اجايو پئي رنڊا روڙيم ۽ ڪاڳر ڪارا ڪيم! هاڻي فقط ادبي، تعليمي ۽ سماجي پروگرامن ۾ تقريرون ڪندو آهيان ۽ ماڻهو مون کي دانشور چوندا آهن!"

# مسافر

اها خوبصورت عورت ريل ۾ منهنجي سامهون واري سيٽ تي ويٺي هئي. هن جون نظرون پنهنجي موبائيل فون ۾ هيون ۽ منهنجيون نظرون منهنجي موبائيل فون ۾ هيون. ڪافي دير کان پوءِ هن پنهنجي موبائيل فون رکي ۽ هينڊ بيگ منجهان هڪ ڪتاب ڪڍيو.

منهنجي نظر هن ڏانهن وئي تہ منهنجي چهري تي مُرڪ اچي وئي. مون کي مرڪندي ڏسي هن جي چهري تي ڪاوڙ اچي وئي. هن تيز نظرن سان مون ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ ڪتاب پڙهڻ لڳي.

ريل هلندي رهي.

هوءَ ڪتاب پڙهندي رهي ۽ منهنجيون نظرون پنهنجي موبائيل فون جي اسڪرين ۾ اٽڪيل رهيون.

ٽن ڪلاڪن کان پوءِ هن ڪتاب بند ڪيو تہ غير ارادي طور تي منهنجي نظر هن ڏانهن هلي وئي.

خوبصورت عورت ڪاوڙ منجهان مون ڏانهن ڏسندي چيو. "توهان پنهنجو ڪيترو وقت موبائيل تي وڃايو آهي!"

وراڻيم. "مون پنهنجو وقت وڃايو ناهي محترما!"

طنز سان چيائين. "پنجن ڪلاڪن کان توهان جي هٿ ۾ موبائيل فون موجود آهي. ڏسڻ ۾ تہ پڙهيل لکيل ٿا لڳو. توهان وٽ سفر ۾ پڙهڻ لاءِ ڪو ڪتاب هجڻ گهرجي ها!"

ٽرين منهنجي منزل تي بيهڻ واري هئي.

مون پنهنجو بيگ کڻندي مرڪي وراڻيو "سفر ۾ توهان ڪتاب پڙهندا رهيا آهيو ۽ مان موبائيل فون تي ڪتاب لکندو رهيو آهيان!"

خوبصورت عورت انتهائي حيرت سان چيو "چا.... !"

وراڻيم، "توهان منهنجو ئي لکيل ناول پئي پڙهيو ۽ مان موبائيل فون تي پنهنجو نئون ناول لکي رهيو هئس!"

هن حيرت سان مون ڏانهن ڏٺو.

خوبصورت عورت حيرت سبب ڪجهه ڳالهائي نه سگهي ۽ مان تڪڙو در ڏانهن وڌي ويس، جو ريل انهيءَ اسٽيشن تي فقط ٻه منٽ بيهندي هئي.

# ڪهاڻيڪار ۽ محقق

چيائين، ”مان محقق آهيان. تو وانگر خيالي ڪهاڻيون ناهيان لکندو.“

مُرڪي وراڻيم، ”مان تخليقي ليکڪ آهيان محقق صاحب. مون کي تنهنجي تحقيق سان ڪا به دلچسپي ناهي!“

مُنهن ۾ گهنڊ وجهي چيائين، ”توکي تحقيق جي اهميت جو اندازو ئي ناهي!“

وراڻيم، ”تخليق لاءِ تحقيق لازم ناهي پر تحقيق لاءِ تخليق جو هجڻ ضروري آهي!“

# انسانيت زنده آهي

مسجد ۾ فائرنگ ٿي ته ڪيترائي ئي انسان مارجي ويا.

مسلمانن سان گڏ ٻين مذهبن جي ماڻهن به درد محسوس ڪيو ۽ مسجد جي اڱيان مري ويلن جي ياد ۾ گل رکيا .

مندر تي حملو ٿيو ته ڪيترائي انسان مارجي ويا.

هندوئن سان گڏ ٻين مذهبن جي ماڻهن به درد محسوس ڪيو ۽ مندر جي اڱيان مري ويلن جي ياد ۾ ڏيئا ٻاريا .

گرجا گهر ۾ دهشتگردي ٿي ته ڪيترائي انسان مارجي ويا.

عيسائين سان گڏ ٻين مذهبن جي ماڻهن به درد محسوس ڪيو ۽ گرجا گهر جي اڱيان مري ويلن جي ياد ۾ شمعون روشن ڪيون.

بيشمار انسانن جي مارجي وڃڻ کان پوءِ به مسجد، مندر ۽ گرجا گهر جا دروازا کليل آهن.

ماڻهن شڪست ناهي کاڌي، خوف ۾ مبتلا ناهن ٿيا ۽ نه ئي هڪ ٻئي لاءِ سندن دلين جا دروازا بند ٿيا آهن.

# بادشاهي فيصلو

هڪ سال جي گم ٿيل معصوم ٻار کي سندس پيءُ ماءُ تائين پهچائڻ لاءِ سمورا حيلا هلايا ويا، پر ٻار جا ماءُ پيءُ هٿ نہ آيا. جڏهن سرڪار جون سموريون ڪوششون ناڪام ٿي ويون، تڏهن هڪ سائنسدان اعلان ڪيو تہ هو انهيءَ ٻار کي سندس پيءُ ماءُ تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندو.

سائنسدان ٻار کي پنهنجي ليبارٽريءَ ۾ ڪٺي ويو. ڪيترن ڏينهن جي لڳاتار ڪوشش کان پوءِ، سائنسدان انهيءَ ٻار جي دماغ ۾ جنم وٺندڙ خيالن جون تصويرون ڪڍڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري ورتي. انهن تصويرن ۾ ڪجهہ تصويرون هڪ عورت ۽ مرد جون بہ هيون. ٻار انهيءَ عورت ۽ مرد جو خيال اچڻ تي ڪنهن وقت مرڪيو ٿي تہ ڪنهن وقت رُنو پئي.

سائنسدان اعلان ڪيو تہ هن انهيءَ ٻار جي دماغ ۾ موجود سندس پيءُ ۽ ماءُ جي خيالن کي تصويرن جي صورت ۾ حاصل ڪري ورتو آهي!

سائنسدان جي ڳالهہ تي ڪيترن ماڻهن اعتبار نہ ڪيو ۽ انهن تصويرن کي جعلي قرار ڏنو پر جڏهن انهن تصويرن وسيلي ٻار جا ماءُ پيءِ ملي ويا تہ ملڪ ۾ ترٿلو مچي ويو.

ڪيترائي وزير، مشير، سياستدان، سرڪاري آفيسر، صنعتڪار، واپاري ۽ ٻيا وائيٽ ڪالر ڪرمنل ماڻهو سخت پريشان ٿي ويا. انهن سيني بااثر ماڻهن، انهيءَ سائنسدان کي سماج لاءِ خطرو قرار ڏيندي، ملڪ جي بادشاهہ کان مطالبو ڪيو تہ سائنسدان کي سدائين لاءِ قيد ڪيو وڃي.

بادشاهہ انهن بااثر ماڻهن جي مطالبي تي غور ڪرڻ جو وعدو ڪيو.

رات جو بادشاھ خفيہ نموني سائنسدان جي ليبارٽري ۾ ويو ۽ پنهنجي دماغ ۾ موجود خيالن جو تصويرون ڪيرائي ڏٺيون. اهي تصويرون ڏسڻ ڪان پوءِ بادشاھ سخت حيران ٿي ويو.

ڪجھ ڏينهن ڪان پوءِ بادشاهي محل مان، سائنسدان کي ملڪ جو سڀ کان وڏو بادشاهي تمغو ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو.

جلد ئي شاهي تقريب جو بندوبست ڪيو ويو ۽ بادشاھ سلامت، پنهنجي هٿن سان سائنسدان کي اعلي ترين تمغي سان نوازيو.

ٻئي صبح تي شاهي مهمان خاني ۾ سائنسدان مئل حالت ۾ مليو!

سائنسدان جي موت تي بادشاهي محل منجهان اعلان ڪيو ويو "اسان جو ملڪ دنيا جي عظيم ترين سائنسدان کان محروم ٿي ويو آهي، جنهن ڪري بادشاهي فرمان مطابق ٽن ڏينهن جي سوڳ جو اعلان ڪجي ٿو."

# عاشق ـ سدائين انتظار ڪندا آهن!

هوءَ روز صبح جو باغ ۾ واڪ ڪرڻ ايندي هئي ۽ مان روز هن کي ڏسڻ لاءِ باغ ۾ ويندو هئس. مان هڪ نظر هن ڏانهن ڏسي ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيندو هئس ۽ وري جڏهن هن جي ويندڙ قدمن جا آواز ٻڌندو هئس ته، ڪنڌ کڻي هن ڏانهن نهاريندو هئس. جيسين هوءَ باغ منجهان ٻاهر نه هلي ويندي هئي، تيسين مان هن کي ويندي ڏسندو رهندو هئس.

هوءَ گلن جي وچ ۾ جاگنگ ٽريڪ تي واڪ ڪندي هئي ۽ مان ٻڙ جي وڏي وڻ جي هيٺان رکيل بينچ تي ويٺل هوندو هئس. هن جي وڃڻ کان پوءِ مان به خاموشيءَ سان اٿي باغ کان ٻاهر نڪري ويندو هئس.

هڪ ڏينهن مان ڪنڌ هيٺ ڪري ويٺو هئس ته، هوءَ خاموش قدمن سان هلندي منهنجي پرسان اچي ويٺي. جهڪيل ڪنڌ سان منهنجي نظر هن جي پيرن تي پئي ته مان اٿي بيهي رهيس.

پڇيائين، "تون هتي روز ڇو ايندو آهين؟"

وراڻيم، "فقط توکي ڏسڻ لاءِ."

هن حيرت سان مرڪي پڇيو "فقط هڪ نظر مون کي ڏسڻ لاءِ...!؟"

ڪنڌ هيٺ ڪري چيم، "ها... ۽ پوءِ توکي ويندي لڳاتار ڏسندو رهندو آهيان."

پڇيائين "ڇا تون مون کي سدائين لاءِ پنهنجي اکين جي اڳيان رکڻ چاهيندين؟"

مون کي پنهنجي ڪنن تي اعتبار نه آيو. مون ڪنڌ کڻي هن ڏانهن ڏٺو پر بي يقينيءَ سبب ڪو به جواب نه ڏئي سگهيس.

هن هڪدم پڇيو "جلدي ٻڌاءِ ها يا نه؟"

مون تڪڙ ۾ چيو "ها."

هوءَ مرڪي پئي. چيائين، ”منهنجو انتظار ڪجانءِ. مان شام جو واپس ايندس.“

مان هن جو انتظار ڪرڻ لاءِ اچي ويٺس. ٻڙ جي پوڙهي وڻ هيٺان رکيل بينچ تي ويهي رهيس.

شام جو هوءَ نه آئي، ٻئي ڏينهن صبح جو به هوءَ نه آئي.

مان لڳاتار اتي ويٺو رهيس... ۽ منهنجي زندگيءَ جي شام ٿي وئي!

مان ويچڻ لڳس ته ٻڙ جي قديم وڻ چيو ”تون پهلي ماڻهو وچ پر مان هن جو صدين تائين انتظار ڪندو رهندس.“

# Micro Fiction

## زندگي

چيائين، ”گهٽو نہ لِڪ، تڪجي پوندين.“
وراڻيم، ”روز نہ لکندس تہ، ساهہ ڪيئن کڻندس!“

O

## بک

ڳورهاري عورت
پنهنجي اڻ ڄاول ٻار جا ڪپڙا
وڪرو ڪري ڇڏيا!

O

## مصور

چيائين، ”آهين تہ مصور پر ڪم مالهيءَ وارو پيو ڪرين!“
وراڻيم، ”دنيا ۾ مالهيءَ کان وڏو مصور ڪوبہ ناهي.“

## وقت

چيم، ”تون پراڻي گيت جهڙي خوبصورت آهين.“
ٺهڪ ڏئي چيائين، ”نہ، مان گراموفون واري دور جي ناهيان!“

O

## لاڪ ڊائون

پيءُ جو آخري سگريٽ پُٽ چورائي ويو.

O

## پنهنجي ٻني

پڇيائين، ”تون سڀ ڪهاڻيون فقط سنڌيءَ ۾ ڇو ٿو لکين؟“
وراڻيم، ”مان پاڻي پنهنجي ٻنيءَ کي ڏيڻ ٿو چاهيان.“

## فليش فڪشن جو چمڪاٽ

ڀاءُ زيب، سنڌي ڪهاڻيءَ جو زيب آهي. مالڪ ڇا ته نوازيو آهي ڪيس... هن جنهن به پِڙ ۾ پير ڏريو آ، ڪمال نقش ڇڏيو آهي. ڪمال زيبڪاري ڪئي آهي! اهو ناول هجي يا ٽيلي ناٽڪ، ڪهاڻي هجي يا ريڊيو ناٽڪ، ڪمپيئرنگ هجي يا ميڊيا تي في البديع گفتگو. زيب، زيب آهي! سندس لاڳيتي محنت ۾ هڪڙو افتخار اهو به رهيو آهي ته، هو سنڌي ٻوليءَ جو اهو ڪهاڻيڪار آهي، جيڪو انيڪ ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي. اردو، انگريزي، بنگالي، هندي، پنجابي، پشتو، بلوچي، هريانوي، پهاڙي، جرمن ۽ ٻين به ڪيترين ٻولين ۾ سندس ڪرت پهچي چڪي آهي، جيڪو هن لاءِ به اعزاز آهي ته اسان ڀائرن لاءِ به. علمي ادبي ڀائر ته آهيون، حياتيءَ ۾ به هن ڀائرن جهڙو پيار ڏنو آهي. وڏندو رهه ڀاءُ... فليش فڪشن جو چمڪاٽ رڳو چمڪو ناهي، اهو مختصر ڪهاڻيءَ جو روشن اُهاءُ آهي، زيب آهي!

**محمود مغل**

8 فيبروري 2023ع

## سوشل ميڊيا ڪمينٽس :

اوهان جي هنرڪاريءَ سنڌي جي جديد فڪشن نگاريءَ ۾ هڪ نئون ٽرينڊ متعارف ڪرايو آهي.

**تاج بلوچ**

زيب سنڌي جون ڪهاڻيون بيحد دلچسپ هونديون آهن. سندس ڪهاڻين ۾ ايترو سسپنس هوندو آهي جو اهي مڪمل پڙهڻ کان سواءِ ڇڏي ناهن سگهبيون.

**ممتاز مهر**

زیب سندھی کی فلیش کہانیوں کا تاثر مشروب کے ایک گھونٹ کا سا ہے، جس میں امرت کی شیرینی اور زہر کی تلخی کچھ اس طرح سے گھلی ملی ہوئی ہیں کہ آہ آہ یا واہ واہ کرنے کی نوبت ہی نہیں تی آ۔ وہ ایک بے بدل قلمکار ہیں۔

**ستیاپال آنند**

زیب سندھی کو کہانی کہنے کے ہنر پر جیسا عبور حاصل ہے، مجھے اس پر رشک آتا ہے۔

**وجاہت مسعود**

I liked your flash fiction. Much can be said in such few words.

**Linda Bayley**

Zaib has a particular style of creating interest in stories. He stands high in his stories and novel.

**Kazi Khadim**

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.